
حُر گوریلا تحریک
Sindhica

# حر گوريلا تحريڪ

سنڌين جي مزاحمتي سگهه جي روشن باب
حر گوريلا تحريڪ جون حڪمت عمليون، اصل حقيقتون
۽ پير صبغت الله راشديءَ جي شخصيت متعلق تحقيق


ليکڪ
آفتاب نبي
ڪرنل فلپ
ڪرنل وصال محمد
وليداد "ولي"
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



Sindhica
سنڌيڪا

كتاب نمبر

119

ڇپائيندڙ جا سيئي حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2002ع
ڪتاب جو نالو: حر گوريلا تحريڪ
ليکڪ: آفتاب نبي، ڪرنل فلپ، ڪرنل وصال محمد، ولي داد 'ولي'، ڊاڪٽر بلوچ
سهيڙيندڙ: نوراحمد ميمڻ
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

مُلهه: =/100 رپيا

"Hurr Goreela Tahreek"
Compiled by: Noor Ahmed Memon
Published by: Sindhica Academy,
B- 24, National Auto Plaza, Mariston Road,
Karachi-74400.
Email: sindhica-aca@yahoo.com
Phone: 7737290

اسٽاڪسٽ
ڪانياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب حيدرآباد- رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو.
سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديه پلازا گهنٽاگهر سکر.
جاويد بوڪ اسٽور شهدادڪوٽ. نيشنل بوڪ ڊپو خيرپور
عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو - ادب ڪارنر نوابشاهه
هائوس آف ناولٽي ميرپور ماٿيلو

لکپڙهه ۽ وي پي ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ ڪراچي 74400

# فهرست


## آفتاب نبي

حُر تحريڪ جو پسمنظر 11
گوريلا ويڙهه جو منصوبو 17
پير صاحب جي نقطء نظر بابت سي آءِ ڊي جو رپورٽون 22
لئمبرڪ جي حڪمت عملي 27
اي ايچ هولٽ، جيڪو قاسيءَ جي سزا جو سخت حامي هو 33
ڪيس هلڻ کان اڳ سازش 40
ڪيس هلڻ کان اڳ سازش جي تياري 46
هن اڏول انسان موت جي ڏاڍي شان ۽ وقار سان آجيان ڪئي هئي 53
پير صاحب پاڳاري جو ڳجهو دفن ڪفن 59
پير پاڳاري جي شهادت ۽ بي انتها بهادر حر 65

## ڪرنل وصال محمد

سنڌ ۾ حر هلچل 71
مارشل لا 1942ع 76
مارشل لا ڪانپوءِ 86
پير صاحب تي مقدمو 89
الزام 92

## ڪرنل فلپ

حر تحريڪ جي ناڪاميءَ جا سبب 95

## وليداد ولي


سنڌ ۾ مارشل لا وقت اکين ڏٺا واقعا سن 1942ع- 1945ع 104
مارشل لا ايراضيءَ وارو ماحول 104
12 مئي 1942ع فوج ۾ ڀرتي 104
22 جولاءِ 1942ع مارشل لا ايراضي ڏانهن روانگي 105
25 جولاءِ 1942ع ڪورٽ مارشل 107
غداريءَ ۽ جانثاريءَ جو حيرت انگيز مثال 108
ڀهرين سيپٽمبر 1942ع حواس باختگيءَ جو هڪ مزيدار واقعو 110
4 جنوري 1943ع مکي ٻيلي ڏانهن روانگي 111
حُرن جو انتقامي حملو 114
5 سيپٽمبر 1943ع ڪمپنيءَ جو اچڻ ۽ اڳتي وڌڻ 117
6 سيپٽمبر 1943ع مکي ۾ داخلا 117
29 سيپٽمبر 1943ع سپاهيءَ جو گم ٿيڻ 122
1 نومبر 1943ع ٻگجهڙيءَ پٽ ڏانهن مارچ 124
12 نومبر 1943ع حُرن جو حملو 126
6 ڊسمبر 1943ع جمڙائو هيڊ ڏانهن روانگي 128
22 ڊسمبر 1943ع علي شير چانگ 128


## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني رحه 131
ضميمو 145

باسمه تعاليٰ

## سهيڙيندڙ پاران

پوئين صديءَ ۾ سنڌين جي مزاحمتي جنگ جا ٻه موقعا تاريخ جو روشن باب آهن. هڪ ته صديءَ جي پهرين اڌ ۾ حر گوريلا جنگ جي صورت ۾ انگريزن کان آزاديءَ جي تحريڪ ۽ ٻيو صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي صورت ۾ پنجاب جي تسلط خلاف نفرت جو اظهار. پوئين موقعي جي نوعيت لاءِ گهڻن ماڻهن کي تحفظات ٿي سگهن ٿا ليڪن هي ڳالهه پنهنجي جاءِ تي هڪ پڌري حقيقت آهي ته سنڌي ماڻهن فوجي آمريت کي پنجاب جو قومي تسلط سمجهي فوجي راڄ سان بهادريءَ واري ويڙهه ڪئي. ليڪن بدقسمتيءَ سان ايم آر ڊيءَ جي قيادت وٽ اهڙي ڪابه تياري ڪونه هئي جنهن سان سنڌين جي مزاحمت کي قومي مزاحمت جي درجي وٺرائڻ جو موقعو ۽ مقصد حاصل ڪري سگهجي. ان تحريڪ جو سچو زور سنڌ ۾ هو ۽ اهو عين ممڪن هو ته سنڌ جي قومي تحريڪ ايم آر ڊي تحريڪ جي اثرن ۽ نتيجن جو فائدو حاصل ڪري وٺي ها جيئن بنگالين 6 نڪتن جي جمهوري ويڙهه کي آزاديءَ جي ويڙهه تي توڙ ڪيو ليڪن موقعي پٺاندڙ گرم لوهه تي وڌاڻ واهي ڪڍڻ بجاءِ قومي تحريڪ جي رهبرن پاران الٽو ان تحريڪ جي برملا مخالفت جي سرگرمي شروع ٿي ۽ ٻئي طرف جيئن فوج ايم آر ڊي قيادت کي ڌونس ۽ لالچ تي ڀاڙي ڪرڻ جا حربا هلايا تيئن قومي تحريڪ جي قيادت تي به ساڳيو حربو استعمال ٿيو ۽ ائين ”ماڙو ۽ ويچارا ڪلندي رات ڪٽجي ويا.“

ساڳيو مسئلو حر تحريڪ سان هو. پير ڳوٺ جي پاڳارن ۽ سندن جماعت سنڌ جي ٻين اڪثر پيرن وانگر انگريزن سان وفاداريون نڀائي جاگيرون ۽ ٻيون مراعتون حاصل ڪرڻ بجاءِ نندي ڪنڌ ۾ انگريزن جي تسلط کي چيلينج ڪيو. پاڳارن جي انگريزن خلاف جماعت بندي ان وقت ئي ٿي چڪي هئي جڏهن انگريزن اڃان سنڌ فتح ڪونه ڪئي هئي. سيد صبغت الله شاهه راشدي اول جي دور ۾ سيد احمد شهيد انگريزن جي ساٿاري سک حاڪم رنجيت سنگھ جي خلاف جيڪا ويڙهه ڪئي، پاڳارن ان ويڙهه ۾ پنهنجي جماعت جا ماڻهو موڪلي ڏنا، جن اتي ويڙهه ۾ بهادري ۽ بي ڊپائيءَ جو مظاهرو ڪري ”حر جماعت“ جو لقب اختيار ڪري ورتو.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ پاڳارن جي جماعت مان خليفي غلام نبي لغاري ”فرق“ فرقي جي بنياد وڌو جيڪو سرويچ فقيرن جو ٽولو هو ۽ انگريز نواز ديسي دلالن سان مقابلا ڪرڻ ۽ سر گھوري قربان ڪرڻ انهن جو بنيادي اصول هو. ان وقت پير حزب الله شاهه هڪ طرف جماعت کي چوڪين ۽ ٽُڪن سان منظم ڪيو ۽ ٻئي طرف سنڌ مان انگريزن جي تسلط ختم ڪرڻ لاءِ ترڪيءَ جي سلطان عبدالحميد ڏانهن خط لکيو ته نصارن جو برصغير ۽ سنڌ تي قبضو مسلمانن جي روايتن کي نهوڙي رهيو آهي ان لاءِ ترڪيءَ جي خلافت پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

1896ع ۾ انگريزن جي خلاف پهرين حر بغاوت شروع ٿي. انگريزن حرن جي سرگرمين کي نوٽ ڪري پير صاحب جي جماعت ۽ حرن خلاف سازشون ۽ ڪارروايون شروع ڪيون ته جواب ۾ حرن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ سانگھڙ لڳ مڪيءَ جي ٻيلي کي پنهنجو جنگي مرڪز بڻايو. انگريزن جي حڪومت مخالف 12 ڄڻن تي مشتمل ”متوازي حڪومت“ جوڙي جنهن ۾ ”بچو“ خاصخيلي بادشاهه بڻيو ۽ ٻيا وزير ڪوتوال ۽ منشي هئا. حرن جي هن متوازي حڪومت انگريز سرڪار جي سڄي فرعونيت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي ۽

هو حرن کي سخت عقوبتن ۽ مصيبتن ۾ وجهڻ جي باوجود انهن جي آزادي واري جذبي ۽ ارڏائيءَ کي ماٺو ڪري نه سگهيا.

پير حزب الله شاهه ڪانپوءِ پير شاهه مردان شاهه جي دور ۾ انگريزن جي تسلط خلاف ويڙهه واريون سرگرميون ٿڌيون پئجي ويون. ليڪن پير شاهه مردان شاهه جي فرزند پير صبغت الله شاهه ثاني جڏهن سجاده نشيني سنڀالي ته حر تحريڪ کي نئين سري منظم ڪيائين. انگريزن سندن ننڍي عمر جو گمان ڪري لک ڪوششون ڪيون ته کيس پنهنجي دوستيءَ ۾ وٺي اچن ليڪن هن پير ۾ طبعاً آزادي پسندي ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هئي انڪري برملا انگريزي جي قانونن ۽ قاعدن جي خلاف ورزي ڪندي حر جماعت کي منظم ڪرڻ شروع ڪيائين. انگريزن سندس عزيزن ۽ واسطيدارن مان ڪجهه کي پاڻ سان ملائي نوجوان پير صاحب متان ڪوڙا ڪيس جوڙي اٺن سالن جي سزا ڏئي کيس هيسائڻ ۽ سڪيت ڏيڻ خاطر رتناگري جيل موڪلي ڇڏيو.

پير صاحب کي جيل اماڻي حر جماعت تي سختين ۽ سزائن جي قيامت برپا ڪئي وئي. 1936ع ۾ پير صاحب قيدڪاٽي واپس آيو ته سنڌ ۾ انگريزن جو تخت اونڌو ڪرڻ لاءِ خفيه نموني جماعت ۾ مجاهدن جي ڀرتيءَ کي وڌائڻ شروع ڪيو ۽ حر تحريڪ کي گوريلا بنيادن تي هلائڻ جي رٿابندي ڪئي. هي رٿابندي انوکي به هئي ته مشڪل به. ڇو ته گوريلا ويڙهه جي لاءِ هتي نه جبل هئا نه گهاٽا جهنگ ۽ نه ڪا سياسي پنيرائي. ان وچ ۾ پير صاحب حج جي سانگي مڪ مڪرم پهتو ته مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان سندس حرم شريف ۾ ملاقاتون ٿيون جيڪو ان وقت سڄي دنيا مان انگريزن جي نو آباديات جي خاتمي لاءِ هر خطي مان ايندڙ ماڻهن کي مربوط ڪرڻ جو فريضو پڻ سرانجام ڏئي رهيو هو. بس حج کان واپسيءَ تي پير صبغت الله شاهه آزاديءَ جي گوريلا ويڙهه کي تيز ڪري ڇڏيو.

1939ع ۾ جڏهن انگريز ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ مصروف هئا ته

پير صاحب انهن جي سورهيه جو فائدو وٺي حرن کي سڄي سنڌ ۾ گوريلا ڪاروايون سان انگريزن جو نظام ڊانوانڊول ڪرڻ جو گرين سگنل ڏنو. سڄي سنڌ ۾ ممڻ مچي ويو ۽ انگريزن جون وايون بتال ٿي ويون. آخرڪار 1941ع ۾ پير صاحب کي نظربند ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ به حالتون انگريزن جي ڪنٽرول ۾ اچڻ جهڙيون نه هيون. نتيجي ۾ انگريزن کي 1942ع ۾ سنڌ ۾ پهريون مارشل لا لڳائڻو پئجي ويو. پير صاحب جو وجود انگريزن کي پنهنجي ذلت آميز خاتمي جو پيش خيمو محسوس ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري آزاديءَ جي هن سورهيه سرواڻ کي موت جي ننڊ سمهارڻ جي لاءِ حيلا شروع ڪيا ويا ۽ وڏا وس هلائي آخر هن مرد مجاهد کي ڦاسي ڏئي سنڌ مان اٿندڙ آزاديءَ جي آواز کي خاموش ڪرڻ جي پنهنجي ليکي آخري ڪوشش ڪئي وئي.

هي ڪتاب حر گوريلا تحريڪ جي انهيءَ سڄي تفصيل کي پڙهندڙن جي سامهون آڻي ٿو.

هي حر گوريلا تحريڪ تي لکيل هيستائين اهم تحريرن جو مجموعو آهي. ليڪن هن تحريڪ تي اجا به هڪ باضابط تفصيلي ڪتاب جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. اسان ڇا يونيورسٽين ۾ ويٺل پروفيسر شاگردن کي پي ايڇ ڊيءَ لاءِ اسان جي قومي تاريخ جا هي اهم پهلو تحقيق واسطي ڏين ته جيڪر ڪافي مواد سميٽجي پوي. حر تحريڪ جي حوالي سان هي پهلو پڻ بيحد وضاحت ۽ تفصيل جوڳو آهي ته هي تحريڪ باقاعدي انگريزن جي قبضي کان نجات ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ويڙهه هئي. ڪرنل فلپ جي مضمون ۾ ان جون ڇتايون باقاعدي موجود آهن. ٻي اهم ڳالهه هي آهي ته سنڌ جي آزاديءَ واري مزاحمتي ويڙهه ۾ ويڙهندڙ جماعتن ۽ عام ماڻهن ۾ وٿي ڇو رهي؟ ان جو هڪڙو سبب ته ڪرنل فلپ چواڻي آزاديءَ جي غاصب طاقتن جو انهن تحريڪن جي نوعيت جي باري ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ آهي. جيئن انگريزن حر تحريڪ جي

اڳواڻ جي باري ۾ ذاتي ڪردار ڪشين جي اٽت ڪئي ۽ حر تحريڪ کي دهشتگرديءَ جي تحريڪ جو تاثر ڏنو. پر ڇا ان سان گڏ ڪي اهڙا نفسياتي عوامل به آهن جيڪي سنڌي ماڻهن کي ڪنهن به اجتماعي ڌارا ۾ رلجڻ ۽ پوئجڻ ۾ رڪاوٽ آهن.

اهڙا ۽ ٻيا اهم پهلو ڪٺي سنڌين جي مزاحمتي ويڙهه تي ڪو به تحقيق ڪري ٿو ته اسان سنڌيڪا جي پاران ان کي اکين تي رکي شايع ڪنداسين.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

## حر تحريڪ جو پس منظر

پهرين حر ڇاپا مار جنگ 1880ع واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي هئي. تن ڏينهن هن ويڙهه جو مهندار بچو بادشاهه هيو. هن ڏکي ويڙهه کانپوءِ پنهنجي گرفتاري پيش ڪئي هئي. جان ڪورٽ ڪري پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي ته هن ۽ سندس نائب عيسيٰ کي موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. بعد ۾ کين سانگهڙ ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو، جيڪو سندن ڪيل ڪارروائين جو مرڪز هو.

• افسوس جي ڳالهه آهي جو انتظاميه هنن جي لاشن کي ڳجهو دفن ڪري ڇڏيو هو. سر ائڊمنڊ ڪاڪس بارٽ انهيءَ زماني ۾ شڪارپور جو ايس پي هو جنهن کي پوءِ حيدرآباد جو ايس پي مقرر ڪيو ويو هو ۽ آخرڪار هو سنڌ جو پهريون ڊي آءِ جي پوليس به مقرر ٿيو. هن "پوليس ائنڊ ڪرائيم ان انڊيا" جي عنوان سان هڪ ڪتاب لکيو هو جيڪو 1910ع ۾ شايع ٿيو هو. مذڪوره ڪتاب ۾ هن تسليم ڪيو آهي ته جيڪڏهن هنن پنهي ماڻهن جون قبرون جوڙيون وڃن ها ته اهو ماڳ حرن لاءِ هڪ زيارت گاهه بڻجي پوي ها.

سيد شاهه مردان شاهه 1921ع ۾ وفات ڪري ويو هو جيڪو هن سلسلي جو پنجون پاڳارو هو. ان کانپوءِ سندن فرزند سيد صبغت الله شاهه ٻيون ڇهين پاڳاري جي حيثيت ۾ گاديءَ تي ويٺو جنهن جي ان وقت عمر فقط ٻارهن ورهيه هئي. 1920ع واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ سيد صبغت الله شاهه ۽ انتظاميه وچ ۾ ويڇا وڌي ويا. پير صاحب پاڳارو نهايت بهادر ۽ ارڏو انسان هو. تنهن ڪري هن ۽ انتظاميه وچ ۾ موجود تعلقات نهايت خراب ٿي چڪا هئا. پيٽرمين

جهڙن نقادن پڻ هيءَ حقيقت قبول ڪئي آهي ته سيد صبغت الله جي شخصيت ۾ هڪ وقار ۽ شانِ هو، حر سندس حڪم تي اکيون ٻوتي، سر ترين تي رکي عمل ڪندا هئا.

ڪمشنر هن جي بندوقن جا ليسن رد ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. ان ڪانپوءِ 1930ع ۾ بنا لائسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو هو. ان ڪان سواءِ مٿس اغوا ۽ قتل جا الزام به مڙهيا ويا هئا. 28 آگسٽ 1930ع تي سکر جي سٽي مئجسٽريٽ مسٽر اڊارام انڊين پينل ڪوڊ جي فقري 344 ۽ 346 هيٺ ۽ آرمس ائڪٽ جي ڏوهه ۾ ابراهيم نالي هڪ ڇوڪري کي صندوق ۾ بند ڪري رکڻ جي الزام ۽ بيشمار هٿيارن ۽ بارود رکڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس اٺن سالن جي سزا ٻڌائي هئي. پر مٿس قتل وارو الزام ثابت ٿي ڪونه سگهيو هو. ان ڪانپوءِ پير صاحب کي رتناگري جيل ۾ رکيو ويو هو. هن ڪجهه وقت مدناپور ۽ علي پور جي جيلن ۾ پڻ گذاريو هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هوندي هئي ۽ مسٽر سائمنگٽن حيدرآباد جو ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو هو. هو واضع طور ٻڌائي ٿو ته ان وقت ڪلڪتي جي عليپور جيل ۾ انتها پسند قومپرستن ۽ بنگالي دهشگردن سان سندن لڳ لاڳاپا پيدا ٿي چڪا هئا. ان ڪانپوءِ ملڪي انتظاميه خاص ڪري اسپيشل برانچ سنه 42-1941ع ۾ ملڪ دشمن عناصر سان تعلقات هئڻ جا پڻ الزام مٿس مڙهيا هئا.

پير صاحب سزا ڪاٽي آڪٽوبر 1936ع ۾ سنڌ ۾ موٽي آيو هو جنهن ۾ حڪومت ساڻس ڪجهه رعايت به ڪئي هئي. هو هڪ فاتح جي حيثيت ۾ اسپيشل ريل گاڏي وسيلي سنڌ آيو هو، جنهن جو بندوبست حرن ڪيو هو. ڊاڪٽر ايس ايف ڊي انصاري جي ڪتاب (1843) ”صوفي سئنٽس آف سنڌ ائنڊ اسٽيٽ پاور (1947ع) ۽ ”دي پيرس آف سنڌ“ (1937ع) مطابق سرڪاري انتظاميه ٻڌايو هو ته پير صاحب ”حرن کي پنهنجي خانگي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي.“ ان ڪانسواءِ هن جهيڙي فساد جي نبيري واسطي

پنهنجون ڪورٽون قائم ڪري ورتيون آهن ۽ ماڻهن کي چيو ويو آهي ته اهڙي قسم جي فرياد پوليس ٿاڻي بدران قائم ڪيل ڪورٽن جي سربراهن وٽ درج ڪرائين.

1941ع ۾ پير صاحب کي سرڪار ڪراچيءَ سڏايو ۽ ڪيس ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ زور ڀريو پر اتي ٿوري وقت رهڻ کانپوءِ پير صاحب ڳوٺ هليو آيو. ڪيس موٽائي وري به ڪراچي آندو ويو ۽ هن کي ڊفينس آف انڊيا جي قانون تحت نوٽيس به ڏنو ويو ان کانسواءِ پوليس نگرانيءَ هيٺ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

سرڪار جي اهڙن قدمن جي نتيجي ۾ خيرپور، نوابشاهه ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ تخريبڪاري ڪئي وئي، سرڪاري ملڪيتن کي ساڙي رک ڪيو ويو ۽ ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. سرڪار جي سختي ڪرڻ کان پوءِ حرن به پنهنجي ڇاپا مار ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آڻي ڇڏي. پوليس ۽ مئجسٽريٽن سنڌ جي آزادي لاءِ هلندڙ هن حر تحريڪ کي مسلح بغاوت جو نالو ڏئي بيتڪي جبر ۽ تشدد شروع ڪري ڏنو.

1942ع جي مارچ جي منڍ ۾ هيو ٽريور لئمبرڪ کي نوابشاهه ۽ ٿرپارڪر ضلعن جو اي ڊي ايم مقرر ڪيو ويو هو. فلپ ووڊ رف ٻڌائي ٿو ته ايچ ٽي لئمبرڪ کي پنهنجي هن نئين ڪامورڪي حيثيت ۾ وڌيڪ اختيار ملي ويا هئا جن وسيلي هو عام ماڻهوءَ جو اعتماد بحال ڪري ٿي سگهيو.

مجموعي طور تي حالتون وڳوڙي هيون. قانون جي حڪمراني ۽ امن امان نالي ماتر موجود هو. متاثر علائقن جي پوليس عملدارن جو حال ان وقت جي ايس پي اسپيشل ڊيوٽي سانگهڙ الهچائي خان جي خط مان به معلوم ٿي وڃي ٿو جيڪو هن تاريخ 4 اپريل 1942ع تي لکيو هو. هن ايس پي ٿرپارڪر ڏانهن لکيو هو ته سرڪار طرفان پير صاحب جي اهل عيال کي وٺي وڃڻ ۽ گڙنگ واري بنگلي تي بم اڇلي ناس ڪرڻ کانپوءِ حرن سر ترين تي رکي ڇاپا مار ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. حر تحريڪ پاران دشمنن جو قتل عام ۽

سرڪاري جڳهيون ساڙي رک ڪرڻ جون ڪارروايون چوٽ چڙهي ويون آهن. سانگهڙ حر تحريڪ جو مرڪزي علائقو آهي جيڪو هميشہ حرن جي حملي جي خطري ۾ آهي. هو هن ڳالھ تي وڏيڪ زور ڏئي ٻڌائي ٿو تہ وٽس اينٽري پوليس ڪانہ آهي جو شهر جي چڱيءَ ريت ناڪابندي ڪري سگهي نہ وري سانگهڙ ۾ فوجي ڪئمپ آهي. هن شهر ۾ پنجاب پوليس جون فقط ٻہ پلاٽون موجود آهن جيڪي پڻ منهنجي ضابطي هيٺ ڪونہ رکيون ويون آهن. ڪيس وڏيڪ چوي ٿو تہ حرن خلاف صحيح نموني سان ڪم ڪرڻ لاءِ سانگهڙ واري ٿاڻي تي پوليس جو وڏيڪ تعداد مقرر ڪيو وڃي.

8 مئي 1942ع تي سنڌ جي ڪمشنر جي گهرو کاتي ڪراچي طرفان پير صاحب جي اهل عيال خلاف حڪم جاري ڪيو ويو جنهن ۾ پير صاحب جا پاڪ سنڌس ٻہ فرزند سڪندر شاھ ۽ نادر شاھ، پير صاحب جون ٻہ ڀينرون، سندس خاص ٻانهي ۽ گهر جون چار نوڪرياڻيون شامل هيون. حڪم نامي تي سي بي بي ڪلي جي صحيح هئي جيڪو ان وقت سنڌ سرڪار جو چيف سيڪريٽري هو. ليٽر جا لفظ هن ريت آهن:

ڊفينس آف انڊيا جي قانوني ضابطي 26 جي شق (ڊي) جي ماتحت فقري (1) هيٺ مليل اختيارين مطابق هنن کي عوامي امن امان دشمن سمجهندي مان ڪين واءِ ايم سي اي سامهون مير خدا بخش جي بندر روڊ واري بنگلي ۾ ٻئي حڪم جاري ٿيڻ تائين نظر بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪريان ٿو.

اهو دنيا جي ٻي عظيم جنگ وارو زمانو هو. ڪراچيءَ ڪانپورءِ لاهور ۽ اتان ڪان اتر اولھ هندستان ڏانهن ويندڙ مکيہ ريلوي حد ايراضين مان گذرندي هئي. ان وقت جي سامراجي حڪومت اهو ڪونہ پئي چاهيو تہ ريلوي پٽڙيءَ جي ويجهو ڪي اهڙيون ٻڳوڙي حالتون موجود هجن. ڇاڪاڻ هن وسيلي فوجي سامان هڪ ڪان ٻي جاءِ ڏانهن روانو ٿي رهيو هو. سندن نقطئہ نظر مطابق اهڙين ڪارروائين ڪري جنگي مقصدن کي هاجو رسي ها. ليفٽيننٽ

مولسورٽ حر گوريلا ويڙهاڪن واري علائقي ۾ ڪرفيو نافذ ڪري ڇڏيو. اپريل 1942ع ۾ اعلان ڪيائين ته حرن ڊچي ريلوي پٽڙيءَ يا ان جي اوسي پاسي پنهنجون ڇاپا مار ڪارروايون ڊيرون ڪري ڇڏيون آهن ۽ اسٽيشن جي اتالي سان ڪابه ڏاڍائي نه ٿا ڪن. مئي مهيني ۾ هنن 7-up لاهور ميل کي اڏيرو لال ۽ ٽنڊي آدم جي وچ تي ڪيرائي وڌو. بيرج جو جي عنوان سان 1967ع ۾ هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي جنهن ۾ هن مذڪوره واقعي جو ڪجهه تفصيل بيان ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو ته ان وقت جي سنڌ جي وزير داخله سر غلام حسين هدايت الله جو پٽ مسٽر منور ان ريل حادثي دوران قتل ڪيو ويو هو.

18 مئي 1942ع جي بامبي ڪرانيڪل جي خبر آهي ته روينيو جي وزير مسٽر وزيراڻي ريل جي گاڏي جي برٿ هيٺيان لڪي پاڻ بچايو هو. "سول ائنڊ ملٽري گزيٽ" جو بيان آهي ته اهڙو خطرناڪ واقعو سنڌ ۾ اڳي ڪڏهن به رونما ڪونه ٿيو هو ۽ ان واقعي جو سنئو سڌو الزام ڇاپا مار حرن تي هنيو ويو هو. هن واقعي بابت آلبسٽر مئڪيٽ جو بيان به آهي جنهن جون ان زماني ۾ خدمتون سنڌ سرڪار جي حوالي هيون جيڪو هن کان اڳ فرنٽيئر ڪنسٽيبلري جو اعليٰ عملدار هو. هن پنهنجي يادگيرين ۾ مذڪوره حادثي جا پڻ تفصيل ڏنا آهن. سندس بيان اهي ته هن ريل حادثي ۾ 24 مسافر مري ويا هئا. جڏهن ته ٻٽيهن کي حرن ڪهاڙين سان قتل ڪري ڇڏيو هو.

انگريز، پاڪستاني ۽ هندستاني مصنفن لکيو آهي ته 1941ع کان 1943ع تائين حر گوريلا ويڙهاڪن بيمشار ڇاپا مار ڪارروايون ڪ ن هيون. پر 1890ع کان 1930ع تائين ڪنهن به مصنف حرن جي بي چينيءَ جو تجزيو ڪونه ڪيو آهي جنهن ڪري حرن انگريزن خلاف مسلح بغاوت ڪئي هئي. ڇا حرن جون اهڙيون ڪارروائون انگريزن جي پوليس ڏاڍ ڪري ته ڪونه رونما ٿيون هيون؟ يا انگريزن حرن کي هڪ مجرم طبقو تصور ڪيو هو؟ هنن ٻنهي قسم جي

خيالن جي فائدي ۾ مخالفت ۾ گهٽو ڪجهه ڳالهائي سگهجي ٿو. پر هتي اسان کي ان نقطي بابت واضح ٿيڻو پوندو جيڪو مسٽر اين اي رضوي اٿاريو آهي ته اهو تصور هرگز صحيح نه آهي ته حرن جون ڇاپا مار ڪارروايون پير صاحب جي درپرده همت افزائيءَ ڪري عمل ۾ آيون هيون."

جون 1942ع ۾ نواب شاهه ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ مارشل لا نافذ ڪيو ويو هو ۽ ايچ ٽي لئمبرڪ کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو هو. جنرل مولسورٿ ان وقت جي هندستان جي قانون جي سيڪريٽري کي هنن لفظن ۾ خط لکيو آهي ته "مون کي فقط اهو ٻڌايو وڃي ته اوهان ڇا ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڇاڪاڻ ته مارشل لا عام قانون جي منفي آهي. مون کي اها خبر آهي ته قانون کي قانون سمجهي ڪهڙي ريت استعمال ڪري سگهجي ٿو. هيءَ مارشل لا سنڌ ۾ انهيءَ ڪري اجائي هئي جو انهيءَ جي حڪم نامن ڪري سزا مليل ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو ڪو حق ڪونه هو. پر مارشل لا ائڊمنسٽريٽر کي انهيءَ وسيلي اهڙا خاص اختيار ملي ويا هئا ته هو مارشل لا ڪورٽ طرفان ڏنل ڪنهن جي به سزا بحال ڪري پئي سگهيو ۽ ڪنهن جي گهٽائي وڌائي پئي سگهيو." مولسورٿ پاڻ به هن حقيقت جي وضاحت ڪري ٿو ته مان مارشل لا ڪورٽن کي سزائن ڏيڻ جي صلاح ڏئي رهيو هوس، بحاليءَ جي تصديق لاءِ اهي فيصلا مون وٽ ايندا هئا. اها منهنجي مرضي هوندي هئي ته سزا مليل ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو فيصلو ڏيان. جيڪڏهن منهنجي مرضي پوندي هئي ته ان ماڻهوءَ کي ڦاسي ڏيڻ جو حڪم به ڏئي ڇڏيندو هوس."

## گوريلا ويڙهه جو منصوبو

مرڪزي ۽ صوبائي جاسوسي ادارن جهڙوڪ ”انٽيليجنس بيورو“ ۽ سي آءِ ڊي جي فائيلن ۽ رپورٽن ۾ پير صاحب ۽ سامراجي حڪومت وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ ڪي هڪ عجيب و غريب نموني سان پيش ڪيو ويو آهي. سنڌ سي آءِ ڊي جي سربراهه ڪي آر آيس 20 آگسٽ 1942ع واري رپورٽ ۾ ٻڌائي ٿو ته پير صاحب 1936ع واري جيل جي رهائي ڪان پوءِ وڳوڙي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون هيون.

اينٽس مطابق اهڙيون وڳوڙي ڪارروايون پير صاحب خلاف اهم ثابتيون آهن جن مان پتو پوي ٿو ته ڪيس سياست ۾ تمام گهڻي دلچسپي آهي. هڪ قديم اڳڪٿيءَ موجب ڪيس ويساهه ويهي ويو آهي ته هو هڪ ڏينهن سنڌ جو حڪمران ضرور ٿيندو ۽ سنڌس ڳوٺ ڪنگري سنڌ جي راڄڌاني بڻجڻي آهي. ايس پي سي آءِ ڊي هن حقيقت جو انڪشاف ڪيو ته عام ماڻهن تي اهو اثر ويهي ويو آهي ته پير ڳوٺ تي پير صاحب جو مڪمل ضابطو آهي، ان ڪري هن هڪ قانوني پوليس بدران پنهنجي هڪ پوليس انتظاميه قائم ڪري ورتي آهي ۽ پنهنجون خانگي ڪورٽون به قائم ڪيون آهن، ڍل محصول جو انتظام هو پاڻ هلائي رهيو آهي، جاسوسي ادارو ۽ وليج مليشيا به منظم ڪري ڇڏيو اٿائين جنهن ۾ سنڌس مريدن تي مشتمل ڇهه هزار جوان ڀرتي ڪيا ويا آهن جن کي هن ”غازي“ جو لقب ڏنو آهي.

سي آءِ ڊي مٿس اهو به الزام هنيو ته هو مريدن جي دعوتن تي جوڌپور ۽ جيلسمير ويو هو جتي ڪيس مريدن ڏيڍ سؤ بندوقون، ٽي روالور ۽ بيشمار تلوارون ڏنيون هيون. سي آءِ ڊي جا ڪامورا به عام طور تي اهڙيون رپورٽون ڏيندا هئا ته پير صاحب حرن کي چئي رهيو آهي ته هو هر وقت تيار رهن ۽ جنهن وقت وٽن سندس پيغام پهچي ته پنهنجا سر ترين تي رکي اک ڇنڀ ۾ جهاد لاءِ وٽس پهچي وڃن ۽ اهو وقت هاڻي ويجهو اچي پهتو آهي جو هو سنڌ جي بادشاهه هئڻ جو اعلان ڪندو. اهڙي قسم جي تبديلين سان گڏ مٿس هي الزام به هنيو ويو هو ته پير پنهنجي خليفن وسيلي مريدن کي هن حقيقت کان واقف ڪري رهيو آهي ته هلندڙ عظيم جنگ دوران برطانيه کي ذليل شڪست ملڻ واري آهي ۽ اهو وقت ويجهو اچي ويو آهي جو پير پنهنجي مريدن جي مدد سان سنڌ تي پنهنجي هڪ آزاد حڪومت قائم ڪري وٺندو. تنهن ڪري مٿن فرض آهي ته هو سندس هن حڪم جي اکيون ٻوٽي اطاعت ڪن.

ايٿس کي پورو پروسو هو ته حالتن ۾ ورتل شاهدين جي آڌار تي پيش ڪيل نقطا بلڪل ممڪن آهن جن تي غور ڪرڻ جي ضرورت هئي. هٿيار بارود گڏ ڪري رکڻ وارو پير تي الزام به غور طلب هو. سي آءِ ڊي وارن کي اهو پورو پتو هو ته پير صاحب جي ڪوٽ اندر يا سندس ڪيٽيءَ ۾ رکيل ڪجهه هٿيارن ۽ بارود ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڪي به هٿيار ۽ بارود رکيل ڪونه هئا. هن قسم جي رپورٽ ۾ هيءَ حقيقت واضح هئي ته پير صاحب تي هٿيار ۽ بارود گڏ ڪرڻ جو الزام ۽ ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ به جدا ۽ مختلف شيون آهن. هٿيارن ۽ بارود جي گڏ ڪرڻ لاءِ شاهدين ۽ انهن کي ڪنهن جاءِ تي ساندي رکڻ جي ثابتين لاءِ هڪ جامع ڪوشش جي ضرورت هئي ۽ اهڙين ڳالهين جو فقط پير صاحب کي پتو هو. ايٿس جي صلاح هئي ته پير جا ڪي اهڙا ماڻهو آهن جن کان سولائي سان اهڙيون شاهديون وٺي سگهجن ٿيون. ان ڪانپوءِ سي آءِ ڊي اهڙين ڳالهين کي ثابت ڪرڻ ۾ سوپاري ٿيندي.

سنڌ سي آءِ ڊي جي فائيلن ۾ اهو اشارو مليو ٿو ته پير صاحب جڏهن بنگال جي جيل ۾ هو ته اتي موجود بنگالي قيدين سان سندس تعلقات پيدا ٿي ويا هئا جيڪي انتها پسند قومپرستيءَ جا حامي هئا. جيل مان آزادي کان پوءِ پير صاحب ڪن اوپرن ماڻهن سان ملندو هو جيڪي ساڻس ڪڏهن ڪوٽ ۾ ۽ ڪڏهن ڪيٽي تي اچي ملاقات ڪندا هئا جن لاءِ شڪ آهي ته اهي سندس بنگالي دوست هوندا. پر اهڙين ملاقاتين جي ڪا خاص ثابتي ڪانه هئي. اهڙن خيالن کي چڱيءَ ريت جاچ پڙتال ڪري پرکڻو هو ته استغاثا وٽ حقيقي ثابتيون اهن يانه. جيڪڏهن وٽن اهڙيون ثابتيون هيون ته ان جي نالن پيش ڪرڻ لاءِ ته چيو ويجي ها. اينس جو بيان آهي ته ڪيس هڪ رپورٽ ملي آهي جيڪا هڪ گهوڙيسوار پوليس جمعدار غازي خان موڪلي آهي. هو گڙنگ بنگلي تي مقرر ڪيو ويو هو انهيءَ لاءِ ته جيئن هو پير صاحب جي سرگرمين جي نگراني ڪري سگهي. جمعدار غازي خان پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌائي ٿو ته گڙنگ بنگلي کي هڪ ڳجهي راهداري هئي جتان مشڪوڪ قسم جا ماڻهو پيا ايندا ويندا هئا ۽ پير ڪنهن ٻه پوليس واري کي ان خفيه رستي سان بيهڻ ڪونه ڏيندو هو.

اينس پنهنجي ذاتي راءِ واري نوٽ جي آخر ۾ لکي ٿو ته ڪوشش ڪري هن حقيقت کي جاچي پرکي ڏسڻو آهي ته پير واقع ئي انگلنڊ جي شهنشاهه خلاف جنگ ڪرڻ جي سازش جو پڪو پهه ڪري چڪو آهي يانه.

بحث جو ٻيو نقطهء نظر اهو ٻه آهي ته پير صاحب سوچي سمجهي انتظاميه جي مختلف ڌرن کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو يانه. خاص طور تي انتظاميه جو اهو حصو جيڪو جرم تي ضابطي رکڻ ۽ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ذميوار آهي. سي آءِ ڊي رپورٽن جو هن ڳالهه تي زور آهي ته "اسان وٽ اهڙيون ڪيتريون درخواستون موجود آهن ته پير صاحب عام ماڻهن جي فيصلن ڦڙن لاءِ پنهنجا مشير مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪي سرڪاري ڪورٽن بدران

پنهنجا فيصلا ڪري رهيا آهن. ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ڪنهن جهيڙي کي نبيرڻ لاءِ سرڪاري ڪورٽن ۾ معاملا نه اُٿارين. ڏل ۽ محصول به سندس ماڻهو اوڳاڙي رهيا آهن جيڪو لٽ ڦر جهڙو ڏوهه آهي. ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ جي ڪين قانوني اجازت ڪانه آهي.

ايٽس ۽ غازي خان جهڙا سي آءِ ڊي عملدار پنهنجي ماتحتن جي رپورٽ جي آڌار تي هن ڳالهه تي زور ڏئي رهيا هئا ته پير صاحب ماڻهن کي اتساهي رهيو هو ته هو سندس ڳوٺ ۾ موجود پوليس جي اختيارن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ڪين اڀاري رهيو هو ته پوليس خلاف ڪوڙيون شڪايتون ڪن. ڪين اهو خيال هو ته پير ڳوٺ ۾ موجود پوليس خلاف گهڻيون شڪايتون آهن جيڪي بلڪل ڪوڙيون آهن. اهي ڪامورا هن ڳالهه ڏانهن به اشارو ڪن ٿا ته پير صاحب اڪثر ورجائيندو رهندو آهي ته مان مسٽر ري ۽ ڪي ايس غلام اڪبر کي اجا ڪونه وساريو آهي. لاهور ميل ڪيرائڻ واري واقعي بابت هنن سي آ ڊي وارن جو خيال هو ته ڇئن حرن کي موت جي سزا اهڙن ڏوهن جي ثابتيءَ جو هڪ مثال آهي. سندن نقطئه نظر اهو هو ته سندن اقبال جرم واري بيان مان پتو پوي ٿو ته ريل ڪيرائڻ وارو منصوبو ڪهڙي نه ماهرانه انداز ۾ تيار ڪيو ويو هو جيڪو پير صاحب کي جيل مان آزاد ڪرائڻ لاءِ بنايو ويو هو.

نظر ائين اچي ٿو ته جڻ ته سيني سي آءِ ڊي ڪامورن جي پاڻ ۾ اتفاق راءِ موجود آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ پير صاحب جو سڌو هٿ نه ٿا ثابت ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته هو آڪٽوبر کان جيل اندر آهي. هنن غازين جي ڇاپا مار ڪارروائين کي پير صاحب جي ناتي عمل دخل سان ڳنڍي ڇڏيو هو ته پير ۽ سندس غازين وچ ۾ انگريز سرڪار کي ختم ڪرڻ جو فيصلو طئي ٿيل هو. شاهدن کي حرن جي گوريلا جنگ خلاف شاهديون ڏيڻ سؤليون هيون جيڪي اڪين سان ڏسجي رهيون هيون. اهڙين ڇاپا مار ڪارروائين کي حالتن سان لاڳاپيل شاهدين ۽ پير صاحب جي

اعلانيل ارادن وسيلي بہ ثابت ڪرڻ سهنجو هو.

سي آءِ ڊي جي ايس پي هڪ اهم نقطي ڏانهن اشارو ڪيو آهي جيڪو هڪ قانوني سوال آهي جنهن جو هن وضاحت سان بيان بہ ڪيو آهي ۽ جيڪو اعليٰ اختيارين جي ڌيان ڏيڻ جوڳو هو. ڇاڪاڻ تہ پير صاحب آڪٽوبر 1941ع کان جيل ۾ هو. ايتس ٻڌائي ٿو تہ قانون ڇوي ٿو تہ:

مٿي بيان ڪيل قانوني فقري جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نقطهٔ نظر جو اظهار هن ريت ڪيو آهي تہ جيڪڏهن قانون جي تقاضا اها آهي تہ غازين جيڪي ڇاپا مار ڪارروايون پير جي غير حاضريءَ ۾ ڪيون آهن ۽ اهو انهيءَ زماني ۾ سرڪاري تحويل ۾ هيو تن کي پير صاحب مٿان مڙهي نٿو سگهجي، اهڙين ڪارروائن کي پير صاحب جون ڪارروايون چئي ڪونہ ٿو سگهجي. آخر ۾ هو وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هي هڪ قانوني مسئلو آهي. هن حقيقت کي تسليم ڪندي هو وڌيڪ جيڪڏهن استغاثا پير صاحب تي هي الزام مڙهڻ گهري تہ ان کي ٻهريائين قانوني مشورو ڪرڻ گهرجي تہ پير جي غير حاضريءَ ۾ غازين جي ڪارروائن کي پير صاحب جو جرم سڏي سگهجي ٿو يانہ. جيڪي سندس تيار ڪيل منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جاري ڪيون ويون آهن ۽ ملڪ ۾ دهشگردي جو راڄ آهي ۽ اها ڪوشش انگريز حڪومت کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان ڪئي وئي آهي. سندس غير حاضريءَ ۾ اهڙيون ڇاپامار ڪارروايون هن ڏانهن منسوب ڪرڻ جو قانوني جواز آهي يانہ، ڇاڪاڻ تہ هن سازش جي منصوبہ بندي هن پاڻ ڪئي هئي.

## پير صاحب جي نقطئه نظر بابت سي آءِ ڊي رپورٽون

سنڌ جي سي آءِ ڊي نوٽ ڪان سواءِ هن ڪاتي پير صبغت الله شاهه پاڳاري خلاف فائيلن جا ڪيئي جلد ۽ بيشمار رپورٽون تيار ڪري ڇڏيون هيون. اهڙن ڪاغذن سنڌ جي سامراجي حڪومت کي ڏهڪائي ۽ تر تلائي ڇڏيو هو. سي آءِ ڊي جون رپورٽون ڪجھ ته صحيح هيون ۽ وڏائي تيار ڪيل هيون ۽ ڪي وري جڙتو هيون جن مان معلوم ٿئي ٿو ته استغاثا واري ڌر ۽ سي آءِ ڊي وچ ۾ ڪا نانءَ ويڙهه جڙيل هئي. سي آءِ ڊي جون اهي رپورٽون انهيءَ ڪري نهايت اهم آهن جو هنن وسيلي اهو پتو سولائي سان پئجي وڃي ٿو ته پير پاڳاري جو انگريز سامراج لاءِ ڪهڙو نقطئه نظر هو ۽ انگريزن وٽ سنڌين لاءِ ڪهڙو تصور قائم هو.

پير صاحب جي خلاف سيني ڪان وڌيڪ اهم رپورٽون ڊي ايس پي سي آءِ ڊي محمد حسين جي عملي تيار ڪيون. سندس تيار ڪيل 19 سيپٽمبر 1942ع واري هڪ پورٽ ۾ هي بيان درج آهي جنهن ۾ هن اشارو ڏنو آهي ته رتناگري جيل مان موڪليل ڪتابن جي ترجمن جا اقتباس هن جي خلاف وڌيڪ موثر شاهديون آهن. چاڪاڻ ته انهن ڪتابن تي ان جيل جي سپرنٽينڊنٽ جي صحيح ڪيل آهي، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو اهي تحريرون پير صاحب جي هٿ سان لکيل آهن ۽ اها ثابت ٿيل حقيقت سمجهڻ گهرجي.

پيرو وزير 1896ع ۾ انگريزن خلاف گوريلا ويڙهه ۾ شهيد ٿي ويو هو ۽ محبت ڀهڻ سندس گهرواري مسمات سونبائي جو ياءُ هو

جنهن کي بيجاپور ۾ رکيو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ پير صاحب جيل ۾ هو، پير صاحب پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ محبت بھڻ لاءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هو ته محبت بھڻ هڪ سچو مومن آهي. هو ڪونڊر ۽ ڪلنگيڊر جوان آهي. مان ڪيس "منصور" جو لقب ڏنو آهي. خدا تعاليٰ به ڪيس انهيءَ نالي سان سڏيندو. هو سچو غازي آهي. قيامت ڏهاڙي هو مون سان گڏ هوندو. محمد حسين جو بيان آهي ته محبت فقير بھڻ جو سارو گهراڻو نهايت خطرناڪ ويڙهاڪ هو. سندس ڀيڻ مسمات سونپائي کي سنڌ مان جلاوطن ڪري بيجاپور ۾ رکيو ويو هو ۽ انهيءَ زماني ۾ پير صاحب جيل ۾ هو.

هن ڊي ايس پيءَ جو بيان آهي ته پير صاحب کي جڏهن نظر بند ڪيو ويو ته محبت فقير بھڻ ان ڪان ٿورو اڳ يا پوءِ روپوش ٿي ويو هو ۽ انگريزن خلاف گوريلا ويڙهه ۾ جنبي ويو هو. ڊي ايس پي جي بيان مطابق ته پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هن بھڻ فقير جي تمام گهڻي تعريف ڪئي هئي. هو بي ڊپو ۽ اڏول هو تنهن ڪري ڪيس منصور ۽ غازي هئڻ جو لقب به ڏنو هئائين. اها به هڪ حقيقت آهي ته جڏهن پير صاحب جيل مان آزاد ٿيو ته پاڻ اچي محبت فقير جي ضمانت ڏني هئائين، جنهن ڪان پوءِ هو بيجاپور ڪان اچي سنڌ پهتو هو ۽ پير صاحب ڪيس پنهنجي ڪيٽيءَ ۾ رکيو هو. ان ڪانپوءِ جي شاهدين مان پتو پوي ٿو جيڪي هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته هو پير صاحب سان انگريز بادشاهه جي حڪومت کي ختم ڪرڻ واري سازش ۾ شريڪ هو. محمد حسين وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته پير صاحب جو انگريز حڪومت خلاف رويو سندس لکيل ڪتابن مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو. ٻين شين سان گڏ سندس هدايت نمبر 97 ۾ لکي ٿو ته "ٻه ٽي لک ماڻهو آهن جيڪي هندستان جي ٽيهه ڪروڙ ماڻهن تي حڪومت ڪري رهيا آهن. اهو انهي ڪري آهي جو هندستان جا ماڻهو ڊڄڻا آهن. سنڌ هندستان جو هڪ ڀاڱو آهي. اهي ٻه ٽي لک ماڻهو انگريزن جي فوج آهي. هن حقيقت کي ضرور ياد رکيو وڃي"

سي آءِ ڊي جو ڊي ايس پي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته پير صاحب پنهنجي مريدن کي ڇاپا مار جنگ وڙهڻ جي تياري ڪرڻ واسطي موڪليل هدايت 86 ۾ هن ريت لکيو آهي: ”پاڻ وٽ هٿيار رکڻ هڪ بهادر انسان جي نشاني آهي. ڇاڪاڻ ته هٿيار هئڻ سان ماڻهوءَ جي دل وڌيڪ مضبوط ٿي وڃي ٿي ۽ هٿيارن سان انسان سڀ ڪجهه ڪري سگهندو آهي. لٺ ۽ ڪهاڙي به هڪ قسم جو هٿيار آهي.“ ان ڪانپوءِ پير صاحب جو ڪجهه به ڪيو تنهن کي زير بحث آندو ويو آهي. اهڙيءَ ريت هٿيارن ۽ بارود کي گڏ ڪرڻ واري عمل کي سندس لکيل تحريرن سان ڳنڍائي ڏسڻ گهرجي. اهڙين ڳالهين مان چڱيءَ ريت ثابت ٿي وڃي ٿو ته پير صاحب رتناگري جيل ۾ بند هئڻ وقت گوريلا ويڙهه جي تياريءَ ۾ مشغول هو. اڳتي هلي محمد حسين پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته پير صاحب پنهنجي مريدن جي حوصلن کي بلند ڪرڻ واسطي هدايت نمبر 65 لکي هئي جنهن ۾ هو غازين کي مشورو ڏئي ٿو ته ويريءَ کي آرام سان وهڻ نه ڏيو. موقعي ملڻ سان ان کي ختم ڪري ڇڏيو. ڪيس ڪڏهن به زنده نه ڇڏجو. جيڪڏهن اوهان ڪيس معاف ڪري ڇڏي تا ڏيو ته اها بي ڳالهه آهي.

سي آءِ ڊي عملدار جو خيال هو ته اها پير صاحب جي ذميواري آهي ته جيڪڏهن هنن ستن لکڻ جو سندس ڪو ٻيو مقصد هو ته اها حقيقت ثابت ڪرڻ به سندس ئي ذميواري آهي.

محمد حسين، پير صاحب جي تحريرن تي هڪ ٻئي نقطئه نظر کان پڻ روشني وڌي آهي. سي آءِ ڊي وارن جي اهو به اعتراض هو ته پير صاحب پنهنجي مريدن کي جنوني ريڙهاڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجي ڪتاب جي صفحه 130 تي هي لفظ لکيا آهن:

”هي جهان هر ڪنهن کي مري ڇڏڻو آهي، پر هن دنيا کي عزت ۽ وقار سان ڇڏڻ جو طريقو هي آهي ته هو صحيح معنيٰ ۾ شهيد ٿي مري. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو موت جي ڊپ داءَ کان گهر ڪنڊ ۾ لڪي ٿو وڃي. پر مرڻو ته ڪيس اُتي به آهي. پر جيڪڏهن

ڪو ماٺهو هڪ جوپ ۾ جنگ جوان جيان پنهنجي ويريءَ سان جهيڙي ٿو ۽ مري وڃي ٿو ته ان کي مئو ڪونه چئبو. ڇاڪاڻ ته سندس بهادريءَ ڪري هن جو نالو قيامت تائين وڃندو رهندو."

ڊي ايس پي پير صاحب جي اهڙي تحرير تي تبصرو ڪندي تعجب ڪائي ٿو ته پير صاحب آخري ڪهڙي ارادي سان هن قسم جا لفظ لکيا آهن؟ سندس دشمن ڪير آهن؟ ڇا هي گوريلا ويڙهه جرمني خلاف وڙهڻ جي ته ڪونه ٿو سوچي جنهن ۾ وڙهندي سندس جڻوني ويڙهاڪ شهادت جو رتبو ماڻيندا؟

محمد حسين جو خيال آهي ته پير پنهنجي "دشمن" بابت انهيءَ طريقي سان سوچي رهيو آهي. سندس خيال آهيؒ ته هن سوال جو هڪ جواب آهي ته جڏهن پير صاحب 1931ع ۾ اهڙو ڪتاب لکيو تڏهن اهڙي جنگ جو سوال ئي ڪونه هو. محمد حسين وڏيڪ لکي ٿو ته ان زماني ۾ جرمني پير صاحب جي خواب خيال ۾ به ڪانه هئي. نه وري ان وقت سندس ڪو ٻيو دشمن هو. تنهن ڪري سندس جيل مان نڪري اچڻ تائين مريدن جو شهيد ٿيڻ ترسڻ مان هن جو مقصد هو ته پوءِ هو ڪنهن دشمن سان وڏي ويڙهاند ڪندا. هن ائين ڪري به ڏيکاريو. اهڙي شاهدي واقعن مان به ملي سگهي ٿي. هن مرحلي تي پهچي پوليس جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته اهڙي مقصد بابت پير صاحب پاڻ لکيو آهي. ان کي سمجهائڻ جي ذميواري سي آءِ ڊي تي نه پر خود پير صاحب تي آهي. سندن دعويٰ آهي ته اهڙيون تحريرون بغاوت جو حصو آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جو هن کان سواءِ ڪو ٻيو مقصد ڪونه هو. اها پير صاحب جي ذميواري آهي ته هو ثابت ڪري ته اهڙين سٽن لکڻ مهل سندس مقصد هن کانسواءِ ڪو ٻيو هو.

سي آءِ ڊي رپورٽون اهو به ٻڌائن ٿيون ته جڏهن 1936ع ۾ پير صاحب دکن جيل ۾ هو ته مريدن ڏانهن پنهنجا پيغام ڪتابن جي جُلدن اندر يا اخبارن ۾ لڪائي موڪليندو رهندو هو. ان جو مثال هي آهي ته هڪ صندوق اندر 51 ڪتاب ۽ رسالا هئا جيڪي جنوري

1935ع ۾ سي آءِ ڊي سنڌ کي پهتا هئا. انهن ڪتابن ۽ رسالن جي جاچ پڙتال کان پوءِ پتو پيو ته ڪين مليل اطلاع بلڪل صحيح هو. سي آءِ ڊي جا عملدار انهيءَ مواد ملڻ کان پوءِ سوچي رهيا هئا ته جڏهن پير صاحب دکن جيل ۾ هو تڏهن انگريز سرڪار کان سخت نفرت ڪري رهيو هو ۽ سندس خيال سياسي ۽ باغيانا هئا. سي آءِ ڊي وارن هن حقيقت تي پڻ روشني وڌي آهي جنهن ۾ پير چونڊيل اسيمبلي جيَ سرڪاري ميمبرن تي تبصرو ڪندي لکيو هو ته، ”اهي بي پهچ ۽ لاچار آهن. اهڙن ميمبرن مان عوام کي آخر ڪهڙو فائدو ملندو. اي! مسلمانو اک پٽيو! اوهان هن قسم جي غلاميءَ ۾ اجا ڪيترو وقت رهندؤ؟ اهڙا ڪيترا مسلمان آهن جيڪي پنهنجي رت کي پاڻيءَ کان وڌيڪ قيمتي ڪونه ٿا سمجهن. اڄ اوهان پنهنجي ڇاتين ۾ جهاتي پائي ڏسو ۽ سوچيو ته اسلام ڪيترو نه ڪمزور ٿي چڪو آهي.“

ٻڃهين ريورٽن مان پڻ هي اشارو ملي ٿو ته هڪ ڀيري پير صاحب لکي ٿو ته ”انگريز سرڪار هندستانين کي گڏهه سمجهي مٿس انگلنڊ جو بار لڏي رهي آهي.“ ٻئي ڀيري وري هيئن لکي ٿو ته، ”اسان هندستانين جي حالت هڪ غلام جهڙي آهي. اسان جو ماني ٻڳيو ۽ اسان جا ڄندا يورپي ماڻهن جي هٿ آهن. اي هندستان جا انسانو!هن قسم جي ذليل زندگيءَ کان ته موت ڀلو آهي. اسان ايڏا ذليل ۽ خوار آهيون جو ٻين ملڪن ۾ اها ڪار ڪنهن ڏاڙيل ۽ قاتل سان ٻه ڪانه ڪئي ويندي آهي.“

ٻئي هنڌ مثنوي جي هڪ خالي صفحي تي لکي ٿو ته ”هن ڪتاب جي مطالعي ڪانپوءِ مان پنهنجي ڌرتي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏيندس.“

## لئمبرڪ جي حڪمت عملي

اپريل 1942ع ڌاري حر ايراضين ۾ امن امان جي صورتحال نهايت وڳوڙي تي چڪي هئي ۽ پوليس ڏوهن تي ضابطي رکڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي چڪي هئي. مئي مهيني دوران سنڌ انتظاميه جي هڪ انگريز اعليٰ عملدار هن مسئلي تي گهڻو پاڻ پتوڙيو هو ۽ اندازو لڳايو هئائين ته بيئنڪي راڄ جي نقطئه نظر کان اهڙي ڏچي جهڙي وايو منڊل مان جان آجي ڪرڻ لاءِ سيد صبغت الله کي ڦاسي ڏيڻ ضروري آهي. 1982ع جي "سنڌ ڪوارٽرلي" جي شماري ۾ لکيل پنهنجي مضمون ۾ ميجر جنرل اشارو ڏنو آهي ته ان وقت جي اعليٰ اختيارن وارا سوچي رهيا هئا ته حڪومت وٽ ٻه واٽون کليل آهن. هڪ ته هو پير صاحب سان ڳالهيون ڪري امن امان قائم ڪرڻ لاءِ مجائي ڪيس آزاد ڪري ڇڏين يا مٿس ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي ڪيس ڦاسي ڏيئي منجهائنس پنهنجي جند آجي ڪن. وصال الدين محمد جي خيال موجب پهريون طريقو هنن جي توهين هو، تنهن ڪري هنن اهو اختيار ڪونه ڪيو. هو پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جا حامي هئا ۽ اهڙن خيالن جي پٺڀرائي ڪرڻ لڳا هئا ۽ آخرڪار اهو ئي طريقو اختيار ڪيو ويو. هاڻي پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ واري مسئلي تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويون هيون. اهم مسئلو اهو به هو ته مٿس ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس ڪهڙي نموني وارو هئڻ کپي ۽ ان کي ڪهڙي طريقي سان هلائجي. هن معاملي بابت حرن جي موضوع تي هڪ دلچسپ ۽ ڳجهو نوٽ آهي جيڪو لئمبرڪ واري دستاويزن جي مجموعي ۾ برٽش لئبريري ۾ موجود

آهي. ان جي تمهيد ئي هنن لفظن سان شروع ٿئي ٿي ته جيستائين پير زنده آهي تيستائين حرن جي ڇاپا مار ڪارروايں کي ٻنجو ڏيڻ اڻ ٿيٽي ڳالهه آهي. ايچ ٽي لئمبرڪ هن ڳالهه تي ڳت ڏئي ٻيهي رهيو ته عام ماڻهو وهمن ۽ وسوسن ۾ وڪوڙجي ويا آهن. عام ماڻهن جي دلين ۾ هيءَ ڳالهه گهر ڪري وئي آهي ته انگريزن جو قانون پير صاحب جو وار به ونگو ڪري ڪونه ٿو سگهي، هو ڪشف ۽ ڪرامتن جو ڌڻي آهي. هو هن نقطهٔ نظر تي گهڻو زور ڏئي رهيو هو ته پيرُ صاحب سنڌ جي ماڻهن ۽ انگلينڊ جي عوام سان غداري ڪئي آهي. ان سان گڏ هو اخلاق وارين ڳالهين کان به پري آهي. لئمبرڪ پنهنجي سوچ ويچار ۾ صحيح هو ته سنڌ ۾ سٺن ماڻهن جو ڏڪار آهي ۽ اهي پير صاحب جي وفات تي خوش ڪونه ٿيندا.

هن جي نقطهٔ نظر موجب انگريز روايت هي آهي ته هوريان هوريان اڳتي وڌڻ ۾ ڪاميابي يقيني هوندي آهي. پر سندس چوڻ آهي ته گذريل ٽن سالن دوران ٿيل واقعن مان محسوس ٿي رهيو هو ته تيز رفتاري جو مقابلو فقط تيز رفتاريءَ سان ڪري سگهجي ٿو. سندس خيال هو ته جيڪڏهن دير ٿي وئي يا معاملي کي اڪلائڻ ۾ نااهليءَ جو مظاهرو ڪيو ويو ته ان جا نتيجا نهايت ئي خطرناڪ نڪرندا. هن وقت اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ڪانه رهي هئي ته فوج ۽ پوليس ۾ ويڇا وڌي رهيا آهن. فوج پوليس جي ڪارڪردگي واري نظام کي پنهنجي ڏاڍ جو نشانو بنايو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته سرگرمين وارو سارو نظام غيريقيني جو شڪار بڻجي ويو هو. ان جو قائم ٿيل اڳيون طريقو اهو هو ته ايس پي صورتحال بابت ساري معلومات آءِ جي پوليس ۽ ڊي آءِ جي پوليس کي ڏيندو هو. پر حرن جي ڇاپامار ڪارروايں ڪري صورتحال ڳنڀير ٿي وئي هئي. تنهن ڪري پوليس ڪمشنر جي هڪ نئين جڳهه پيدا ڪئي وئي هئي. انهيءَ لاءِ ته جيئن جاسوسي واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. پيدا ڪيل ان نئين جڳهه تي مسٽر فريڊرڪ ينگ کي مقرر ڪيو ويو هو جيڪي اڳي يوپي صوبي جو ڊي آءِ جي هو. هن ڪري پوليس جي انتظام ۾

نه رڳو غير يقيني ۽ مونجهارو پيدا ٿي پيو هو پر هن جي هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ پوليس جي آءِ جي ۽ ڊي آءِ جي پوليس ماتحت ڪم ڪندڙ ريگيولر پوليس وچ ۾ ويڇا پيدا ٿي چڪا هئا. لئمبرڪ سوچيو ته اهڙين نااتفاقين کي دور ڪرڻ لاءِ انهن عملدارن وچ ۾ گڏجاڻيون ضروري آهن. ڇاڪاڻ ته انگريز عملدارن ۾ شخصي انسانيت تمام گهٽ هئي ان ڪري سندن اهو عمل قابل معافي هو. لئمبرڪ بار بار هن ڳالهه تي زور ڏئي رهيو هو ته حرن جي ڇاپامار ڪارروائين کي هلندڙ جنگ جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي. سندس نقطئه نظر هو ته هن مهاڀاري جنگ ۾ سوڀاري ٿيڻ لاءِ سيني کي هڪ ماٺهوءَ جيان ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ انگريزن، هندستانين بلڪ سيني ماڻهن کي مڙئي مٺ ٿي گڏجي ڪم ڪرڻ کپي. پر اهم مسئلو اهو پيدا ٿي پيو هو ته پير صاحب پاڳاري تي جيڪي ڏوهه مڙيا ويا هئا سي مارشل لا واري دور کان اڳ جا هئا. هي بنيادي قانوني سوال هو جنهن کان بچڻ واسطي هڪ ضمني رستو اختيار ڪيو ويو هو جيڪو حقيقتن کان ڪلئي انڪار ڪرڻ برابر هو. لئمبرڪ جو خيال هو ته حرن جي ڇاپا مار ڪارروائين کي هڪ "تنظيم جون ڪارروائيون" تسليم ڪيو وڃي ۽ ان کي هڪ "مسلسل عمل" مڃيو وڃي. ان کان پوءِ مارشل لا کي ان تنظيم جي خالق تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ جو هڪ قانون جواز ملي ويندو. هن مذڪوره حڪمت عملي جي تجويز هن ريت پيش ڪئي هئي ته حرن جي گوريلا ويڙهه سرڪار کي مارشل لا جي نفاذ لاءِ مجبور ڪيو آهي، تنهن ڪري اهڙين ڪارروائين کي هڪ ماٺهوءَ جو انفرادي ۽ الڳ الڳ عمل سمجهڻ نه گهرجي. اهڙين ڪارروائين کي هڪ منظم تحريڪ جي گڏيل سرگرمي سمجهڻ کپي. هن پرزور سفارش ڪئي هئي ته جيڪڏهن هن حقيقت کي تسليم ڪيو ويو ته اهو اعتراض دور ٿي ويندو ته مارشل لا جي نفاذ کان اڳ وارا ڪيس مارشل لا قانون تحت هلائي نه ٿا سگهجن ۽ پير صاحب پاڳاري تي ان قسم جا ڪيس ملٽري ڪورٽ ۾ هلائڻ غير قانوني عمل ٿيندو. سندس خيال

مطابق اهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جي او سي اپر سنڌ مارشل لائڊمنسٽريٽر کي مختلف قسم جا قانوني ضابطا نافذ ڪرڻا پوندا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته مارشل لاءِ جو ضابطو نمبر 52 ان ڪان پوءِ لکيو ويو هو جنهن جو مقصد هو ته مارشل لا جي نفاذ کان اڳ وارن ڏوهن کي مارشل لا جي ضابطن هيٺ نبيري سگهجي.

سنڌ جي بينڪي راڄ واري حڪومت نهايت سنجيدگيءَ سان سوچي ويچاري رهي هئي ته پير صاحب پاڳاري کي سزا ڪهڙي ريت ڏئي سگهجي ٿي. هن مسئلي تي "سول لا" ۽ "مارشل لا" جي نقطهٔ نظر سان غور ڪيو ويو هو. اهڙو طريقهٔ ڪار ڏاڍو منجهيل هو. ڪين شڪ هو ته ڪي وڪيل اهڙا قانوني نقطا اٿاريندا جو چوڏاري چوبول ٿي ويندو. ان کان سواءِ ڪي ايماندار ۽ باضمير جج به رڪاوٽ بڻجي ويندا. هو هن ڳالهه تي زور ڏيندي پنهنجي خيال جو اظهار ڪري ٿو ته جيڪڏهن انهن ڪيسن مان آجو ٿي ويو ته رڏي پڪي ۾ پاٽي پئجي ويندو ۽ اهڙو جوکو کڻڻو ڪونه هو. لئمبرڪ مطابق مارشل لا جي طريقهٔ ڪار وسيلي هن قسم جي ڳريءَ چپ کي چيترون ڪري سگهجي ٿو. سندس خيال هو ته جيڪڏهن سندس پانهون پير صاحب پاڳاري تائين پهچڻ ۾ سوياريون نه ٿيون ته سنڌ ۾ مارشل لا جي نفاذ مان ڪابه هڙ حاصل ڪانه ٿيندي ۽ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ هر شيءِ تبديل ٿي وئي هئي. ڊاڪٽر ايس ايف ڊي انصاري ٻڌائي ٿو ته اهڙي ڳنڀير وايو منڊل ۾ پير صاحب پاڳاري تي غداري ۽ بغاوت جي الزام ٿاڦڻ جو قوي امڪان هو. ان جرم جي سزا موت هوندي آهي. ڪيس جا اهم شاهد سرڪاري ملازم هئا. ان ڪري سزا جا امڪان وڌيڪ روشن هئا.

لئمبرڪ سان لاڳاپيل سرڪاري ڪاغذن ۾ اهڙا خط موجود آهن جن مان لڳي ٿو ته سنڌ سرڪار جا اعليٰ عملدار پڻ هن ڳالهه جا حامي هئا ته پير صاحب تي تڪڙو ڪيس هلائي ڪيس بنا دير ڦاسي ڏني وڃي. 5 جون 1942ع تي سنڌ سرڪار جي سيڪريٽري لئمبرڪ ڏانهن لکيو هو ته ڪن حلقن پير پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ جي صلاح

ڏني آهي جنهن تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ لازمي آهي. سندس خيال هو ته ڪيس هوائي جهاز وسيلي موٽائي سنڌ آندو وڃي ۽ جلد ئي مٿس ڪيس هلايو وڃي ۽ جلد ئي ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ملڻ گهرجي. اعلان ڪيو وڃي ته هن ڪي 5 جولاءِ 1942ع تي گڙنگ بنگلي وٽ ڦاسي ڏني ويندي. سندس خيال هو ته اهم مريد اهڙي ڳالهه ٻڌي پنهنجي مرشد جي آخري زيارت لاءِ ضرور ايندا. جيڪڏهن سرڪار جي هيءَ اٽڪل ڪامياب وئي ته ڪيترا اهم حر بنا ڪنهن تڪليف جي گرفتار ڪري سگهبا. هن لئمبرڪ کي مشورو ڏنو هو ته هو پير صاحب وٽ وڃي ڪيس چوي ته وڏيون بندوقون سرڪار آڏو پيش ڪري. جيڪڏهن ائين ڪري ٿو يا انڪار ڪري ٿو، ٻنهي صورتن ۾ ڪيس ڦاسي ڏني وڃي. سيڪريٽريءَ لئمبرڪ کي گذارش ڪئي ته اهڙي رٿ ضرور سندس آڏو رکي وڃي.

ساڳي ريت 5 ڊسمبر 1942ع جي هڪ ليٽر مان به پتو پوي ٿو ته پير پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ ساري انتظاميه جڻ اتفاق ڪري ڇڏيو هو. ان تاريخ تي مسٽر برنارڊ بڊ، پيٽر ڪارگل ڏانهن لکيو هو ته حرن جون ڇاپامار ڪارروايون تيستائين ختم نه ٿينديون، جيستائين پير کي ڦاسي نه ٿي ڏني وڃي. مسٽر بڊ جو خيال هو ته پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جو نتيجو اهو نڪرندو ته ويڙهاڪ حر سمجهندا ته پير صاحب هن دنيا ۾ موجود نه آهي تنهن ڪري وڌيڪ جدوجهد ڪرڻ اجائي ٿيندي. پير کي ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ مريدن ۾ ضرور تاءُ پيدا ٿيندو ۽ سندن ڇاپامار ڪارروايون چوٽ چڙهي وينديون ۽ اهڙي پلاند لاءِ اکيون ٻوٽي سِر ترين تي رکي ميدان ۾ ڪاهي پوندا. سندس خيال مطابق ته مارشل لا ان وقت تائين ختم نه ڪيو وڃي جستائين حرن جون ڇاپا مار ڪارروايون جاري آهن. بڊ وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته پير صاحب تي مارشل لا ڪيس هلائڻ کان پوءِ ڦاسي ڏيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويندو. ڇاڪاڻ ته ڪيس هلائڻ واري تاريخ جو اجان تائين اعلان ڪونه ڪيو ويو آهي. هو پنهنجي نقطئه نظر جو اظهار ڪندي ٻڌائي ٿو ته مٿي بيان ڪيل ويچار هن ڳالهه جا متقاضي آهن ته انهن

تي بنا دير عمل تيڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ جيئن ڦاسي ڏيڻ وارو عمل جلد ئي پايهءِ تڪميل تي پهچي ۽ اهو ڪم مارشل لا جي ختم ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ٻه مهينا اڳ مڪمل ٿيڻ گهرجي يا مارشل لا ختم ڪرڻ لاءِ سوچيل وقت کي ٿورو وڌايو وڃي ۽ ڦاسي ڏيڻ ۽ مارشل لا ختم ڪرڻ جي وچ ۾ گهٽو وقت هئڻ کپي. پير صاحب کي ڦاسي ڏڻ لاءِ فقط ضلع عملدارن ۾ اتفاق راءِ ڪانه هئي. ڊاڪٽر انصاري جي خيال مطابق حر صورتحال تي 8 آگسٽ 1942ع تي "وائسراءِ هائوس" ۾ گڏجاڻي تي هئي جنهن ۾ بحث ڪيو ويو هو ته اهڙو ڪيس داخل ڪيو وڃي جو پير صاحب کي ڪنهن به طرح ڦاسيءَ جي سزا ملي وڃي. اهو نه فقط سنڌ سرڪار جي اعليٰ عملدارن جو نقط نظر هو پر وائسراءِ جي سيڪريٽريٽ جا اعليٰ عملدار به اهڙي سزا جا ڪٽر حامي هئا ته پير صاحب کي ڪيئن ڪري به ڦاسي جي سزا ملڻ کپي. وائسراءِ جي معلومات لاءِ مسٽر آر اين گلڪرائيسٽ پنهنجي طرفان هڪ رپورٽ تيار ڪئي جنهن تي سر گلبرٽ ولس پنهنجن اکرن ۾ تبصرو لکيو هو جنهن مان اهيڃاڻ ملي ٿو ته سيئي انگريز عملدار پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ ڏاڍا آتا هئا. هو پنهنجي ذاتي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته "جيڪڏهن ڪيس ۾ پير کي ڦاسي نه ٿي اچي سگهي ته ان کي ڪاري پاڻي جي سزا ملڻ کپي."

# اي ايچ هولٽ (E.H. Holt) جيڪو قاسيءَ جي سزا جو سخت حامي هو

1938ع ۾ چارلس بيوپري بيل ڪِلي Clee سنڌ سرڪار جو چيف سيڪريٽري مقرر ٿي آيو هو. جيڪو سي آءِ اِي ۽ آءِ سي ايس هو. هو 5 فيبروري 1893ع ۾ ڄائو ۽ ڪئمبرج ۾ تعليم ورتي هئائين. هن انڊين سول سروس جو امتحان پاس ڪيو هو ۽ 4 آڪٽوبر 1919ع تي کيس بمبئي جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو هو. ان ڪانپوءِ هن کي جلد ئي ترقي ملي وئي ۽ کيس 1925ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آف انفارميشن بيورو مقرر ڪيو ويو هو. جنوري 1933ع ۾ بمبئي سرڪار جو گهرو ۽ ايڪليسيا سٽيڪل کاتن جو سيڪريٽري ٿيو. 1942ع ۾ کيس چيف سيڪريٽري ڪري رکيو ويو هو.

ايڊورڊ هارلينڊ هولٽ 20 اپريل 1907ع ۾ ڄائو هو. هن آڪسفورڊ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ آڪٽوبر 1931ع ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر طور ملازمت ۾ داخل ٿيو هو. هو 1942ع کان اڳ ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه ۽ دادو ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ٿي رهيو هو. ان ڪانپوءِ کيس سنڌ سرڪار جو سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيو ويو هو. 1942ع ۾ حرن واري گوريلا ويڙهه دوران هولٽ سکر جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هو.

پير صاحب پاڳاري جي قاسيءَ ڪي قانوني جواز ڏيڻ جي معاملي تي گهڻا بحث مباحثا ٿيا هئا. سنڌ جي ڪن ضلعن جي اعليٰ

عملدارن کي پير پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ جي شديد خواهش هئي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ ڪنفيڊنشل نوٽ مان به واضح ٿي وڃي ٿي. جيڪو سکر جي مئجسٽريٽ اِي ايچ هولٽ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سي بي بي ڪلي ڏانهن تاريخ 23 مئي 1942ع تي لکيو هو. هن نوٽ جي هڪ ڪاپي لئمبرڪ ڊي سي بارتي ۽ ڊي بي ٽي جج ڏانهن پڻ موڪلي وئي هئي. اهو نوٽ برٽش لئبرري ۾ لئمبرڪ سان لاڳاپيل سرڪاري ڪاغذن ۾ موجود آهي. هولٽ پنهنجي نسلي برتري جي نقطئه نظر جو اظهار ڪندي دعويٰ ڪري ٿو ته حر نهايت وحشي ۽ جهنگلي ماڻهو آهن. نفسيات جي ماهرن جي خيال مطابق "وحشي قسم جا ماڻهو جنوني مزاج جا ماڻهو هوندا آهن ۽ انهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي." هو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي وڌيڪ چوي ٿو ته هاڻي حرن کي عقل ۽ هوش ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. سنڌن اهڙو علاج پوليس سان خوني مقابلن جي جهٽڪي (Shock) ذريعي يا پير کي ڦاسي ڏيڻ سان ڪري سگهجي ٿو."

هولٽ جو خيال آهي ته مٿي بيان ڪيل پهرين حڪمت عملي تي عمل ڪرڻ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته انتظاميه خود ڪن جڳهن تي محفوظ ڪانه آهي. هاڻي ته ڳوٺن کي تحفظ ڏيڻ ممڪن ڪونه هو رهيو آهي جتي آدمشماري جو وڏو حصو رهي ٿو. هو هن ڪري افسوس ڪري ٿو ته هندو، پير صاحب جي آزادي تي زور ڀريندا ۽ وزيرن لاءِ اهڙي قسم جو دٻاءُ سهڻ مشڪل ٿي پوندو. هولٽ جي سوچ مطابق پير صاحب جي جيل مان آزادي "ڪنهن هسٽريا جي مريض کي چماٽ وهائڻ بدران پيار ۽ خوشامد ڪرڻ جي برابر ٿيندو." صورتحال جي نقطئه نظر کان سکر جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جو خيال هو ته پير صاحب کي بنا ڪنهن دير جي ڦاسي ڏني وڃي. هولٽ جو اهو به خيال هو ته جيڪڏهن پير صاحب تي ڪيس هلائڻ ضروري آهي ته ان تي شاهدي سرڪاري عملدار ڏيندا. پر ڪائنن اهڙي شاهدي پردي ۾ ويهاري ورتي وڃي. هن سان گڏ هو

هن ڳالهه تي پڻ زور ڏني ٿو ته پير تي ڪيس خاص آرڊيننس نافذ ڪري پوءِ هلايو وڃي. ڪيس اهو به احساس آهي ته سندس مشورو انصاف سان مذاق آهي. تنهنڪري وري هو هن ڳالهه تي زور ڏيڻ شروع ڪري ٿو ته سندس هي نقطئه نظر انصاف مطابق نه آهي پر پير صاحب کي جيئري ڇڏڻ سان سوين بي گناهه ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويندا جيڪو سٺو ڪونه آهي.

سکر جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هي دعويٰ ڪري ٿو ته جيڪڏهن پير پاڳاري ۽ سندس پٽ کي ڦاسي ڏني وئي ته حر پنهنجون ڇاپا مار ڪارروايون پڪ سان ڇڏي ڏيندا. ڇتي قسم جي ڇاپا مار ڪارروائين کي ڇڳيءَ ريت منهن ڏئي سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن ساري سنڌ ۾ اهڙيون ڪارروايون لڳاتار ۽ هوريان هوريان هليون ته انهن کي منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. هنن ڳالهين مان محسوس ائين ٿئي ٿو ته بيٺڪي حڪومت جو هڪ اعليٰ عملدار پير صاحب جي ويهن ورهين جي هڪ بي گناهه پٽ کي ڦاسي ڏيڻ جو سوچي رهيو آهي جنهن جو جرم فقط اهو آهي ته هو پنهنجي پيءُ کان پوءِ سندس مسند تي ويهندو جيڪو اڳتي هلي انگريز انتظاميه لاءِ مٿي جو سور بڻجي سگهي ٿو.

هولٽ هن نقطي تي زور ڏئي بيان ڪري ٿو ته هاڻي دنيا عظيم جنگ جي ور چڙهيل آهي. تنهن ڪري انتظاميه پنهنجي طاقت هن مسئلي ۾ استعمال ڪرڻ نه ٿي چاهي ته حرن جي بچاءَ کان هر هنڌ مسلح دستا مقرر ڪندي وتي. جيڪڏهن پير کي ڦاسي ڏني وئي ته قيد ۾ بند مشهور حر ويڙهاڪن کي ڦاسي ڏيڻ پڻ ضروري ٿي پوندو. خوشقسمتيءَ سان پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون ۽ هي عمل جنوني حرن جي منهن تي چماٽ هڻڻ جي برابر ٿيندو. آخري ۾ هولٽ پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته ڪيس پوري پڪ آهي ته ”سرڪار پنهنجي ملازمن ۽ سنڌ جي ماڻهن کي پير مان نجات ڏيارڻ کان انڪار ڪانه ڪندي.“

اها هڪ حقيقت آهي ته هندستاني سول سروس ۽ پوليس جي

انگريز عملدارن جو پير پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ بابت نقطهٔ نظر ساڳيو هو جيڪو ايچ تي لئمبرڪ جي خط مان واضح ٿئي ٿو. هو لکي ٿو ته مان توهان جي خيالن سان بلڪ متفق آهيان. پر مان سرڪاري طور انهن قدمن جو مشورو ڏئي ڪونه ٿو سگهان جن جي اوهان پرزور سفارش ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته مون کي اهو خطرو آهي ته هن صورتحال جي رستي ۾ ”ايويڊنس ائڪٽ“ هڪ رڪاوٽ بڻجي ويندو.

30 مئي 1942ع تي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ سکر 23 مئي تي لکيل پنهنجي خط جي تائيد ڪندي پير صاحب جي ڦاسي ڏيڻ جي ضرورت کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو. هو اڳواٽ ئي ڪن قدمن کڻڻ جو مشورو ڏئي ٿو. سندس خيال ۾ ته پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ کان اڳ حر ايراضين ۾ وڌيڪ فوج مقرر ڪئي وڃي. اهڙا ضروري قدم هن جي پڇاڙي ۾ کنيا ويا هئا. سندس نقط نظر آهي ته حرن اهو سارو ڏچو پير کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪيو آهي.

هولٽ هن ڳالهه تي پڻ زور ڏئي ٿو ته سنڌ جي صوبائي ۽ هندستان جي مرڪزي سرڪار هن ڏچي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏاهپ جو ڪم ڪري رهي آهي. جيڪڏهن هي مسئلو ختم ٿي ويو ته حر وري ڪڏهن به پنهنجون بغاوتي ڪارروايون ڪري ڪونه سگهندا. پر اهو مقصد تيستائين حاصل ڪري نه ٿو سگهجي جيستائين پير زنده آهي ۽ سندس خليفا پير ڳوٺ ۾ موجود آهن. هي پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي ٻڌائي ٿو ته فوج آئي، ريلوي پٽڙيءَ سان گشت ڪيو، پنهنجي ڪارڪردگي جو مظاهرو به ڪيو، ڏوهن ۾ ڪجهه ٺاپر آئي ۽ پوءِ هتان هلي وئي. ان ڪانپوءِ ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه ۽ حرن نئين سر پنهنجون ڇاپامار ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون. ڪيس خطرو هي آهي ته هتان جي مقامي ماڻهن کي اها ساري سڌ آهي. اهي سڀ ڪجهه ڏسي وائسي رهيا آهن ۽ حرن جي سوچ جو طريقو به اهو ساڳيو آهي. هتان جا مقامي ماڻهو ۽ حر سرڪاري ڪامورن کان ڊڄن ٿا. تنهن ڪري هولٽ هن نتيجي تي پهچي ٿو ته جيڪڏهن

هن ڏچي جون پاڙون، پٽيون ويون ته پوءِ هي زهريلو ٻوٽو پنهنجون ٽاريون ڪيڏڻ بند ڪري ڇڏيندو.

هولٽ جو خيال آهي ته هن ڪانسواءِ ٻيا به ڪي مسئلا آهن. سکر ۾ موجود فوج انهيءَ ڳالهه جي مشوري جي اوسيئڙي ۾ ويٺي هئي ته هو پنهنجيون ڪارروايون ڪهڙي هنڌ ۽ ڪهڙي طريقي سان شروع ڪري، اهو هڪ ڏکيو سوال آهي. تنهن ڪري اهڙو مشورو سولائي سان ڪونه ڏئي سگهجي. حر ڇاپا مارڻ جا جٿا هنڌين ماڳين گهمي ڦري رهيا آهن. ان ڪانپوءِ هو مختلف ٽولين ۾ ورهائجي ويا آهن ۽ هر ڪو ٽولو پنهنجي منهن ڪارروايون ڪري رهيو آهي. هاڻي ته ڪيترين ايراضين ۾ پکڙجي ويا آهن ۽ انهن ايراضين تي ضابطي رکڻ لاءِ هڪ برگيڊ فوج جي ضرورت آهي. اهو به شڪ آهي ته ڪيترن ڳوٺن حرن کي پناهه ڏني آهي. اهڙن ڳوٺن تي گهيرو ڪري سگهجي ٿو. پر زميندارن جي ڏنل اطلاعن تي ڀروسو ڪري نه ٿو سگهجي. ان ڪانسوءِ هي مسئلو به آهي ته فوج کي دشمن سان دوبدو مقابلي جي سکيا ڏني ويندي آهي. پر هتي حرگوريلا ڪارروايون ڪري رهيا آهن. تنهن ڪري هو اهڙيون جنگي ڪارروايون ڪري ڪونه ٿا سگهن.

شروعاتي مرحلي ۾ ڪرنل ٽامڪنس سکر انتظاميه کان پڇيو هو ته ڇا اها سندس ”هيوي مشين گن يا لائيٽ مشين گن“ واري فوج استعمال ڪري سگهندي؟ هولٽ جو خيال هو ته سکر ضلعي لاءِ هن قسم جو سوال غير مناسب هو. ڇاڪاڻ ته حر گوريلا جنگ وڙهي رهيا هئا. انهن جي ڇاپامار ڪارروائين کي منهن ڏيڻ هن قسم جي فوج جي وس کان ٻاهر هو. هولٽ جي سوچ هئي ته جيڪڏهن سيئي حر هڪ جڳهه تي گڏ ٿي ويڙهه ڪندا ته انهيءَ صورت ۾ ٽامڪنس جون ”هيوي ۽ لائيٽ گنون“ڪامياب ثابت ٿي سگهن ٿيون. پر هو ٻڏتر جو شڪار هو. حرن کي هڪ هنڌ گڏ ٿي فوج سان وڙهڻ هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه هئي. حرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جو فقط هڪ امڪان هو ته اهو اعلان ڪجي، ته پير پاڳاري کي پير ڳوٺ ۾

ڦاسي ڏني ويندي. ساڳئي وقت اهو به اعلان ڪيو وڃي ته پير صاحب جي ڪوٽ کي ڊاهي پٽ ڪيو ويندو ۽ هن جي پڳ، تسبيح ۽ عما مبارڪ کي ناس ڪيو ويندو. اهڙو اعلان ٻڌي هزارين حر اچي پير ڳوٺ پهچندا ۽ فوج کي "هيوي ۽ لائيٽ مشين گنس" هلائڻ جو سونهري موقعو ملي ويندو. جيڪڏهن هو حرن کي مارڻ ۾ سوڀارا نه ٿيا ته سندس خيال موجب پير کي ڦاسي ڏئي پير پرستي واري ڪُريت کي نابود ڪري سگهبو. هولٽ کي اهو به گهمنڊ هو ته هو حرن جي دل مان پير جي عقيدت کي ختم ڪرڻ ۾ ضرور سوڀارو ٿيندو. هن جو اهو به خيال هو ته پلاند ۾ حرن جي ڇاپامار ڪارروائين کي اهڙي شدت سان جواب ڏيندو جهڙي شدت سان رونما ٿينديون.

هن قسم جي حڪمت عملي کي نظر ۾ رکي مشورو ڏنو هو ته سرڪار کي سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ڪجھ سوچڻ کپي. اهو به سوچيو ويو ته هتي مهانگي ۽ ڏکي فوجي ڪارروائي عمل ۾ ڪانه ايندي. هولٽ جو بيان آهي ته سرڪار پير پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ کان ڊڄي رهي هئي ته متان سنڌ کان ٻاهر مسلمان ملڪن ۾ ان جو ڪو رد عمل ظاهر ٿئي. هن جي خيال مطابق حرن جي ڇاپامار ڪارروائين جي خلاف سنڌ کان ٻاهر گهٽو ڪوريج ملي رهيو هو. ان جي پيٺ ۾ سنڌ ۾ اخبارون ۽ ٻيا اطلاعاتي ادارا ڪجھ ماٺ هئا. ڇاڪاڻ ته اهڙين خبرن تي سنڌ ۾ شديد قسم جو سينسر هنيو ويو هو ته حرن جي مسئلي تي ڪابه خبر نه ڇپجڻ کپي. هولٽ حر معاملي ۾ هڪ سخت موقف اختيار ڪيو هو. سندس خيال هو ته ڇا هندستان جي مرڪزي سرڪار وٽ نه ايتري فوج آهي نه فوجي هٿيار ۽ بارود آهي جو اها نه جاپان خلاف فوج ڪارروائي ڪري سگهي ٿي ۽ نه وري حرن ڇاپامار ڪارروائين خلاف فوج کي ميدان ۾ لاهي سگهي ٿي؟

آخر ۾ هو سنڌ جي چيف سيڪريٽري سي بي بي ڪلي کي گذارش ڪري ٿو ته سنڌ سرڪار کي سندس راءِ کان آگاهه ڪيو وڃي. ڪيس اها پوري پڪ هئي ته هن جيڪو ڪجھ لکيو آهي تنهن

تي سنڌ ۽ هند سرڪار ضرور غور ڪندي. هن ڪانسواءِ سندس اهو بہ خيال هو تہ سندس لکيل حقيقتون ڪابہ ڳالهہ نہ پيدا ڪري وجهن. هو چيف سيڪريٽري ڏانهن اهڙي خط لکڻ سان گڏ فوج ۽ سنڌ جي انتظاميہ کي بہ پنهنجي راءِ سان متفق ٿيڻ لاءِ اتساهي رهيو هو. اهڙي حقيقت کان لئمبرڪ، سکر جي ايس ڊي پي تي، جج، اسٽنٽ ايس پي سکر اي اي ڊيويز، ڊي سي بارٽي، آءِ سي ايس ڪرنل لئنگڊن، او سي برگيڊ حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ خان بهادر عبدالقادر کي واقف ڪيو ويو هو.

## ڪيس هلڻ کان اڳ سازش

لئمبرڪ وارن ڪاغذن ۾ هڪ خانگي خط جو دلچسپ اقتباس موجود آهي جيڪو سکر جي ڊسٽرڪٽ جج مسٽر اي جي ويلس اپريل 1941ع ۾ هن ڏانهن لکيو هو. ويلس 41- 1940ع ۾ تي پيرا ڪراچي ويو هو ۽ ٽئي پيرا گورنر سان ملاقات ڪئي هئائين، جنهن ڪيس چيو هو ته اسان پير کي هٿ لاءِ خنجر پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهي ڪيس شڪار ڪرڻ لاءِ لڳاتار ڪوشش ڪري رهيا آهن. گورنر ڪيس وڌيڪ اهو به ٻڌايو هو ته ڪجھ عرصو اڳ جڏهن پوليس پير صاحب کي ٻين ڏوهن ۾ گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي هئي ته ڪيس آرمس ائڪٽ تحت گرفتار ڪيو ويو هو. ويلس گورنر جو حوالو ڏيندي ڪيس چيو هو ته هو پير صاحب کي مظلوم ۽ معصوم سمجهي رهيو آهي.

لئمبرڪ جي لکپڙھ جي پڙهڻ مان پتو پوي ٿو ته سنڌ جي انتظاميه استغاثا جي شاهدن جي اهم ڪردار ادا ڪرڻ کان پوري ريت باخبر هئي. ضلعي انتظاميه انهن شاهدن کي خوش ڪرڻ کان ڪونه گهٽايو هو. اهڙن عملدارن اهم ۽ وزندار شاهدن کي ڪيڏانهن آزاد نموني سان گهمڻ گهتڻ ڪونه ٿي ڏنو. تنهن ڪري هنن جي چرپر مٿان پابندي لڳائي وئي ته متان هو حرن جي دڙڪي داب ۾ نه اچي وڃن. پر حقيقت اها هئي ته متان ڪنهن ٻاهرئين اثر ڪري هو سرڪار جي فائدي ۾ شاهدي ڏيڻ کان هٽ نه ڪٽي وڃن. استغاثا جي اهڙن شاهدن کي هڪ جڳھ ۾ بند ڪيو ويو ۽ مٿن اسپيشل

پوليس جو پهرو ٻيهاريو ويو هو. ليفٽيننٽ مولسورٿ جي بيان مطابق ته اهڙن شاهدن جي نالن کي ظاهر ڪونه ڪيو ويو هو. کاڌ خوراڪ به هنن کي ضلع انتظاميه ڏيندي هئي، جهڙيءَ ريت حوالات ۾ بند مجرمن کي ڏني ويندي آهي. پر اها ايتري گهٽي ڪانه هوندي هئي جو خوش رهن. تنهن ڪري سندن نوڪرن کي موڪل هئي ته هنن لاءِ رڌ پچاءُ ڪن.

استغاثا جي اهڙن شاهدن کي اها تانگھ لڳل هئي ته انگريز سرڪار ان بدلي کين زر ۽ زمين ضرور انعام ۾ ڏيندي. 25 فيبروري 1943ع تي حيدرآباد جي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر هن موضوع بابت حوالو ڏنو هو. 2 مارچ 1943ع تي سکر جي ڪليڪٽر اي ايچ هولٽ پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو هو ته پيرپاڳاري خلاف دائر ڪيل ڪيس ۾ سرڪاري شاهدن کي شهرن ۾ رعايتي اگھ سان پلاٽ ڏنا ويندا. پر شرط هي آهي ته انهن شهرن جا نالا ۽ پلاٽ جي ايراضي ضرور ڏني وڃي.

ڪي حساس فائيل اهڙا به هئا جيڪي استغاثا جي ڪيس کي ڪمزور ڪري رهيا هئا. چيف مارشل لا جي سول صلاحڪار پيٽر ڪارگل مسٽر لئمبرڪ ڏانهن خط لکيو هو، جنهن ۾ قطعي حڪم هو ته ڪنهن به حالت ۾ مسٽر ڪورن ۽ ڪونا والا وچ ۾ تيل لکپڙھ جا ڪاغذ يا مختلف کاتن جا موڪليل هڪ ٻئي ڏانهن فائيل ڪورٽ ۾ پيش نه ڪيا وڃن. جيڪڏهن پير هن قسم جي سرڪاري ڪاغذن جو مطالبو ڪري ته قانون جي گھرج مطابق مذڪوره دستاويز ڪورٽ ۾ ضرور پيش ڪيا وڃن ته لاڳاپيل کاتو اهڙي اجازت گورنر کان وٺندو ۽ اهڙن ڪاغذن ڏيڻ کان انڪار به ڪري سگهجي ٿو. هو تبصرو ڪندي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اهڙا صوابديدي اختيار فقط هز ايڪسيلينسي وٽ آهن ۽ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ وٽ ڪونه آهن.

بيٺڪي راڄ جي سرڪار ڪنهن اهڙي موقعي ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪانه هئي. پير صاحب خلاف اهڙو ڪيس تيار ڪرڻو هو

جنهن مان ڪيس سو فيصد سزا ملڻ واري هجي. اهڙي ڪم لاءِ ضروري هو ته اهڙا شاهد هٿ ڪيا وڃن جيڪي پنهنجي ڳالهه تان تر جيترو به ڦري نه سگهن ۽ ڪيس جي ساري ڪارروائي دوران استغاثا سان بت ۽ جهت تي بيهي رهن. انهيءَ جا شاهد اهي ماڻهو ٿي سگهن ٿا جيڪي پير کي منهن تي سڀ ڪجهه چئي سگهڻ جهڙا هجن ۽ حرن جي ڌپ داءَ کان نه ڊڄندا هجن. هن قسم جي صورتحال ۾ اهڙا ماڻهو اڳتي اچي سگهن ٿا جيڪي هنن جا دشمن هوندا يا بهادر قسم جا پاٿاريدار هوندا. اهڙو هڪ ماڻهو پي ڪي بي P. K. B هيو. سندس پورو نالو ان ڪري نه ڏنو ويو آهي ته متان حر هن يا سندس خاندان خلاف ظلم ٻاري ڏين. هن جي پٽيان ڏوهن جي وڏي فهرست هئي ۽ ڏوهن جي تفتيش سبب پوليس سدائين هن جي ڪڍ هوندي هئي، هن خلاف ڪورٽن ۾ به گهڻا ڪيس داخل هئا. پر سکر ۾ بيان ڏيڻ کان پوءِ ڪيس کوهين جلدئي گرفتار ڪري ورتو هو.

حيدرآباد جي مارشل لا انتظاميه لاءِ پي ڪي بي نهايت اهم شاهد هو جنهن هن ڪم کان سواءِ به ڪيترائي اهم ڪم ڪيا هئا. هن حقيقت کي نظر ۾ رکندي سول صلاحڪار جي آفيس محسوس ڪيو ته جنهن ڊاڙي جي ڏوهه ۾ هو گهربل هو تنهن جو ڏوهي ڪونه هو. پر نيت هن کان همدردي حاصل ڪرڻ ۽ مدد وٺڻ جي هئي. ان ڪانپوءِ اختياري وارن کي هن جي وڏيڪ حفاظت جو تاڪيد ڪيو ويو. اهڙين گرفتارين ڪرڻ جو ٻين شاهدن جي دلين تي نهايت خراب اثر ٿيو. تنهن ڪري اسٽاف آفيسر ضروري سمجهيو ته هنن متان جيڪي ڪيس داخل آهن سي سڀ خارج ڪيا وڃن.

26 جنوري 1943ع تي حيدرآباد جي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر سکر جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڏانهن خط موڪليو ته جيڪڏهن پي ڪي بي صحيح طريقي سان شاهدي ڏني آهي ته ڪيس آزاد ڪيو وڃي. هن خط ۾ وڌيڪ لکيو ويو هو ته سندس مضبوط شاهديءَ ڪري هن جا ماضيءَ وارا ڏوهه معاف ڪيا وڃن. پر

جيڪڏهن هو مستقبل ۾ ڏوهه ڪندو ته انهن جو ذميوار رهندو.
تاريخ 26 جنوري تي سکر جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪارگل حيدرآباد جي ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڏانهن لکيو ته سکر جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ مسٽر هولٽ کي چيو وڃي ته هن مٿان داخل ڪيس خارج ڪيو وڃي ۽ ائين ڪرڻ جو فقط ڪيس ئي اختيار آهي. هن ڪانسواءِ مسٽر ڪارگل چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي سول ائڊوائيزر ڏانهن هڪ جدا خط موڪليو هو جنهن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو هو ته جيئن ته پي ڪي بي گهربل شاهدي ڏئي رهيو آهي. تنهنڪري هن خلاف داخل ڪيل ڪيس ختم ڪياوڃن. تنهن تي مسٽر لئمبرڪ هن ڏانهن لکيو هوته "شرط اهو آهي ته پنهنجي شاهدي نڪي نوڪي ڏيندو."

ايم ايچ .M. H جي ٻارهن مائٽن کي ڪجهه وقت اڳ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. (ايم ايچ جو نالو ان ڪري خفيه رکيو ويو ته مٿان حر هن جي خاندان کي نقصان پهچائين) جيڪي سندس ڳوٺ ۾ هنيل ڌاڙي جا شاهد هئا. چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اسٽاف آفيسر کي ڪيس جي غلط صحيح هجڻ جو ڪوبه پتو ڪونه هو. هن سکر جي ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن لکيو هو ته استغاثا تي دٻاءُ رکڻ مصلحت جي خلاف آهي. هن ڪيس ٻڌايو ته جيڪڏهن هنن مان هڪ شاهد به ڪنهن سبب ڪري پنهنجي شاهدي تان ڦري ويو ته نقصان ٿيندو. تنهنڪري اهڙو جوکو نه ٿو کٽي سگهجي. جيڪڏهن ايم ايچ يا سندس ڀاءُ هن معاملي ۾ لچڪدار آهي ته سندس غير اهم مائٽن کي گرفتار ڪري اهڙي تلافي نه ٿي ڪري سگهجي. هن پنهنجي خط ۾ ڪيس خارج ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو هو.

1982ع جي سنڌ ڪوارٽرلي ۾ ميجر جنرل وصال محمد جو هڪ مقالو ڇپيو هو جنهن ۾ هن اشارو ڏنو آهي ته پير صاحب جي خلاف ڪيس تيار ڪرڻ دوران استغاثا جي شاهدن کي فوجي بئرڪن ۾ رهايو ويو ۽ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڊي ايس پي سموئل

غني کين سيڪاريندو رهيو هو. چاڪاڻ ته ڪيس پير صاحب خلاف شخصي وير هو. وصال محمد جو خيال آهي ته هي اطلاع پهچڻ شرط هن قانون پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ منع ڪيل ايراضين ۾ داخل ٿي ويو. ائين ڪرڻ جي ڪيس ڪا قانوني اجازت ڪانه هئي. اتي پهچي هن هڪ ڏوهي کي سگ سوڏو جهلي ورتو جيڪو ان وقت هڪ شرمناڪ ڪم ڪري رهيو هو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته ڊي ايس پي اهڙي رپورٽ فورس ڊپٽي ڪمانڊر برگيڊيئر لئنگ لئنڊس کي ڏني ۽ اهڙي رپورٽ سموئل غني جي ڳچي ۾ پئجي وئي.

ڪيس هلڻ کان اڳ سازش سٽڻ جي باوجود به اهو ڪيس ڏاڍو ڪمزور هو. جنرل رچرڊسن جو خيال هو ته ڪيس تيستائين هلڻ نه گهرجي جيستائين پڪ ٿئي ته پير صاحب کي ان وسيلي ضرور سزا اچي سگهي ٿي. ان دوران ڪيترا شڪ شبها به پيدا ٿي پيا هئا. چاڪاڻ ته جاسوسي رپورٽن وسيلي معلوم ٿيو هو ته استغاثا جا شاهد گواهي ڏيڻ کان لهرائي رهيا آهن. ان جو ڪارڻ اهو هو ته حرن ڇاپا مار جنگ جي چوڌاري باه ٻاري ڏني هئي. ٻيو ڪن شاهدن کي دل ۾ اهڙا شڪ شبها پيدا ٿي پيا هئا ته حر انگريز فوج کان وڌيڪ طاقتور آهن يا فوج انهن کان سگهاري آهي. ڊاؤ Dow 16 جنوري 1942ع واري پنهنجي هڪ نيم سرڪاري خط ۾ رچرڊسن ڏانهن لکيو هو جنهن ۾ هن انگريزن جي فتح بابت شڪ جو ذڪر ڪيو هو. سندس خيال هو ته پير صاحب خلاف دائر ڪيل ڪيس ناڪام ٿي ويندو. چاڪاڻ ته جڏهن ڪيس هلڻ شروع ٿيو ته استغاثا جا شاهد پنهنجي بيانن تان ڦري ويندا. هيءَ خيال دل ۾ رکي ڊاؤ جو تصور آهي ته اهو نهايت ضروري نظر اچي ٿو ته جيڪڏهن پير صاحب تي ڪيس نه ٿو بيهي ته ان کي آفريڪا ڏانهن جلاوطن ڪيو وڃي.

لئمبرڪ جي ڪاغذن مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته اختياري وارن جي مرضي هئي ته پير پاڳاري کي هوائي جهاز رستي موٽائي سنڌ آندو وڃي ۽ 5 جنوري 1943ع تي ائين ڪيو ويو هو

ميجر جنرل محمد وصال پڌائي ٿو تہ هڪ ڏينهن شام جو هن کي چيو ويو تہ 30ـ 2 شام جو حيدرآباد جي هوائي اڏي تي ڊپٽي فورس ڪمانڊر سان ملاقات ڪري، جتي هن قسم جو حڪم ڏاڍو عجيب و غريب هو ۽ هو پسار ڪندي سوچي رهيو هو تہ الائي ڪهڙي راند ڪيڏي ويندي. آخرڪار جڏهن هو مقرر جاءِ تي پهتو تہ ڏٺائين تہ اتي برگيڊيئر لئنگلئنڊس ۽ فريڊرڪ ينگ جهاز لهڻ واري پٽي تي اڳئي بيٺا هئا. پوئين ماٺهوءَ کيس پڌايو تہ هو پير پاڳاري جو استقبال ڪرڻ آيا آهن جيڪي ناگپور جي سينٽرل جيل مان هتي پهچي رهيو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ اها شخصيت جهاز مان هيٺ لٿي جنهن کي هڪ وئگن ذريعي حيدرآباد نيو ويو. هن جي اڳيان پٺيان بيشمار فوج هئي.

## ڪيس هلڻ کان اڳ سازش جي تياري

جنوري جي منڍ ۾ سيد صبغت الله شاهه راشدي کي ٻڌايو ويو ته متس عدالتي تحقيقات جنوري جي 29 تاريخ کان شروع ڪئي ويندي. ان شنوائي تي ڪيس ضرور هلندو ۽ ٿنهنجي وڪيلن جو اهو عذر ٻڌو ڪونه ويندو ته اهي ڪيس جي تياري ڪري ڪونه سگهيا آهن. تنهن تي پير صاحب پاڳاري کين وراڻيو هو ته جيڪڏهن اوهان انصاف ڪرڻ ٿا گهرو ته اوهان کي هي ڪيس ابهرائي ۾ هلائڻ نه کپي ۽ ڪيس هڪ سٺي بئريسٽر کي وڪيل ڪرڻ جيتري مهلت ڏني وڃي. پير صاحب گذارش ڪئي هئي هو پنهنجي بچاءَ لاءِ محمد علي جناح کي پنهنجو وڪيل ڪرڻ گهري ٿو. ميجر جنرل وصال محمد ٻڌائي ٿو ته پير صاحب اها پڇا ڳاڇا ڪئي هئي ته ساري هندستان ۾ اهڙو ڪو مسلمان وڪيل آهي جيڪو سندس بچاءُ جو وڪيل ٿي سگهي. انگريز سرڪار سندس هي گذارش هن بهاني رد ڪري ڇڏي ته ”ڏيل مل“ نالي هڪ مقامي وڪيل آهي جنهن کي سندس بچاءُ جو وڪيل مقرر ڪيوويو آهي.

پير صاحب تي انڊين پينل ڪوڊ جي فقري نمبر اي (2) تحت ڪيس هلايو ويو جنهن جو مطلب اهو هو ته مارشل لا جي ضابطي مطابق ان ڏوهه جي وڌ ۾ وڌ سزا موت هئي. اهو ڪيس حيدرآباد جيل اندر هليو. مئين پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته اهو ڪيس ڪورٽ مارشل ذريعي ۽ بند دروازن پٺيان هلايو ويو هو.

ليفٽيننٽ جنرل مولسورٿ حر بغاوت وارين ايراضين ۾ ڪرفيو هٽي اهو اشارو ڏنو هو ته پير صاحب پاڳاري کي پنهنجي بچاءُ لاءِ هر

قسم جي سهولت ڏني وئي آهي. برٽش لئبرري ۾ رکيل دستاويزن ۾ هن مقدمي جي معلومات ڪانه ٿي ملي. حقيقت اها آهي ته ڪيس تنها ۽ اڪيلو ڪري مٿس هر قسم جو حراس وڌو ويو هو. هن مان انگريز سرڪار جو مقصد اهو هو ته جيئن هو پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪنهن سٺي بئريسٽر جون خدمتون حاصل نه ڪري سگهي. سندس منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت ۽ پئسو ڏوڪڙ ۽ مريدن طرفان گڏ ڪيل ڏوڪڙ به سرڪار ضبط ڪري ڇڏيا هئا. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو ڪنهن سٺي وڪيل جون خدمتون حاصل ڪري نه سگهي.

28 جنوري 1943ع تي وڪيل ڏيل مل مير خدا بخش خان ٽالپر ڏانهن خط لکيو هو ته خريد ڪيل سڀ چاندي به سرڪار ضبط ڪري ڇڏي آهي. الائسٽر مئڪيت فوج، فرنٽيئر ڪنسٽيبلري ۽ پوليس جي ڇاپن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته اهڙي ڪارروائي چانديءَ جي سرن ۽ ٻي ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي هئي. پير ڳوٺ ۾ پير صاحب جي بنگلي کي ڊائناميٽ سان اڏايو ويو هو. ڪجهه وقت لاءِ انڪم ٽيڪس جي اختياري وارن به ڪيس ڏاڍو تپايو هو. سندس وفادار مريدن کي حر آئوسٽيريجو ائڪٽ ڏاڍو ڌڪايو ۽ ڊيڄاريو ويو هو ۽ بيشمار حرن کي "پروينشن ڊيٽيشن قانون" هيٺ گرفتار پڻ ڪيو ويو هو. انهن مان گهڻن کي ڊفينس آف انڊيا قانون تحت جيل موڪليو ويو هو.

مسٽر لانگ مين پير صاحب پاڳاري جو جيلر هو. 14 جنوري 1943ع تي مسٽر ڏيل مل وڪيل جيل وڃي پير پاڳاري سان ڪيس بابت ڳالهايو هو. ان وقت مسٽر لئمبرڪ اتي موجود هو. ان دوران پير صاحب کي ٻڌايو ويو ته هن خلاف هڪ الزام جي تياري ٿي رهي آهي ته تو انگلنڊ جي بادشاهه خلاف جنگ ڪرڻ جي تياري ڪئي آهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ 1937ع کان 1941ع تائين جيسلمير جو دورو ڪندو رهيو هئين. مسٽر ڏيل مل اهو ڄاڻڻ پئي گهريو ته جاسوسن جي اهڙين رپورٽن جي باوجود به هن کي اوڏانهن وڃڻ کان روڪيو ڇو نه ويو هو.

استغاثا هن حقيقت بابت ٻه دليل ڏئي رهي هئي ته هن حڪومت کي ختم ڪرڻ واسطي غازين تي مشتمل فوج منظم ڪئي هئي. هن ڳالهه کان انڪار ڪندي ڊيل مل چيو هو ته هن غازي حڪومت جي مدد لاءِ پرتي ڪيا هئا. هٿيارن لاءِ پير صاحب اهو دليل ڏنو ته جيئن ته انهن جا ليسن آهن تنهن ڪري اها قانون جي پڪڙي کانه آهي. اهڙا فائيل اورينٽل ۽ انڊيا آفيس ۾ موجود آهن جن مان اسان کي هيءَ معلومات ملي ٿي ته ڊيل مل وڪيل هن ڳالهه کي واضح ڪرڻ پئي چاهيو ته نوابشاهه ضلع جي انتظاميه پير صاحب جي مريدن خلاف ڪوڙن ڪيسن مڙهڻ جي تياري ڪري رهي آهي. ان کان سواءِ پوليس سانگهڙ واري گڙنگ بنگلي جي اوسي پاسي گشت ڪري حرن کي ڌمڪائي ۽ هيسائي رهي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ان بنگلي کي ناس ڪيو ويو هو. هن سندس وڪالت ڪندي چيو هو ته پير صاحب حرن جي ڪيل ڏوهن لاءِ ذميوار ڪونه آهي. هنن ماڻهن حڪومت خلاف بغاوت ان ڪري ڪئي آهي جو ان پير صاحب جي اهل عيال جي توهين ڪئي آهي، گڙنگ بنگلي جي تلاشي ورتي هئي. ان جي چوڌاري ڏنل لوڙهي کي ساڙي رک ڪيو ويو. پير صاحب جي اهل عيال کي پنهنجي هڪ الڳ جاءِ مان ڪڍي ڪراچيءَ جي بندر روڊ تي موجود هڪ جڳهه ۾ نظر بند رکيو هو. اهو سڀ سند سرڪار جي گهرو کاتي جي حڪم نمبر XIII/ 41-H (S) تاريخ 8 مئي 1942ع تي ڪيو ويو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اهڙي حقيقت تاريخ ۾ نظر کانه ايندي جو ڪنهن پير جي اهل عيال کي انهيءَ طريقي سان ڪنهن جڳهه ۾ رکيو ويو هجي.

ان کان سواءِ ڊيل مل هيءَ ڳالهه به بحث هيٺ آندي هئي ته انتظاميه گڙنگ کي تباهه ڪري ڇڏيو هو جيڪو هڪ ڳوٺ پرسان پير جي رهڻ جو صدر مقام هو. ان کانسواءِ هن نڪتي تي زور ڏنو هئائين ته حرن انهيءَ ڪري بغاوت ڪئي هئي جو سند سرڪار جي سيڪريٽري کي جي طريقي جهڙا ڪم ڪيا هئا. هي اهڙا ڪم هئا جيڪي حرن جي خيال، تصور ۽ عقيدن جي لحاظ کان اهڙي

حيثيت جا آهن جو دين، پير صاحب ۽ خدا تعاليٰ ٻه اهڙين ڳالهين جي طلب ڪري ٿو ۽ انسان جي ڇوٽڪاري لاءِ اهڙيون ڳالهيون نهايت ضروري آهن. ان ڪانسواءِ هن ڳالهه ڏانهن ٻه اشارو ڏنو هئائين ته سيني پاڳارن جي زندگيءَ دوران حر ائين ڪندا رهيا آهن جهڙي ريت هنن 1940ع دوران ڪيو آهي ۽ ڪنهن ٻه پير ڪڏهن ٻه سنڌ جي بادشاهه ٿيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. هي اهڙا نڪتا هئا جن کي پنهنجو اهم اثر آهي ۽ هڪ اهم مسئلي سان لاڳاپيل آهن. پر انهن کي غير ضروري سمجهي رد ڪيو ويو هو. ڏيل مل هن ڳالهه تي ٻه زور ڏنو هو ته حرن جو اصل ۽ ابتدائي مزاج، طبيعت، سندن زندگي جو نمونو، سندن اعتقاد ۽ بهادري مناسب ۽ قابل قبول هوندي آهي. اهڙي قسم جون حقيقتون جيڪي هن نازڪ ۽ اهم مسئلي تي روشني وجهن ٿيون تن سيني جو تعلق هن ڪيس سان آهي. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهه هي آهي ته ”سول ايڊوائيزر“ درست ۽ مناسب قسم جي مسئلن کي مختلف درجن ۾ تقسيم ڪري ٿو. سندس مقصد ڪيس کي گهڻو اينگهائڻ آهي. يا وري انهن کي غير ضروري سوال سمجهي ٿو.

هتي ٻه ڳالهيون توجه طلب آهن. پهرين ڳالهه اها هئي ته سنڌ سرڪار جو وڏ ۾ وڏ اعتماد سي آءِ ڊي جي رپورٽن تي هو. هن نقطه نگاهه کان اهو ٻڌائڻ مناسب ٿيندو ته ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙيون رپورٽون اسپيشل برانچ ٻه ڏيندي هئي جن کي صورتحال کي ڏسي تيار ڪيو ويندو هو. ٻي ڳالهه ته استغاثا جا گهڻا ٿا شاهد سرڪاري عملدار هئا. هتي اهم ڳالهه هي ٻه ڏسجي ٿي ته زباني شاهدن جي گواهي شڪ کان خالي ڪانه هئي، نه وري اعتبار جوڳي هئي ۽ هنن ڳالهين تي وڪيل ڏيل مل تمام گهڻو زور ڏنو هو.

لئمبرڪ جنرل آفيسر ڪمانڊنگ کي اطلاع ڏنو هو ته وڪيل ڏيل مل هڪ پيري ڪورٽ کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو ته شاهد کان اڌي پڇا ڪرڻ مهل ڊي ايس پي غني کي ڪورٽ کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو وڃي. ڪيس اهو احساس ٿيو ته

هن وڪيل ائين ڪري قانوني ڳالهه ڪئي آهي ۽ استغاثا کي ائين ڪرڻ کان روڪي ورتو آهي. جي او سي ڏانهن لکيل پنهنجي خاص نوٽ وسيلي لئمبرڪ ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته وڪيل ڏيل مل جو رويو بلڪل فطري آهي ته هو ڊي ايس پي جي موجودگي ۾ شاهد جي گواهي کي سچو ڪونه ٿو سمجهي. آخر ۾ هو ڪيترن ڳالهين جو بيان ڪري ٿو جيڪي ملڪ سان واسطو رکن ٿيون. پر ڪيس هن ڌرتيءَ جي ڄاڻ هوندي انهن ڳالهين کان واقفيت ڪونه آهي. ڊي ايس پي غني جي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي محمد حسين ڊي ايس پي ٿي آيو هو. هو سنڌ سرڪار جي هڪ اهم شاهد طور هن ڪيس ۾ گواهي ڏيڻ کان گهبرائي رهيو هو، جنهن جو نالو بچاءَ جي شاهد طور ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو هو. ڪيس صلاح ڏني وئي هئي ته هو بچاءَ جي وڪيل کي ٻڌائي ڇڏي ته هن جو بيان پير پاڳاري کي ڪوبه فائدو ڏئي ڪونه سگهندو، تنهنڪري بچاءَ جي شاهد طور سندس نالو خارج ڪيو ويجي. 22 فيبروري 1943ع تي ڊائو، لنٿلگو ڏانهن لکيو هو ته پير تي هلندڙ ڪيس جي ڪارروائي ڏاڍي سٺي نموني سان هلي رهي آهي ۽ هو انهيءَ ڪري ڏاڍو خوش آهي. ڊاؤ کي اهو پتو پئجي ويو هو ته پير صاحب پاڳاري سنڌ جي وزير اعليٰ ۽ ٻن ٻين وزيرن جا نالا پنهنجي بچاءَ جي شاهدن طور ڏنا هئا. نظر ائين اچي رهيو هو ته بچاءَ جا شاهد براءِ نام هئا. ڊاؤ کان اڳ سندس جاءِ تي گراهام ڪم ڪري رهيو هو جيڪو هفتو کن پوءِ هن سان گڏ رهيو هو. پير صاحب هن جو نالو به پنهنجي بچاءَ جي شاهد طور پيش ڪيو هو. سندس شاهدي ڪلاڪ کن هلي هئي ڊاؤ، لنٿلگو ڏانهن تحرير ڪيل پنهنجي خط ۾ لکيو ته هن معاملي بابت ڪيس ڪابه اڻ ٿڻ ڪانه آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس چڱيءَ ريت خبر هئي ته هن ڪيس کي نقصان پهچائڻ واري شي ڪانه ٿي رهي آهي. سنڌ ڪوارٽرلي جي 1982ع واري شماري ۾ ميجر جنرل وصال محمد ٻڌائي ٿو ته هن ڪورٽ ۾ موجود هجڻ دوران ڏٺو ته پير صاحب پاڳارو کي حقيقتون لکي بچاءَ جي وڪيل

ڏانهن موڪلي رهيو هو. هن ساڻس ڪڏهن بہ ڪونہ ڳالهايو. ڪورٽ جي ڪارروائي عام معمول جيان هلندي هئي. پير صاحب پنهنجي اعتراضن جو اظهار وڪيل وسيلي ڪندو هو. پير صاحب پاڳاري اهو بہ اعتراض ڪيو هو تہ ساري هندستان ۾ هڪ بہ اهڙو فوجي عملدار ڪونہ آهي جيڪو هن ڪورٽ جو ميمبر بنجي سگهي؟ پر ڪورٽ جي پريزيڊنٽ سندس هن اعتراض کي ٺڏي تي ئي رد ڪري ڇڏيو هو. سندس موقف اهو هو تہ ڪورٽ جا سڀ ميمبر اڻ ڏريا آهن، تنهن ڪري هو هن ڪيس ۾ بلڪل انصاف ڪري سگهندا. وصال محمد جو خيال آهي تہ پير صاحب ڪورٽ جي ڪارروائي مان گهڻو بددل ٿي ويو هو. هن پنهنجي وڪيل معرفت پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو هو تہ سرڪار ڪيس ڦاسي ڏيڻ جي معاملي تي پڪوپه ڪري چڪي آهي. سندس نقطہ نظر هو تہ انگريز جيڪو بہ چاهن ٿا ڪري گذرندا. ڪين هن قسم جي جڙتو ڪورٽ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ آهي. جڏهن ڪورٽ پير صاحب کان سوال ڪيو تہ جيڪي ڏوهہ استغاثا ذر تنهنجي مٿان مڙهيا آهن تن جو تون قبولدار ٿيندين يانہ؟

پير صاحب ڪيس جواب ۾ چيو هو تہ هو جيئن تہ قيد ۾ بند آهي تنهن ڪري هو ان حيثيت ۾ ڪونہ آهي جو سرڪار خلاف سازش ڪري سگهي يا ان خلاف جنگي تياريون ڪري سگهي، اهي الزام ڪوڙا ۽ جڙتو آهن. ان ڪانپوءِ ڪورٽ جي پريزيڊنٽ استغاثا کي ڪيس کي اڳتي هلائڻ جو حڪم ڪيو. الائنسٽرمئڪيٽ پنهنجي لڪيل يادگيرين ۾ ٻڌائي ٿو تہ ڪرنل هومس بہ پير پاڳاري خلاف شاهدي ڏني هئي. پر شاهدي ڏيڻ دوران پير صاحب کي ڏسي ڪونہ سگهيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن ۽ پير صاحب جي وچ تي هڪ پردو ڏنو ويو هو. انهيءَ ڪري ڪوبہ شاهد پير صاحب کي ڏسي ڪونہ سگهندو هو. چيو ويندو آهي تہ سيد صبغت الله جون اکيون ايتريون تہ سهڻيون ۽ مٺيادار هونديون هيون جو ڏسڻ واري کي محصور ڪري ڇڏينديون هيون. اهڙي ڳالهہ ميجر جنرل وصال محمد بہ ڪئي

آهي ته جڏهن هو شاهد پيش ڪري رهيو هو ته هن ڏٺو ته جن شاهدن جي متس نظر پئجي ويندي هئي يا سندس آواز ٻڌندا هئا ته هو شاهديءَ تان ڦري ويندا هئا. تنهنڪري اهڙا قدم کنيا ويا هئا جيئن ڪوبه شاهد پنهنجي شاهدي تان ڦري نه سگهي. هن ڪانسواءِ مس نفيسه شاهه ۽ حسن مجتبيٰ جا "نيوز لائين" ۾ مقالا ڇپيا آهن. جنهن ۾ هنن لکيو آهي ته ڪوبه شاهد پير صاحب پاڳاري جي منهن ۾ اکين ۾ ڏسي ڪونه سگهندو هو ۽ هر شاهد ڪي پردي پٺيان وهاري ڪانئس گواهي ورتي ويندي هئي.

ميجر وصال هيءَ ڳالهه به ڪري ٿو ته پير صاحب هر حاضريءَ تي پنهنجي وڪيل ڪي لکيل هدايتون ڏيندو هو. هو اڳواٽ ئي سمجهي چڪو هو ته سندس پنهنجي بچاءَ جي سڀ جاکوڙ اجائي ويندي. ڪورٽ فيصلو ڏنو ته ڏوهاري آهي، تنهنڪري ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي.

## — هن اڏول انسان موت جي ڏاڍي شان ۽ وقار سان اَجيان ڪئي —

موت جي سزا جي اعلان کان اڳ سنڌ جي گورنر، پير صبغت الله شاهه کي جلاوطن ڪرڻ جي امڪانن تي پڻ سوچيو هو. هن جلاوطني جو جواز پيش ڪندي اهو ٻڌايو هو ته سڀ ماڻهو سنڌس سزا ڪاٽي اهل عيال سميت موتي اچڻ مان ڏاڍو ڏنل آهن. هن بحث ڪندي ٻڌايو هو ته ڏهه سال اڳ کن واقعن جي پلاند ۾ قتل جا تمام گهڻا واقعا ٿيا هئا. سنڌ جي شڪست خورده ماڻهن اڳيئي پير صاحب جي اچڻ جون دعوائون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. هي واقعا انهيءَ ڪري رونما ٿيا ته جيئن سرڪار سيد صبغت الله شاهه مٿان هلندڙ ڪيس ۾ ساڻس رعايت ڪري. نيٺ ڪيس سنڌ موٽائي آندو ويو هو.

سنڌ جي گورنر سر هيو ڊائو، تاريخ 10 اپريل 1942ع تي لئمبرڪ ڏانهن لکيو هو ته معاملو ايئن ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي ته پير کي ڪاري پاٽيءَ جي سزا ملندي. گهرو کاتي جا اعليٰ عملدار هن ڳالهه تي سوچي ويچاري رهيا آهن ته پير کي ڪهڙي جاءِ تي رکيو وڃي. سچيليس ۽ ڪينيا ٻه اهڙيون جايون هيون جن تي پير صاحب کي رهائڻ جو سوچيو ويو هو. ڪن جو خيال هو ته ڪيس حبش ۾ رهايو وڃي. گورنر جو خيال ٻه اهو هو. پر سندس نقطهٔ نظر هو ته پير لاءِ سوچيل هن سزا سان لئمبرڪ ضرور متفق هجي. گورنر وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ڪو ماڻهو هن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته حر تحريڪ ختم ڪرڻ واسطي پير صاحب جي ساري گهراڻي کي

جلاوطن ڪري هندستان کان ٻاهر موڪليو وڃي ته جيئن هو وري هيڏانهن موٽي نه اچي.

30 جنوري 1943ع تي جي ايم سليڊن (J. M. Sladen) ايچ تي ڏانهن هڪ ضروري خط مُڪو هو ۽ ان سان گڏ ڊفينس آف انڊيا ائڪٽ جي 16 ضابطي تحت نڪتل حڪمنامي جي هڪ ڪاپي به ڏانهس مُڪي هئائين جنهن جو تعلق پير صاحب جي اهل عيال سان هو. خط جي فقري ٻئي ۾ هن لئمبرڪ کان مشورو طلب ڪيو هو ته پير صاحب جي ٻن پٽن کي باقي گهر ڀاتين کان الڳ رهائڻ مناسب ٿيندو يا نه؟ تنهن تي هن ڏانهس جواب موڪليو هو ته ائين ڪرڻ سان مشڪلاتون ويتر وڌي وينديون. سندس خيال هو ته جيڪڏهن خبرداريءَ کان ڪم ورتو وڃي ۽ خاص وقت دوران ڪنهن به ماڻهوءَ کي ساڻن ملڻ لاءِ نه ڇڏيو وڃي ته اهو به ڪافي آهي.

1942ع ۽ 1943ع جي ڳجهن دستاويزن جو مطالعو ڪبو ته پتو پئجي ويندو ته سنڌ جي بيٺڪي انتظاميہ پير صاحب کي گرفتار ڪرڻ ۽ ان مان جند آجي ڪرڻ لاءِ پڪو پهه ڪري چڪي هئي. سندس نقطہ نظر اهو به هو ته ڪيس ڦاسي ڏني وڃي ۽ هن کي ڪنهن ڳجهيءَ جڳهه تي دفن ڪيو وڃي. پر ڪن اعليٰ عملدارن کي عجيب غريب سبب ڪري پير صاحب جي ڪن امڪاني ڳالهين کان ڪجهه چنتا هئي ته متان نظربندي دوران هو خودڪشي ڪري وجهي. پر ڪي به اهڙيون ڳالهيون موجود ڪونه هيون جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ته هو نظربنديءَ دوران اهو قدم کڻندو. پر هڪ ڳالهه جو امڪان ضرور هو ته سيد صبغت الله شاهه تي هلندڙ ڪيس ڪري انتظاميہ ڏادي ذهني دٻاءُ هيٺ هئي ۽ لاڳاپيل سرڪاري ڪامورا به امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هئا.

ٻيو ته پير صاحب پاڳاري تي ڪيس ٿاڦڻ کان اڳ ۾ ان ڪيس هلڻ دوران سنڌ جي بيٺڪي انتظاميہ هن نقطہ نظر جي هئي ته جڏهن پير صاحب کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي ته هو ڊپ کان ڏهڪائجي ويندو. اهڙي ريت حر به هيسجي ۽ ڪنبي ويندا. پر سيد

صبغت الله شاهه بهادر ڪلنگيڊر جوان ۽ مٿير مڙس هو. ڪيس دوران موت جي ڊپ ۽ ڏاڍ مٿس ڪوبہ ڏنگو ڏاڍو اثر ڪونہ وڌو هو ۽ اهو سارو دور سندس حوصلا نهايت بلند رهيا. ڪنهن بہ ڳڻتي ڳاراٽي ڪان آجو هو، ڪو هُتڪتو ۽ ڊپ سندس اوڏو بہ ڪونہ هئا. ان ڪري سنڌ جي بيٺڪي سرڪار ڏاڍي مايوس ٿي وئي هئي. تنهنڪري حڪومت حرن جي بلند حوصلن کي ختم ڪرڻ واسطي هڪ تجويز سوچي هئي تہ هي هُل هلايا وڃن تہ پير صاحب ڦاسيءَ جي ڊپ کان خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

تاريخ 23 فيبروري 1943ع تي اسپيشل برانچ جي ڏنل هدايتن مان پتو پوي ٿو تہ سندن خيال هو تہ اهي افواهہ پکيڙيا وڃن تہ پير صاحب پاڳاري پنهنجي لاءِ ڦاسيءَ جي سزا جي فتويٰ*ملڻ کان پوءِ ضرور خودڪشي ڪندو. تنهنڪري پير صاحب کي اهڙي قدم کان روڪڻ واسطي 27 فيبروري 1943ع جي ڇهين وڳي کان وٺي پروسي جوڳا پهريدار رکيا ويا آهن. حڪم نامي ۾ هي لکيل هو تہ هن مٿان تي ماٺهو خاص خاص نگراني ڪندا ۽ پهري لاءِ هيٺيان سنتري مقرر ڪيا ويا آهن. مسٽر لانگمين ڇهين وڳي شام کان نائين وڳي شام تائين، سرجنٽ ارون نائين وڳي شام کان ٻارهين وڳي آڌيءَ رات تائين. جڏهن تہ ڪار پورل هئگ ٻارهين وڳي رات کان وٺي ٽين وڳي صبح تائين. ان کان پوءِ وري لانگمين جو وارو شروع ٿيندو جيڪو ٽين وڳي صبح کان وٺي ڇهين وڳي صبح تائين پهرو ڏيندو.

ان حڪم نامي ۾ اهو بہ واضح لکيل هو تہ انهن خاص پهريدارن جو ڪم هوندو تہ هو قيديءَ مٿان خاص نظر رکن تہ مٿان هو رات جي وڳڙي ۾ آپگهات نہ ڪري ڇڏي. ان ڪوليءَ جي ڪنجي پهري تي موجود سنتريءَ وٽ هوندي هئي، جڏهن هو ڏسي تہ قيدي خودڪشي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ هو ڪنجي سان در تي ڏنل ڪلف ڪولي پنهنجي ٻين ٻن ساٿين جي مدد سان قيدي کي ائين ڪرڻ کان روڪي وجهي. سندس باقي ٻہ پهريدار ساٿي انهيءَ مقصد سان پرسان ئي سٽل هوندا.

ان آرڊر ۾ وڌيڪ اهو به لکيل آهي ته ڏينهن جو به هر سنتري پنهنجي واري وٽيءَ موجب پهرو ڏيندو رهندو ۽ هر وقت سندس اک قيديءَ ۾ ڪتل هوندي. ضروري حاجت لاءِ ڪيس موڪل ڏني ويجي. پر ڪيس وقت اهو ڏنو ويجي جيڪو هو هميشه وٺندو آهي. جيڪڏهن ضروري حاجت ۾ وڌيڪ وقت لڳي ته ويجي ته پهري تي بيٺل سنتري پاڻ ڪي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪي قدم کڻي ڏسي ته هر معاملو اصول مطابق هلي رهيو آهي. جيڪڏهن قيدي ڪجهه دير ڪري ته سنتري ڪيس تڪڙ ڪرڻ لاءِ چوي. جيڪڏهن ڪيس سڏ جي وراڻي نه ملي ته هو اطمينان ڪرڻ لاءِ ڪاڪوس اندر جهاتي پائي ڏسي.

قيدي لاءِ کاڌ خوراڪ تيار ڪرڻ جو انتظام قيد تنهائي واري اڱڻ ۾ ڪيو ويجي ۽ قيدي بورچي کي انهن حصن ڪان ڪڏهن به ٻاهر وڃڻ جي موڪل نه هئڻ کپي. ڪنهن به ماڻهوءَ کي حيدرآباد سينٽرل جيل جي سپرنٽينڊنٽ جي موڪل کان سواءِ قيدي سان ملڻ جي موڪل ڪانه آهي. اهڙي اجازت هر ملاقات جي موقعي لاءِ ڌار هوندي.

ان آرڊر ۾ پڇاڙي وارو فقرو هي آهي جنهن تي وڌيڪ زور به ڏنو ويو آهي ته جيئن ته قيدي نهايت بي چين آهي تنهنڪري پهري تي مقرر ماڻهن کي گهرجي ته قيديءَ جي سخت نگراني ڪن ته جيئن هو آپگهات ڪرڻ لاءِ ڪوشش نه ڪري، خاص ڪري رات جي وچڙي دوران سندس وڌيڪ نگراني ڪئي ويجي. هن آرڊر جون ڪاپيون آءِ جي جيل ڪراچي مسٽر فريڊرڪ ينگ، پوليس جي ڪمشنر، مارشل لا سنڌ، چيف ائڊمنسٽريٽر مارشل لا جي سول ائڊوائيزر مسٽر لئمبرڪ ۽ اپر سنڌ فورس جي برگيڊ ميجر ڏانهن موڪليون ويون هيون. پيٽرمين لکيو آهي ته ڪورٽ مارشل ان ڪيس جي ڪارروائي اهڙيءَ جڳهه اندر ڪئي هئي جنهن جي دروازن کي ٻاهران ڪلف ڏنا ويا هئا جيڪا ٽي ڏينهن لڳاتار هلي. مذڪوره ڪيس سان لاڳاپيل ڪارروائي جو هڪ اکر به ان چوديواري ڪان ٻاهر ڪونه نڪتو. پير صاحب پاڳاري کي هن جرم ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي هئي ته هن

انگليند جي بادشاهه خلاف بغاوت ڪئي آهي. ليفٽيننٽ جنرل مولسورٿ هيءَ ڳالهه قبول ڪئي آهي ته جيڪڏهن پير صاحب کي موت ڪانسواءِ ٻي سزا ڏني وڃي ها ته ڪيس چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ ان سزا کي موت جي سزا ۾ بدلائڻ جا سڀ اختيار مليل هئا. پير صاحب کي ان فيصلي خلاف اپيل ڪرڻ جو حق ڏنو ويو هو. اها خاص اجازت اعليٰ عدالتي اختيارن ۽ دستور العمل جي نقطهٔ نظر کان ڏني ويئي هئي ۽ اهي ڪاغذ ائڊووڪيٽ جنرل جي حوالي ڪيا ويا هئا جنهن جي مشوري تي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر اها اپيل رد ڪري ڇڏي هئي. پير صاحب کي اها به اجازت ڏني وئي هئي ته هو وائسراءِ کي رحم جي درخواست ڪري سگهي ٿو جيڪا پڻ رد ڪئي وئي هئي. مولسورٿ جو بيان آهي ته تاريخ 17 مارچ 1943ع تي حيدرآباد حڪم موڪليو ويو ته ڪورٽ مارشل جي فيصلي تي عمل ڪيو وڃي.

مارشل لا جي چيف ائڊمنسٽريٽر جو پوليس صلاحڪار مسٽر فريڊرڪ ينگ 18 مارچ تي پير صاحب سان وڃي مليو هو ۽ ڪيس ٻڌايو هو ته وائسراءِ کي ڪيل سندس اپيل رد ٿي چڪي آهي. اورينٽاس ۽ انڊيا آفيس جي ڪاغذن مان سنڌ جي گورنر کي لکپڙهه سان لاڳاپيل دستاويز مليا آهن جن ۾ وائسراءِ ڏانهن لکيل هڪ مختصر خط موجود آهي جنهن ۾ گورنر ڏانهس لکي ٿو ته پير صاحب ڦاسيءَ کان ڏاڍو مطمئن هو ۽ سندس رويو ڏاڍو شاندار هو. سنڌ جو گورنر ڪيس اهو اطلاع به ڏنو هو ته جڏهن پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ واري تاريخ جي مقرري بابت ٻڌايو ويو ته سندس منهن تي ڪو گهنج به ڪونه آيو، هُو ڏاڍو خوش ۽ مطمئن هو. سيد صبغت الله شاهه ڪمشنر کي ٻڌايو ته مان پنهنجي موت سان ڏاڍي شان ۽ وقار سان ملندس. پير صاحب کانئس اهو به پڇيو ته ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ سندس لاش ڪٿي دفن ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ ته منهنجي خواهش آهي ته منهنجو لاش پير ڳوٺ ۾ ان جڳهه تي دفن ڪيو وڃي جتي منهنجا ابا ڏاڏا دفن آهن. سندس دلي تمنا هئي ته ڪيس دفن ڪرڻ لاءِ اتي

مختصر جڳهه ڏني وڃي ۽ اتي تمام گهٽي خالي جڳهه موجود آهي.

ميجر جنرل وصال محمد جو بيان آهي ته قيد ۾ بند هئڻ دوران مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته ڪو ببر شينهن پڃري ۾ بند آهي. سندس بيان هن طرح به آهي ته ڦاسيءَ ڏيڻ کان اڳ پير صاحب لاءِ چيو ويندو آهي ته هن هي بيان ڪيو هو ته ڪيس افسوس آهي جو هو سگريٽ تمام گهڻا ڇڪيندو هو. 20 مارچ 1943ع تي پير صاحب کي ڦاسي جو ڦندو ڪنڌ ۾ وڌو ويو ته به هو ڏاڍو باوقار ۽ باعظمت معلوم ٿي رهيو هو ۽ سندس منهن تي اطمينان ڇانيل هو.

سورهيه بادشاهه سيد صبغت الله شاهه جي ڦاسيءَ کي مختلف ذريعن وسيلي تمام گهڻو مشتهر ڪيو ويو هو. سندس مريدن کي هن جي لاش ڏسڻ جي دعوت ڏني وئي هئي. پر هو هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونه هئا. وصال محمد جو بيان آهي ته حر سمجهي رهيا هئا ته ڪيس ڪا نشي واري شيءِ کارائي بيهوش ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڪوڙ آهي ته ڪيس ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو آهي. مريدن جو تصور هو ته اها هڪ ڪليل حقيقت آهي ۽ انگريز اسان کي ٻيوقوف بنائي ڪونه سگهندا. سندن اهو به خيال هو ته پير صاحب کي ڪٽي سنڌ کان ٻاهر ڪنهن جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي. ان ڪري ٻڌايو پيو وڃي ته هو وفات ڪري چڪو آهي. فقير سمجهي رهيا هئا ته اهڙيون اٽڪلون ڪين بزدل بڻائڻ ۽ ٽڳڻ لاءِ ڪيون پيون وڃن. ڇاڪاڻ ته انگريز سرڪار يورپ ۽ برما ۾ جنگي دٻاءَ هيٺ آهي، تنهنڪري اها پنهنجي فوج گهٽي وقت لاءِ سنڌ ۾ رکڻ ڪانه ٿي گهري.

# پير صاحب پاڳاري جو ڳجهو دفن ڪفن

ميجر جنرل وصال محمد سنڌ ڪوارٽرلي ۾ ڇپيل 23 جنوري 1980ع واري پنهنجي لکيل خط ۾ هن حقيقت جو اظهار ڪيو آهي ته هن سيد صبغت الله شاهه تي هلندڙ ڪيس ۽ سندس ڳجهي معلومات سيڪيورٽين جي پابندين ڪري ڪنهن کي ڪانه ڏني هئي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته پير صاحب جي قبر ايراني نار کان پري هڪ ٻيٽ تي آهي. سندس قبر کان فقط اهي فوجي عملدار واقف هوندا جن پير صاحب ۽ حرن خلاف ڪارروائين ۾ حصو ورتو هوندو. ميجر وصال ٻڌائي ٿو ته سيڪيورٽي جون سخت پابنديون حفظ ماتقدم طور هيون ڇاڪاڻ ته اهو سمجهيو پئي ويو ته جيئري کان "مئل" پاڳارو وڌيڪ خطرناڪ آهي. سنڌ جي گورنر ۽ وائسراءِ وچ ۾ لکپڙهه جا 1940ع واري ڏهاڪي سان لاڳاپيل ڪي دستاويز ۽ فوجي فائل آهن جيڪي هر پڙهندڙ لاءِ برٽش لئبرري ۾ موجود آهن.

21 نومبر 1942ع تي سنڌ جي گورنر وائسراءِ ڏانهن هڪ مختصر خط لکيو هو جنهن ۾ هن وضاحت سان ڪيس ڇيو هو ته جيڪڏهن پير صاحب کي ڦاسي ڏني وڃي ته کيس سنڌ کان ٻاهر دفن ڪيو وڃي ۽ قبر کي ممڪن ڊگهي عرصي تائين ڳجهه ۾ رکيو وڃي. ان لاءِ اهڙي جڳهه جي چونڊ ڪئي وڃي جتي مقامي مريد ماڻهو نه هجن.

21 ڊسمبر 1942ع تي وائسراءِ سنڌ جي گورنر ڏانهن ٽيليگرام موڪلي هئي جنهن ۾ کيس ٻڌايو هئائين ته هو پير کي دفن ڪرڻ واسطي ٻين علائقن سان گڏ مديه پرديش لاءِ پڻ ويچاري رهيو آهي. انهيءَ معاملي بابت هو ٽوينام سان لکپڙهه ڪري رهيو آهي، جيڪو

هن قسم جا انتظام ٻڃهيءَ ريت ڪري سگهي ٿو. ڪيس اهو احساس ضرور هيو ته ڦاسي ڏيڻ جي حالت ۾ اهڙي طريقي جا انتظام ڪيا وڃن جو هر ماڻهو پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ واري واقعي تي يقين ڪري. انهيءَ ڪري ٽيليگرام ۾ هن ڳالهه تي بحث ڪيو هئائين ته پير صاحب کي حيدرآباد جيل اندر ڦاسي ڏني وڃي يا سنڌ جي حدن کان ٻاهر. ان ٽيليگرام جا نقل سر رچرڊ ٽاٽنهئم ۽ جنرل مولسورٿ ڏانهن پڻ موڪليا ويا هئا. پر جيئن ته پير صاحب کي ڦاسيءَ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. تنهن ڪري سنڌ جي گورنر ۽ وائسراءِ هند واسطي سندس دفن جو معاملو نهايت اهم هو. تاريخ 2 جنوري 1943ع تي سنڌ جي گورنر ٻه ٽيليگرام رواني ڪئي هئي جنهن ۾ هن پير صاحب جي امڪاني قبر لاءِ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هو. وائسراءِ هند ان ٽيليگرام جو جواب تاريخ 11 جنوري تي ڪيس اماڻيو هو جنهن ۾ هن کي ٻڌايو هئائين ته پير صاحب جي ميت کي هندستان کان ٻاهر حدن ۾ دفن ڪرڻ لاءِ غور تي رهيو آهي. پر اهڙو فيصلو ان وقت تي ڪونه سگهيو هو. 27 جنوري 1943ع تي وائسراءِ سنڌ جي گورنر کي ٽيليگرام وسيلي هن قسم جون هدايتون موڪليون هيون ته جن ٻه جاين بابت بحث ٿيو آهي تنهن بابت بنا دير اتفاق راءِ قائم ڪيو وڃي ۽ ڪيس پنهنجي راءِ جي اظهار لاءِ تاڪيد ڪيو ويو هو.

اختياريءَ وارن اهو ٻه فيصلو ڪيو هو ته پير صاحب کي سمنڊ ڪناري سان دفن ڪيو وڃي. 29 جنوري 1943ع تي ڊاؤ لنٿلگو ڏانهن لکيو هو ته پير صاحب کي سمنڊ ڪناري دفن ڪرڻ واري ڳالهه تي اتفاق راءِ ٿي ڪونه سگهيو آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته جنرل رچرڊسن جو خيال آهي ته ميت کي جهاز وسيلي انگريز حڪومت واري علائقي عدن ڏانهن موڪليو وڃي ۽ ان کي عدن پرسان دفن ڪيو وڃي. ڊائو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته پير صاحب کي جيڪڏهن اتي دفن ڪيو ويو ته ڪيس ڪنهن ٻه قسم جو اعتراض ڪونه ٿيندو. پر سندس وزيرن جو خيال آهي ته

اهڙيون ڳالهيون غير ضروري آهن ۽ هو به ساڻن اتفاق راءِ رکي ٿو.
وائسراءِ 9 فيبروري 1943ع تي گورنر ڏانهن لکيل پنهنجي جواب ۾ ٻڌائي ٿو ته ڪيس اها خبر ڪانه هئي ته سنڌ جا وزير پير جي دفن واري جڳهه لاءِ پڻ سوچي رهيا آهن. هن ڪان اڳ واري پير پاڳاري کي به شهيد سمجهيو ويو هو، ان ڪري سندس مقبرو وڳوڙن جو مرڪز بڻجي ويو هو.
سنڌ جو گورنر ۽ وائسراءِ بحث ڪندا رهيا هئا ته پير صاحب کي هندستان کان ٻاهر يا جيواني ۾ دفن ڪيو وڃي. وائسراءِ جي دماغ ۾ هڪ متبادل حڪمت عملي پڻ موجود هئي ته فوج پير صاحب کي جيواني يا بلوچستان جي ساموندي ڪناري سان يا اسٽولا ٻيٽ تي دفن ڪرڻ جو بندوبست ڪري. لارڊ لنلٿگو سنڌ جي گورنر ڊائو کان هڪ صلاح پڇي هئي ۽ هن ساڻس اتفاق راءِ جو اظهار ڪيو هو. پر ان ڳالهه تي اجا به وڌيڪ غور فڪر ڪرڻ جي ضرورت هئي. ڇاڪاڻ ته تجويز ڪيل دفن جون ٻئي جڳهون قلات جي حدن ۾ موجود هيون جتي سخت انتظامن جي ضرورت هئي.
10 فيبروري 1943ع تي سنڌ جي گورنر ٽيليگرام وسيلي وائسراءِ کي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن جيواني يا هندستاني کان ٻاهر ڪنهن ٻئي هنڌ دفن جو سولائي سان انتظام ممڪن آهي ته پوءِ اهو منصوبو وڌيڪ بهتر آهي. پر اهو منصوبو ڪجهه ڏکيو آهي ته پير صاحب کي سنڌ ۾ دفن ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ خطري کان خالي ڪونه آهي. پر اهڙن خطرن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. ان ٽيليگرام جو جواب وائسراءِ 23 فيبروري تي ڏنو هو جنهن ۾ هن واضح ڪيو هو ته پير صاحب جي ميت کي دفن ڪرڻ لاءِ فوجي اختيارن وارا سنڌ کان ٻاهر بندوبست ڪندا. پر ڪيس ڪراچيءَ ۾ دفن ڪونه ڪيو ويندو ۽ سندس تجهيز تدفين اسلامي طريقي مطابق ڪئي ويندي. ڪجهه ڏهاڪن تائين پير صاحب جي قبر هڪ راز هئي ۽ ان بابت ڪيئي مختلف اندازا قائم ڪيا ويا هئا. ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي پنهنجي تصنيف Diversions of Mnemosyne جي جلد The Web of Ill Mnemosyne

۾ لکي ٿو ته پير پاڳاري کي چرن ٻيٽ تي دفن ڪيو ويو هو. ممڪن آهي ته اها ڳالهه صحيح هجي، ڇاڪاڻ ته بيٺڪي انتظاميه اڳواٽ ئي اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هو ۽ پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ واري واقعي کان پورا ٻارهن مهينا اڳ ڪراچي قلعي جي ڪمانڊر 17 اپريل 1942ع تي اعلان ڪيو هو ته چرن ٻيٽ هوائي فوج جي بمباريءَ جي دائري اندر آهي. 18 اپريل 1942ع جي بامبي ڪرانيڪل پڻ سرڪاري خبر ڏني هئي جنهن ۾ ڇپيو ويو هو ته انتظاميه اعلان ڪيو آهي ته جيڪو جهاز هن هڪ ٻيٽ کان هڪ ميل جي فاصلي اندر يا ويجهو گذرندو ۽ جيڪڏهن ان کي ڪو نقصان رسيو ته اها ان جي پنهنجي ذميواري هوندي. انهيءَ زماني ۾ هڪ افواهه اهو به هليو هيو ته حيدرآباد جي سينٽرل جيل جي حدن اندر هڪ خفيه قبر کوٽي پئي وڃي جنهن ۾ چن به رکيو ويو آهي. اهو به ڇيو ويندو آهي ته پير صاحب جي ميت کي چن جي ٻن وڏن ٿهن جي وچ تي رکي دفن ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ قبر ۾ مٽي وجهي ان کي سڌون ڪيو ويو هو ۽ قبر جي هر نشان کي ميساري ختم ڪيو ويو هو. اهڙن افواهن مان اشارو ملي رهيو هو ته ان قبر جي نگراني، جنرل رچرڊسن، لئمبرڪ ۽ ردلي پاڻ ڪري رهيا هئا.

مولسورٿ جو ڏنل احوال وڌيڪ ويساهه جوڳو آهي. هو چوي ٿو ته پير پاڳاري جو ميت رات جي وڳڙي ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ڏانهن موڪليو ويو هو ۽ اتان کان "رايل انڊين نيوي" جي هڪ جنگي جهاز ۾ سوار ڪيو ويو هو. اتان مڪران جي سامونڊي ڪناري کان پري استولا نالي هڪ ٻيٽ تي هڪ اونهي قبر کوٽي ڪيس اسلامي طريقي موجب دفن ڪيو ويو هو. بعد ۾ هر نشان ميساريو ويو هو، انهيءَ لاءِ ته جيئن محسوس نه ٿي سگهي ته اتي ڪا قبر آهي. مولسورٿ هيءَ ڳالهه به يادگيرين ۾ لکي آهي ته ان وقت جي نيول ڪمانڊر به هيءَ حقيقت تحرير ڪئي آهي ته ان ٻيٽ تي پاڻي جو نالو نشان به ڪونه هو. پر نانگ بلائون جام هيون.

هنن ڳالهين جي تصديق پير پاڳاري واري فائيل مان به ٿئي ٿي

جنهن تي پير صاحب جي حوالي سان لکيل آهي ته سياسي قيدين کي سمنڊ پار قيد ۾ رکڻ گهرجي وغيره وغيره ۾ اهو فائيل برٽش لئبرريءَ ۾ موجود آهي. هن فائيل ۾ هڪ رپورٽ موجود آهي جنهن تي تاريخ 23 آگسٽ 1943ع ۾ مٿان عنوان اٿس Martial Law in Sindh. هن فائيل لاءِ نوٽ مسٽر گلڪرائسٽ (Gilchist) تيار ڪيو هو. ان جي ص 47 تي نهايت خفيه قسم جو هڪ ٽيليگرام آهي جنهن جو نمبر 10098 ۾ تاريخ 19 مارچ 1943ع لکيل اٿس. معلوم ٿئي ٿو ته هي ٽيليگرام وائسراءِ هند سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ڏانهن ڪئي آهي. جنهن ۾ اهو تاڪيد ڪيو ويو آهي ته وائسراءِ طرفان موڪليل هن ٽيليگرام کي ڪنهن به حالت ۾ پارليامينٽ استعمال نه ڪري. ان ڪانپوءِ هو ڪيس ٻڌائي ٿو ته پير جي رحم لاءِ ڪيل درخواست آرمي چيف ۾ هن رد ڪري ڇڏي آهي ۾ اهي ڳالهيون مقرر ڪيل ڦاسي واري تاريخ کان اڳ ڪيون ويون آهن. وائسراءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا کي هي ڳالهه پڻ سمجهائي ٿو ته پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ ڪري حر پنهنجون ڇاپا مار ڪارروايون شروع ڪري ڏيندا. هو وڌيڪ چوي ٿو ته پير کي مڪران جي سامونڊي ڪناري کان پري اسٽولا (Astola) نالي هڪ ٻيٽ تي دفن ڪيو وڃي جيڪو قلات رياست جي حدن اندر واقع آهي. وائسراءِ هن ڳالهه جي پڻ تصديق ڪري ٿو ته اهڙي خبر فقط اسان کي هوندي ۾ ضرورت پئي ته اسان ئي ان قبر کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون.

ڪجھ سالن کان پوءِ جڏهن حرن کي لوڙهن مان آزاد ڪرڻ لاءِ هڪ ٽربيونل جوڙيو ويو هو ته "قرباني" نالي هڪ اخبار ۾ "حرن لا ٽربيونل" جي عنوان سان هڪ مقالو ڇپيو هو. انهيءَ مقالي ۾ هن قسم جا لفظ لکيل هئا ته حرن جي روحاني اڳواڻ مرحوم پير پاڳاري کي جڏهن ڦاسي چاڙهيو ٿي ويو ته گانڌي برٽش ڪئبينيٽ مشن ۾ انگريز سياستدانن جون دعوتون کائي رهيو هو. اڳتي هلي مصنف لکي ٿو ته "انگريزن جي هن ٻٽي حڪمت عملي کي هندستان جي تاريخ ۾ سٽن لفظن ۾ ياد ڪونه ڪيو ويندو ۾ انگريزن جي اهڙين اڻ

سونهندڙ ڳالهين ڪري سنڌن نسل هميشه لاءِ شرمسار رهندو.“

مسٽر اسلم حسين جو مقالو سنڌ ڪوارٽرلي جي 1989 واري شماري ۾ ڇپيو هو جنهن ۾ سندس بيان آهي ته سندس مرحوم پيءُ ڪنهن زماني ۾ يو پي سرڪار جو لکنؤ ۾ ليگل ريممبرنس جو سيڪريٽري هو. انهيءَ زماني ۾ اتان جو چيف سيڪريٽري مسٽر آر ايف موڊي (R.F.Mudie) هو جيڪو هن کان اڳ سنڌ جو گورنر رهي چڪو هو. منهنجي پيءَ جي نقطئه نظر ٻڌڻ کان پوءِ مسٽري موڊي هندستان سرڪار هوم ڊپارٽمينٽ ڏانهن ڊي او ليٽر ۾ پنهنجي راءِ هن ريت لکي هئي: ”پير پاڳاري اهڙو جرم ڪيو آهي جو ڪيس ڦاسي ڏني وئي آهي، اهو ساڳيو ڏوهه گانڌي ڪيو پر ڪيس آغا خان جي محلات ڏانهن موڪليو ويو آهي. پير صاحب کي سزا ڏيڻ واسطي هڪ ملٽري ڪورٽ جوڙي وئي هئي ۽ سندس ڪيس ان ڪورٽ هلايو هو. سازش ڪري ڪيس جي ڪارروائي انهيءَ طريقي سان هلائي وئي هئي جيئن هن روحاني ۽ سياسي اڳواڻ کي موت جي سزا ملي سگهي. انهيءَ نقطئه نظر کان جديشري جا سارا اختيار انتظاميه جي حوالي ڪيا ويا هئا ۽ جيڪو برطانيه جو علم بيان سان لاڳاپيل انصاف جو هڪ طريقو آهي. انگريزن پير پاڳاري خلاف شاهدن مٿان پنهنجو دٻاءُ رکيو هو ۽ ڪيترن قسمن جون رشوتون آڇيون هيون پر پوءِ به شاهدي ان لائق ڪانه هئي جنهن جي آڌار تي ڪيس ڦاسي ڏني وئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو انگريز اختيارين کي حڪومت ڪرڻ جي ڪجهه وڌيڪ مهلت ملي وئي هئي. پر انهيءَ ڪري قانون جي حڪمراني ۽ انصاف جي اصولن کي ڏاڍو نقصان رسيو هو. ڪورٽ جي هن فتويٰ ڪري ڏوهن بابت انصاف وارو انتظام پنهنجي وقعت ۽ وقار وڃائي ويٺو. ڇاڪاڻ ته ان کي اقتدار جي ايوان ڏٽين هڪ هشيار طور ڪتب آندو هو.

## پير پاڳاري جي شهادت ۽ بي انتها بهادر حُر

وائسراءِ جي اسٽاف آفيسر مسٽر گلڪرائسٽ جي 23 مارچ 1943ع تي تيار ڪيل رپورٽ مطابق 81 حر فوج ۽ پوليس سان مقابلو ڪندي مارجي ويا هئا. 79 حرن کي ٽربيونل سزا ڏني هئي، جڏهن ته 107 کي ڪيس هلائڻ کان پوءِ بي ڏوهي سمجهي آزاد ڪري ڇڏيو هو. تيار ڪيل اهو نوٽ اها حقيقت ڪونه ٿو ٻڌائي ته حرن جي ڇاپا مار ڪارروائين ۾ ڪيتري شدت هئي. ان ۾ فقط مختلف قسم جي سزائن جو ذڪر موجود ڏسجي ٿو جيڪي بيٺڪي راڄ جي اختياريءَ حرن کي ڏنيون هيون، ڪيترا شديد زخمي حر هئا جن کي اختياري وارن ڪابه سزا ڪانه ٻڌائي هئي جيڪي ٿوري وقت کان پوءِ وفات ڪري ويا هئا.

مولسورٿ جو بيان آهي ته پير صاحب پاڳاري کي ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ سندس ورتل تصويرون اتر سنڌ جي ڪيترن شهرن جي مکيه جاين تي هنيون ويون هيون. ميجر جنرل وصال محمد به اهڙي ڳالهين جي تصديق ڪري ٿو جيڪي هن سنڌ ڪوارٽرلي ۾ پنهنجي مقالي ۾ بيان ڪيون آهن. مين سان گڏ ڪيترن مصنفن هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي ته ڪيترن حرن پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ واري حقيقت تي اعتبار ئي ڪونه ڪيو هو ۽ سمجهندا هئا ته هو زنده آهي. اهي هيءَ وائي به ورجائيندا هئا ته جيڪڏهن انگريزن ڪيس ڦاسي ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ته "دنيا مٿان ڪاري رات ختم ئي ڪانه ٿيندي. سچ ته ايري ٿو پر اهو ڇڻ غمگين آهي." مارچ 1943ع جي پڇاڙيءَ ۾ پير صاحب پاڳاري کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو هو. پر

سنڌس ٻه پٽ جن مان هڪ جي عمر 12 ۽ ٻئي جي 10 ورهيه هئي ڪراچيءَ جي هڪ بنگلي ۾ نظر بند هئا. انهيءَ زماني ۾ فريڊرڪ ينگ ميرپور خاص ۽ پيرو مل جو دورو ڪيو هو ۽ ڪيترن اثر رسوخ وارن ماڻهن ۽ زميندارن، هارين نارين ۽ سرڪاري ڪامورن سان ڳالهايو هئائين ۽ ڪيس پتو پيو هو ته هنن مان گهڻن جو پير صاحب کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪرڻ واري ڳالهه تي اعتبار ڪونه هو. ڪيترن وسوڙل ماڻهن جو خيال هو ته پير صاحب کي ڦاسي ڪانه ڏني وئي آهي پر سنڌس روح کي بهشت ڏانهن موڪليو ويو آهي. ماڻهن جي شڪ شبهي کي ختم ڪرڻ جي نقطهٔ نگاهه کان پير صاحب جي وفات واريون تصويرون سانگهڙ، سنجهوري، ڪپري، خيرپور رياست ۽ سکر جي عام جڳهن تي هنيون ويون هيون جن جون سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهاڻيون به لکيل هيون.

8 اپريل 1943ع تي سکر جي سي آءِ ڊي جي صوبيدار رپورٽ موڪلي هئي ته هتان جا زميندار ۽ هاري هن ڳالهه تي ويساهه ڪري چڪا آهن ته پير صاحب کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو آهي. پر ڪن پڪن مريدن جو خيال آهي ته جڏهن پير صاحب کي ڦاسيءَ چاڙهيو پئي ويو ته ان مهل ملائڪ ڪيس آسمان ڏانهن کڻي ويا. پر ڪين هڪ ڳالهه جي پڪ هئي ته جيڪڏهن پير صاحب کي ڦاسي ڏني وئي هجي ها ته سنڌس ميت کي سنڌ ۾ ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي ضرور دفن ڪيو وڃي ها. جڏهن ته سنڌ ۾ سنڌس اهڙي ڪا قبر موجود ئي ڪانه آهي ته پوءِ ڪيس ڦاسي ڏئي شهيد ڪرڻ واريون ڳالهيون ڪوڙيون آهن.

فريڊرڪ ينگ صوبيدار عزيز حسين جي موڪليل رپورٽ کي لئمبرڪ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو هو. هن مذڪوره رپورٽ تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي نوٽ لکيو هو ته اهڙيون تجويزون ڪيون وڃن جو ماڻهن کي پير صاحب جي ڦاسيءَ بابت اعتبار اچي وڃي ۽ ائين ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

ان ڪانسواءِ پير جي ڳوٺ ۾ اهڙو اعلان ڪرائڻ پڻ نهايت

ضروري سمجهيو وڃي ٿو. اهڙو قدم ماڻهن کي موجوده صورتحال مان ناجائز فائدي حاصل ڪرڻ کان پلي ڇڏيندو.

ٻيٽڪي راڄ جي اختيارن وارا پير صاحب جي پٽن کان ڏنل هئا جن مان هڪ ضرور پنهنجي پيءُ جي گاديءَ تي ويهڻو هو ۽ ان کانپوءِ پاڳارو ٿيڻو هو. جولاءِ 1943ع ۾ لئمبرڪ ڊي سي بارٽي کي مشورو ڏنو هو ته پير صاحب جي ٻنهي پٽن کي سرڪار جي ڪنهن ٻيٽڪي راڄ ڏانهن موڪليو وڃي جتي ڪين اتان جي گورنر جي نگراني هيٺ رکيو وڃي. ان ڪانسواءِ اهو به مشورو ڏنو هو ته پير صاحب جي فرزندن جو سماجي رتبو بحال ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ ته جيئن هو پنهنجي ملڪ جا معزز ۽ محترم شهري بڻجي سگهن.

12 جولاءِ 1943 تي ٿرپاڪر جي ڪليڪٽر برنارڊ بڊ، لئمبرڪ ڏانهن لکيو هو ته پير صاحب جي نينگرن کي اهل عيال جي عورتن کان الڳ رکيو وڃي جيڪي هن وقت تائين انهن سان گڏ رهيا پيا هئا. ان سان گڏ پير صاحب جي اهل عيال ۽ سندس نوڪرياڻين جي تعداد جو تفصيل وغيره به ڏنو ويو هو. ٻيو نقطهٔ نظر اهو به هو ته پير صاحب جي نينگرن کي سنڌ کان ٻاهر رهايو وڃي. مسٽر برنارڊ بڊ جو خيال هو ته انهن کي ڪنهن پبلڪ اسڪول ۾ گهٽ سماجي رتبو نه ڏنو وڃي. پر سندن عزت ۽ احترام اتي داخل هر شاگرد جهڙو هوندو. سندس خيال هو ته ائين ڪرڻ سان نتيجو اهو نڪرندو جو جڏهن هو وڏا ٿيندا ته پنهنجي صوبي ۾ پهچي ارڏايون ڪونه ڪندا. بڊ جو خيال ٻين آفيسرن جي نقطهٔ نظر کان مختلف هو جن جو تصور هو ته ڪين چيفس ڪاليج لاهور ۾ تعليم ڏني وڃي. سندس ويچار هو ته اتي هنن لاءِ بهترين فضا موجود ڪانه هوندي.

10 آگسٽ 1943ع تي سنڌ جي گورنر سر هيو ڊائو، وائسراءِ هند لارڊ لنٿلگو ڏانهن لکيو هو ته پير صاحب جي ٻنهي نينگرن کي هندستان مان هميشه لاءِ جلاوطن ڪيو وڃي.

4 آڪٽوبر 1943ع تي مسٽر برنارڊ بڊ علي محمد جي قتل جي معاملي جي جاچ پڙتال لاءِ ساماري ۾ موجود هو. هن موقعي تي

لئمبرڪ ڏانهن لکيو هئائين ته حرن تي وڌيڪ ڪڙي نظر رکي وڃي. هن موقعي تي ان ڏانهن ٻه مشورا لکي موڪليا هئائين هڪ ته سيني ڇاپامار ڳوٺن ۾ اهو اعلان ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هنن وڌيڪ ڇاپامار ڪارروايون ڪيون ته کين ڏنل رعايتون کسيون وينديون. ٻيو مشورو سيد صبغت الله شاهه جي فرزند لاءِ هو.

سندس نقط نظر هو ته: مون کي هن ڳالهه تي تعجب ٿئي ٿو ته اسان پاڻ لاءِ هڪ وڌيڪ خسارو ته پيدا ڪري ڪونه رهيا اهيون! امڪان آهي ته مستقبل ۾ حرن جون ڇاپامار ڪارروايون شايد وڌي وينديون. ان ڪري منهنجو مشورو آهي ته پير صاحب جي اهل عيال کي جلاوطن ڪيو وڃي. مثال طور ڏکڻ آفريڪا ڏانهن. جيترو منهنجي معلومات جو تعلق آهي ته مان سمجهان ٿو ته پير صاحب جي نينگرن جي مستقبل لاءِ اهڙو ڪوبه حڪم ڪونه صادر ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال آهي ته جيستائين هي گهراڻو سنڌ اندر موجود آهي تيستائين حرن کي مسقبل جي هڪ پير پاڳاري کي ڏسڻ جي هڪ مقدس خواهش هوندي. هاڻي سندن سوچ ويچار آهي. اسان پير صاحب جي معاملي کي ڇيڙڻ مان هٿ ڪڍي ويا آهيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو احساس ضرور ٿيندو ته اهو خطرو حقيقي هيو.

سنڌ جي اسپيشل ڪمشنر لئمبرڪ 9 آڪٽوبر 1943ع واري پنهنجي لکيل جواب ۾ ٻڌائي ٿو ته مسٽر بڊ کي پير صاحب جي ٻن صاحبزادن جي مستقبل بابت ڪوبه اطلاع ڪونه ڏنو هو. ڇاڪاڻ ته اهڙو فيصلو اجا تائين ڪونه ٿيو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ڪائنس مشورو طلب ڪيو پيو وڃي ته کين علي ڳڙهه يونيورسٽي موڪليو وڃي يانه. ان بابت هو ٻڌائي ٿو ته هن اختياري وارن سان اهڙو صلاح مشورو ڪيو آهي. پر اهي هن خيال جا مخالف آهن. ان جي خلاف لئمبرڪ کين هڪ ٽيوٽر سان انگلينڊ موڪلڻ جي سفارش ڪئي هئي. اتان ڪان پڻ اهڙي آڇ ملي آهي. تنهنڪري کين علي ڳڙهه يونيورسٽي موڪلڻ بدران انگلنڊ موڪلڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. اهڙي ريت بڊ جو ڏنل مشورو قابل عمل ڪونه هو. لئمبرڪ هن نقطي

تي وڏيڪ زور ڏنو آهي. هي چوي ٿو ته هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته هن ڳالهه جو قوي امڪان آهي ته جان نثار حرن کي هن حقيقت تي پورو يقين آهي ته سيد صبغت الله شاهه اڃا زنده آهي ۽ هنن کي ڪابه پرواهه ڪانه آهي ته سندس صاحبزادن کي ڪيڏانهن موڪليو پيو وڃي. ڇاڪاڻ ته اهي اڃا حقيقي نه پر مستقبل جا مرشد آهن.

تاريخ 6 مارچ 1944ع تي لئمبرڪ، نوابشاهه جي ڪليڪٽر خانبهادر محمد امين ڏانهن ريفرنس موڪليو هو جنهن جون ڪاپيون، چيف سيڪريٽري، ڊي آءِ جي پوليس، ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ سکر، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ڏانهن پڻ موڪليو هيون. ان ريفرنس ۾ لئمبرڪ هن ڳالهه تي زور ڏنو هو ته گهڻي وقت کان وٽس اهڙي معلومات ملي رهي آهي ته خاص ڪري حر پنهنجي جماعت ۾ هن قسم جي پروپئگنڊا ڪري رهيا آهن ته پير صاحب کي ڦاسي ڪانه ڏني وئي آهي. هن حقيقت جي وضاحت ڪندي هو لکي ٿو ته ڪيترن عام ماڻهن حرن کي سمجهايو هو ته پاڻ کي ڌوکو نه ڏين ۽ ان حقيقت تي اعتبار ڪن اهڙيون ڳالهيون ڪري حرن پنهنجي بي چينيءَ جو گهڻو اظهار ڪيو هو ۽ اهڙن ماڻهن کي سختي سان روڪي ڇڏيو هئائون ته سندن منهن تي پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جون ڳالهيون نه ڪيون وڃن، ڇاڪاڻ ته اهو ڪارو ڪوڙ آهي. لئمبرڪ هن حقيقت جي وضاحت ڪري رهيو هو ته پير صاحب جي ڦاسيءَ جي منظر جون تصويرون موجود آهن. پر اهي حتمي ثابتي لاءِ ناڪافي آهن، ان کان سواءِ هو هن ڳالهه ڏانهن به اشارو ڏئي رهيو هو ته هو انگريزن جي هلايل پروپئگنڊا کان متاثر ڪونه ٿيندا ۽ سمجهندا ته اهي تصويرون ڪوڙيون ۽ جڙتو آهن.

لئمبرڪ هن مسئلي تي گهڻن پاسن کان سوچيو ويچاريو هو ۽ هن نقطي تي بحث ڪيو هئائين ته جيتري وقت تائين مکيه حرن جو پير صاحب جي زنده هجڻ واري ڳالهه تي پڪو ويساهه هوندو تيستائين هو پير جي پٽ کي گادي تي وهاري پير پاڳارو تسليم ڪونه ڪندا.

اهڙيءَ ريت نہ وري انهن کي امن امان قائم ڪرڻ واسطي قائل ڪري سگهبو. پير صاحبن جي صاحبزادن ۾ خاص دلچسپي ان ڪري ڪانہ ورتي ويندي ڇاڪاڻ تہ انهن کي خوف هوندو تہ جيڪڏهن هنن ائين ڪيو تہ جهونڙا فقير کين جيئرو ڪونہ ڇڏيندا.

هن ڪان اڳ لئمبرڪ سنڌ جي گورنر کي مختصر نموني سان سمجهائي چڪو هو تہ جيڪڏهن سمجهيو وڃي تہ پير صاحب زنده آهي ۽ هو موٽي ايندو، اهڙي خبر تي حر بي چين ٿي ويندا ۽ ڪجھ عرصي لاءِ آپي مان ٻاهر نڪري ويندا. پر اهڙو اعتقاد گهڻي وقت تائين هلي ڪونہ سگهندو. پر جنوني قسم جا مريد هن حقيقت تي ڪڏهن بہ ويساهہ ڪندا. پير صاحب جو ڊگهي عرصي لاءِ مريدن جي سامهون نہ اچڻ ڪري منجهن هڪ قسم جي مايوسي پکڙبي جيڪا پنهنجو اثر ضرور پيدا ڪندي. ان ڪان پوءِ هڪ تصوراتي پير هڪ حقيقي پير ڪان وڌيڪ خوفناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. آخرڪار پير صاحب جي فرزندن کي ٿوري وقت لاءِ پهريان علي گڙھ موڪليو ويو ۽ ان ڪانپوءِ انگلينڊ. پير صاحب جي ملڪيت هڪ ٽرسٽ جي حوالي ڪئي وئي. علي ڳڙھ ۽ انگلينڊ ۾ رهڻ دوران ٻنهي صاحبزادن جو خرچ مذڪوره "ٽرسٽ" برداشت ڪندي هئي. حرن کي پير صاحب کي ڦاسي واري معاملي بابت اعتبار ڏيارڻ ۽ مڃائڻ وارو مسئلو اڃا حل ڪونہ ٿيو. 10 فيبروري 1947ع ۾ "ڊان" اخبار جو رپورٽر لکي ٿو تہ توڙي جو پير پاڳاري کي ڦاسي ڏني پورا چار ورهيہ گذري چڪا آهن، پر هن جا ڪي مريد هن خيال جا آهن تہ هو اڃا بہ زنده آهي.

ميجر جنرل (رٽائرڊ) وصال محمد خان
سنڌيڪار: غلام حسين رنگريز

# سنڌ ۾ حُر هلچل

نوٽ:- هي مضمون تماهي رسالي 'سنڌ ڪوارٽرلي' ڪراچي ۾ پنجن قسطن ۾ ڇپيو. مضمون معلومات جي لحاظ کان نين پدراين تي مشتمل آهي، ان ڪري پڙهندڙن جي ڄاڻ ۽ دلچسپيءَ لاءِ ان جو مڪمل ترجمو پيش ڪجي ٿو.

سن 1942ع ۾ سنڌ جي آبادي جو اٽڪل 73 سيڪڙو، مسلمان، 25 سيڪڙو هندن ۽ 2 سيڪڙو ٻين مذهبن وارن ماڻهن تي مشتمل هو. هندن جي گهڻائي ڪاروبار ۾ هئي ۽ اهي عام مسلمانن کان وڌيڪ سکيا ۽ شاهوڪار هئا. هندو وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهندا هئا ۽ مسلمان ننڍڙن ڳوٺن ۾. هندن ۽ مسلمانن جا لاڳاپا ڏاڍا دوستاڻا هوندا هئا ۽ ايراضي مالڪن جو مسواڙين يا هارين تي وڏو اثر هوندو هو.

حُر عرب بڻ بنياد جا هئا. چيو وڃي ٿو ته، انهن وچ ايشيا مان لڏپلاڻ ڪري پهريائين عربي سمنڊ جي ڪنارن وارن علائقن ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ پوءِ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا. (حُر اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي آزاد ۽ اُن جي جمع جو صيغو آهي احرار. سيد احمد شهيد ۽ شاهه اسماعيل پنجاب ۽ سرحد تي سکن جي قبضي کان پوءِ بالاڪوٽ ويندي هتان لنگهيا هئا ۽ انهن ئي پير پاڳاري جي سرويچ مريدن کي اهو لقب ڏنو هو. حر جو مطلب قاتل يا تشدد پسند قطعي نه آهي. هتي هيءَ ڳالهه به ذڪر لائق آهي ته فاضل ليکڪ جو حرن جي اصل نسل متعلق قائم ڪيل رايو تاريخي بنياد تي صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته حر هڪ قبيلو يا هڪ ذات نه آهي، جو اهو چئجي ته اهي عرب بڻ بنياد جا هئا. حُر مختلف قبيلن

۽ ذاتين سان تعلق رکندڙ هئا. انهن ۾ بلوچ به اچي ويا ٿي ته سمات به، جيڪي سنڌ جا اصل لوڪ ئي هئا- سنڌيڪار)

راجپوتانا رياستن ۾ به حر وڏي تعداد ۾ آهن، اُهي تمام ارڏا، ڪٽر ۽ جنوني آهن ۽ پنهنجي مقصد خاطر هميشه جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا اهن. پڪن ۽ سرويچ حرن جي جماعت ڪي فقيرن ۽ غازين جي درجن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهن جي جنازي نماز سندن حياتي ۾ ئي پڙهائي ويندي هئي.

سنڌ ۾ مختلف مسلڪن ۽ طريقن سان تعلق رکندڙ ڪيترائي بزرگ ۽ اولياءَ ٿي گذريا آهن، جن جو پنهنجي مريدن تي وڏو اثر رهيو آهي. عام ماڻهو يا عوام ڪنهن پير جا پوئلڳ ۽ مريد هوندا آهن. حق جي راهه رسڻ لاءِ سنڌ جو ڪوبه ماڻهو بنا پير مرشد نه هوندو آهي. انهن مڙني پيرن ۾ ناميارو پير صبغت الله شاهه ڪنگري وارو پير پاڳارو هو. هن جي هڏ- ڪاٺي جاندار ۽ سگهاري، اکيون چمڪدار ۽ تيز ۽ ڪلها ويڪرا هئا. منهن تي ماتا جا داغ هئس ۽ شاندار متاثر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ هو. هميشه صاف سٿري لباس ۾ رهندو هو. جڏهن پنهنجي مريدن کي ديدار ڪرائيندو هو ته قيمتي پرت پريل چوغو ۽ سون ۽ هيرن جواهرن جي جڙت واري ٽوپي پهريندو هو. انگريز ۽ سندس چاڙتن طرفان هن تي ڪيترا بهتان مڙهيا ويا هئا.

پير صاحب جو سنڌ، خيرپور ۽ راجپوتانا رياستن ۾ وڏو اثر هو. سندس مريد حر ته کيس ڪا آسماني مخلوق سمجهندا هئا. اهو پيراڻو اثر رسوخ هر ڪنهن پير جو پنهنجي نوعيت جو هوندو هو ۽ گهڻو ڪري موروثي هو، پر پير صبغت الله شاهه پاڳاري جو سارو اثر سندس متاثر ڪندڙ زبردست شخصيت جي ڪري هو.

پير پاڳارو ڏورانهن هنڌن تي مريدن وٽ ورلي ويندو هو. سندس فقير ويندا هئا، جيڪي پير جو ڏن وصول ڪري ايندا هئا. جيڪي مريد سندس رهائش واري هنڌ ڪنگري جي ويجهڙائي ۾ رهندا هئا، سي اڪثر سلام پرڻ، ڏن ڏيڻ لاءِ پاڻ اچي حاضر ٿيندا هئا. مريد پنهنجا قيمتي جانور يا زيور وڪڻي پئسا گڏ ڪندا هئا.

سنڌ سرڪار جي ملازمن ۾ پير صاحب لاءِ وڏي عزت هوندي هئي پر پوليس جا ڪي ٿورڙا ملازم پير صاحب جي ڪردار ڪشي لاءِ هن جي خلاف پروپئگنڊا ڪندا وتندا هئا. پير صاحب اتفاق سان 1930ع ۾ گرفتار ٿي ويو هو. هن کي 28- آگسٽ تي اٺن سالن جي قيد جي سزا ڏني ويئي. مٿس الزام مڙهيو ويو ته هن غيرقانوني هٿيارن جو ذخيرو جمع ڪيو هو. حالانڪ انهن الزامن جي پٺڀرائي ۾ شاهدن شاهديون به نه ڏنيون. انهيءَ صورتحال جو مکيه ڪارڻ هيءُ هو ته برطانيا سرڪار پير صاحب کي هر حالت ۾ گرفتار ڪرڻ ۽ سزا ڏيڻ جو ارادو ڪيو ويٺي هئي. ان ڪري هِتان هُتان جا ڪوڙ بدوڙ گهڙي ڪٺي رکيا هئائون، سو اهڙي وايومنڊل ۾ پير صاحب جي موجودگي دوران شاهد ڪوڙ ڳالهائي شاهدي ڏيڻ جي همت ساري نه سگهيا.

پير صاحب کي بعد ۾ جيل اماڻيو ويو ۽ سرڪار طرفان فقيرن تي سخت پابنديون عائد ڪيون ويون، جيڪي پنهنجي عقيدي تي پختا ۽ پير صاحب جا شيدائي هئا. پير صاحب جي گرفتاري تي حرن سرڪاري آفيس اڳيان بک هڙتالون شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن حڪومت تي دٻاءُ وجهي پير صاحب کي آزاد ڪرائي سگهجي، پر ڪجهه به ڪونه وريو. پير صاحب سزا جو مدو پورو ڪري آڪٽوبر 1936ع ۾ واپس ڳوٺ پهتو. برطانوي سرڪار جي اڏنگي روش هن کي وڏيڪ تکو ۽ دشمن بنائي ڇڏيو. هاڻي هيءُ انگريز سرڪار جي اک ۾ ڪنڊي جيئن چڀڻ لڳو ۽ هن جي چرپر تي سخت نظر رکي وئي.

جيل مان نڪرڻ کان پوءِ پير صاحب ڳجهي نموني سنڌ ۾ انگريزي راڄ جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي ماڻهو ڀرتي ڪرڻ ۽ ويڙهه جون تياريون ڪرڻ شروع ڪيون. هن جي دشمنن اها ڳالهه هلائي ڇڏي هئي ته هو سنڌ جو بادشاهه ٿيڻ ٿو گهري. راجپوت حڪمرانن ڪيس وڏي مقدار ۾ هٿيار مهيا ڪيا هئا، جيڪي هتي لائسنس جي پابندي نه هئڻ ڪري حر فقيرن ۾ ورهايا ويا هئا. پير

صاحب جي خليفن ماڻهن کان وڏي انداز ۾ پئسا به جمع ڪيا هئا ته جيئن غاصب انگريزن خلاف جهاد شروع ڪري سگهجي. ويڙهه جي نتيجن کان باخبر هئڻ ڪري پير صاحب پنهنجي فقيرن کي اڳواٽ هدايتون ڏيئي ڇڏيون هيون ته سندس گرفتاري تي اُهي وائڙا نه ٿين ۽ ويڙهه کي وڏي پئماني تي جاري رکن.

پير صاحب جي ڇوٽڻ تي نومبر 1939ع ۾ سکر کان اهو وڳوڙ شروع ٿيو. هيءُ اُهو وقت هو جو جڏهن برطانيا سرڪار ٻي مهاڀاري جنگ ۾ مصروف هئي ۽ پير صاحب جو اندازو هو ته اهڙي حالت ۾ انگريز سرڪار سٽ نه سهي سگهندي ۽ هو پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکندي پير صاحب صوبي اندر انتظامي گڙٻڙ جي نازڪ صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو. سنه 1941ع ۾ پير صاحب کي نظربند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس صوبي کان ٻاهر نيو ويو. ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ ۾ ڪنهن ريت هو پنهنجن فقيرن کي هدايتن موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. انهن هدايتن ۾ حرن کي تاڪيد ڪيو ويو هو ته اهي سندس آزادي لاءِ وڏي پئماني تي ٻيج ٻاهه ڪري ترٿلو مچائي ڇڏين.

فقيرن حڪومت ۽ ان جي مشينري کي اپاهج ڪرڻ لاءِ ڦرلٽ، ڪئنال ٽوڙڻ، ريلوائي اسٽيشنن تي حملا ڪرڻ ۽ انهن جي عملي کي قتل ڪرڻ، چوريون ڪرڻ ۽ سرڪار جي دلالن، چاڙتن ۽ خابروئن کي مليا ميٽ ڪرڻ جي رٿا رٿي- سرڪار به جوابي ڪارروائي ڪندي هن ايراضي ۾ حرن ۽ ٻئي عوام کي هيسائڻ لاءِ وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪري جڙتو مقدما هلائي ماڻهن کي وڏيون سزائون ڏنيون. پر سرڪار جو اهو دڙڪوداٻ به حرن جي هلچل کي ٿڌو نه ڪري سگهيو.

20 مئي 1942ع تي ڪراچي ۾ آرمي انٽيلجنس ڪورس پوري ڪرڻ کانپوءِ آئون اپاڻي لاهور ميل ذريعي لاهور موٽي رهيو هوس ته رستي تي حيدرآباد جي اتر ۾ رات جو 9 وڳي هن سان حادثو پيش آيو. جيئن ته ريلوي لائين جون فش پليٽون اکيڙيون ويون هيون، انهيءَ

ڪري ريل پٽڙي تان لهي وئي، حملو ڪندڙ حرن، ڏسڻ ۾ ائين پي آيو ته پاڻ کي ٻن ٽولن ۾ ورهائي رکيو هو. هڪ حملہ آور جٿو ۽ ٻيو مددگار ٽولو. حملہ آور جٿو مددگار ٽولي جي گوليبازي جي اوٽ ۾ ريلوي گاڏن ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ انهيءَ ٽولي جي حرن ڦرلٽ ڪرڻ ۽ مسافرن کي ڪهاڙين، بندوقن ۽ رائفلن سان مارڻ شروع ڪيو. هن حملي ۾ اٽڪل 32 ماڻهو مارجي ويا ۽ هڪ سئو کن زخمي ٿيا.

حادثي واري جاءِ وٽ ريل جي پٽڙي هڪ اتاهين بند تي هئي، جنهن ڪري پٽڙي تان لهڻ وقت اسان جو گاڏو هڪ وڻ جي چوٽي تان ٿيندو وڃي هيٺ ڪريو. گاڏي جا دروازا ٻڇي لوهه ٿي ويا، انهيءَ ڪري آئون دريءَ جو شيشو ٽوڙي ٻاهر نڪتس ۽ ڪئپٽن (پوءِ ميجر جنرل) اختر ملڪ کي گاڏي مان سري نڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳس، چاڪاڻ ته اسان حرن جي فائرنگ جي منهن ۾ هئاسين. سرونٽ ڪمپارٽمينٽ ٽٽي ويو هو.ان ڪري آئون، ان جا تختا هٽائي پنهنجي خدمتگار صاحبداد کي ڳولڻ لڳس، جنهن لاءِ مون سمجهيو پئي ته الله کي پيارو ٿي چڪو هوندو. پر خوش قسمتي سان مون هن کي ڳولي لڌو ۽ هو سلامت هو. هن کي صحيح سلامت ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، هن جي صلاح تي آئون گاڏي جي هيٺان وڃي ڪئپٽن جي اردلي کي ڳولڻ لڳس. جيئن ته گاڏي جا گارڊر هڪ ٻئي سان ٻڇي ويا هئا، تنهن هوندي به لڳاتار ڪوشش سان کي تختا اکيڙڻ ۾ سوڀارو ٿي ويس ۽ ڏٺم ته اردلي ٻونڪڙو ٿيو وينو هو ۽ سندس هنج ۾ قرآن مجيد هو.

حرن واري مددگار ٽولي جي صفن وچان اٽڪل ڪري مون ماڻهو ريلوي اسٽيشن ڏانهن کسڪائي ڇڏيا ته جيئن اهي اسٽيشن ماسترن جي معرفت سينيئر ريلوي آفيسرن کان مدد وٺي سگهن. اها ڪوشش به ڪامياب نه ٿي سگهي، چاڪاڻ ته اڳواٽ رٿيل منصوبي تحت ٽيلفون لائينيون به ڪٽيون ويون هيون. انهي دوران اسان زخمين کي تڪڙي طبي امداد ڏيڻ جي ڪم ۾ جنبي وياسين ۽ مسافرن جي

پٽڪن مان پٽيون ناهي زخمن تي ٻڌندا وياسين. اسان جا ڪي پاڳ پلارا هئا، جو حملہ آورن حرن جي نظر تي نہ چڙهياسين، جي نہ تہ ٻين مسافرن وانگي اسين بہ تڪاٽي لڳي وڃون ها.

حادثي جي اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ اسان کي سکر واري ڏس ڪان روشني اڳيان وڌندي ڏسڻ ۾ آئي. حرن سمجهيو تہ امدادي ٽرين پهچي رهي آهي، سو روشني وسامڻ ڪان اڳ ۾ ئي فرار ٿي ويا. اها روشني امداد ٽرين جي يقيناً نہ هئي. ڇاڪاڻ تہ اها ٽرين جاءِ واردات تي ٻئي ڏينهن صبح جو 11 وڳي پهتي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اها روشني ڇا جي هئي؟ ڇا ڪنهن ڪار جي لائيٽ هئي يا ڪو معجزو هو! جيئن تہ آئون انهيءَ پرولي کي سلي نہ سگهيو آهيان، انهي ڪري پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ اهي پاڻ پروڙين.

امدادي ٽرين جي پهچڻ ڪانپوءِ طبي عملي زخمين کي تڪڙي طبي امداد ڏني ۽ ڪين واٽ وارين ويجهڙين اسپتالن ڏانهن رسايو. ٻين مسافرن وري جدا جدا گاڏين ۾ جڳهين والارڻ تي رش لائي ڏني. جيئن تہ آءٌ مسافرن جي پرگهور لهڻ ۾ رڌل هوس، انهيءَ ڪري چانهہ ۽ کاڌي جي يادگيري ئي نہ رهيم، پر ڪجهہ وقت ڪان پوءِ اوچتو بک ستائڻ لڳي، انهيءَ ڪري اسٽيشن تي ڪا فرسٽ ڪلاس هوٽل ڳولڻ لڳس. ٻين فرسٽ ڪلاس جي مسافرن کي تہ مون ڪان بہ وڌيڪ بک هئي، ڪين اسٽيشن جي ڦيري وارن ڪان جيڪي مليو سو کائيندا ويا. بهرحال اسان هاڻي مزي سان سفر ڪندا، پنهنجي مصيبت واري سفر ۽ پوائتن تجربن کي سارپندا ڇدا جدا اسٽيشنن تي هڪ ٻئي ڪان موڪلائيندا وياسين.

## 2- مارشل لا 1942ع

حرن جي پيچ ڌاهہ وارين ڪارروائن جي ڪري سنڌ ۾ سول انتظاميا بلڪل ناڪاره ٿي ويئي هئي ۽ انهيءَ ايراضي ۾ انتظام ۽ ضابطي جي حالت بنهہ نازڪ هئي. انهيءَ صورتحال جي خطري جي پيش نظر مارشل لا جي ضرورت پئجي ويئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ پهرين

جون 1942ع تي ضروري اپاءُ ورتا ويا. اپر فورس جي نالي سان هڪ فورس ٺاهيو ويو، جيڪو ميجر جنرل رچرڊ سن جي هٿ هيٺ هو. اهو فورس ٻن برگيڊ جٿن ۾ شامل لشڪر تي مشتمل هو. انهيءَ (لشڪر) فورس جي جوڙجڪ ڪجهه هن ريت هئي:

انهيءَ تنظيم جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو سڄو آڌار جيئن ته انٽيليجنس جي ڪارڪردگي تي هئو، انهي ڪري انٽيليجنس جي جوڙجڪ تي روشني وجهڻ ضروري ٿو سمجهان. پوليس ڪمشنر مسٽر ايف- ايس- يونگ جي مدد، هن جي اسپيشل ٽيم ۾ سنڌ پوليس ڪري رهي هئي. انهيءَ ذريعي ڪان وصول ٿيندڙ اطلاع اڪثر تعصب گاڏڙ هوندا هئا، انهي ڪري انهن اطلاعن کي صحيح ميڻ ۾ وڏي خبرداري ڪرڻي پوندي هئي. يونگ هڪ تجربيڪار ۽ لائق آفيسر جي حيثيت سان اثرائتي نموني انهن اطلاعن جي ڇنڊڇاڻ ڪندو هو، جنهن ڪري هروڀرو ڪا خطا ڪانه پئي. جيئن ته مسٽر يونگ جي شخصيت تڪراري نوعيت جي هئي، انهي ڪري ان جو تعارف ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان:

- **جنرل آفيسر ڪمانڊنگ**
- حيدرآباد ۾ فورس هيڊ ڪوارٽر
- حيدرآباد برگيڊ گروپ: ڪوهاٽ برگيڊ
- هيڊڪوارٽر حيدرآباد: هيڊ ڪوارٽر سانگهڙ
- ڪمانڊر، برگيڊيئر لنگلئنڊس کي ڊپٽي فورس ڪمانڊر طور ڪم ڪرڻو هو.
- **سول انٽيليجنس**
- انچارج- مسٽر ايف- ايس- يونگ
- پوليس ڪمشنر
- ملٽري انٽيليجنس سيڪشن
- انچارج- سينئر ملٽري
- انٽيليجنس آفيسر

يونگ انگلينڊ جو هڪ ڪامياب ۽ مشهور ڊاڪو هو ۽

خدمتون حاصل ڪري ورتيون هيون. انهيءَ ايراضي ۾ پرامن حرن ۽ ٻين ماڻهن جو وڏو تعداد به فقيرن سان سهڪار ڪندو هو. لشڪر جي چرپر جي سار لهڻ لاءِ هنن پيرا کڻندڙ به مقرر ڪري ڇڏيا هئا، جنهن ڪري ڪيترا ڀيرا مصيبت ۾ ڦاسڻ کان بچي ويا.

رات جو ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو ۽ حڪم ڏنو ويو ته جنهن وٽ به جيڪي هٿيار هجن سي ويجهن ٿاڻن تي جمع ڪرائين ۽ حرن جي چرپر ۽ موجودگي بابت ايراضي ۾ موجود قريبي لشڪر کي اطلاع پهچائين، انهن حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي صورت ۾ سخت قدمن کڻڻ جي ڌمڪي ڏني وئي.

جيئن ته حرن جو جوش ۽ جذبو چوٽ تي هو، انهيءَ ڪري هنن اهڙن حڪمن جي ٽڪي جيتري به پرواهه نه ڪئي. هنن جو اندازو صحيح هو ته هنن جي ڪارروائين جي نتيجي ۾ شهري انتظاميا اپاهج ٿي ويئي هئي ۽ اختياري وارن کي مارشل لا جو سهارو وٺڻو پيو. هنن اهو به سمجهيو پئي ته ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جرمني ۽ جپان طرفان برطانيا تي مونجهارا حملا ڪيا پيا وڃن، جن جي نتيجي ۾ برطانيا پنهنجي ساري سگهه وڃائي ويهندو ۽ هن وٽ سواءِ انهي جي ٻي ڪا به واٽ نه رهندي ته هو هندستان تان هٿ کڻي وڃي. ان جي ڪري لازمي طرح سنڌ، پير صاحب جي پلئه پوندي. انهيءَ تاثر هنن جون همتون وڌائي ڇڏيون هيون۽ هنن مناسب وقت اچڻ جي انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ دوران هنن ظاهري طور تي تعاون ڪرڻ جو مظاهرو ڪندي پنهنجا ڪي اضافي هٿيار جمع ڪرائڻ شروع ڪيا ۽ پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ هڪ بندوق ۽ ڪهاڙي پاڻ وٽ رکيائون.

هنن تي عام تاثر هيءُ به هو ته جلد ئي جرمني، لنڊن تي حملو ڪري ڏيندي ۽ گادي واري شهر جي هٿان وڃڻ ڪري برطانوي لشڪر سوگهو ٿي ويندو. ان شڪست جي نتيجي ۾ اهي هڙيئي ملڪ جن کي انگريز زوري غلام رکيو ويٺا آهن سي آزاد ٿي ويندا. اهڙي صورتحال ۾ انگريز سرڪار لاءِ سواءِ انهيءَ جي ٻيو ڪو چارو نه رهندو ته سنڌ کي پير صاحب جي حوالي ڪري. اهڙي حالت ۾

هئن، لشڪر سان مهاڏي اٽڪائڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ رازداراڻي نموني دوستي وڌائڻ پئي چاهي. هن موقعي تي انهي ڳالھ جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته، جيڪڏهن هٽلر جنرل روميل جي آنتورپ ڏانهن پيش قدمي کي نه روڪي ته ڊنڪرڪ جي ڪهاڻي ڪجھ ٻي هجي ها، ڇاڪاڻ ته انگريز هن کان وڌيڪ خراب طرح ڇيپاٽيا وڃن ها.

منهنجي خيال ۾ يقين مطابق انهيءَ ساري سياڻپ ڀري حڪمت عملي جو سهرو خود پير صاحب جي سر تي آهي. فقيرن فيصلو ڪيو هو ته اُهي پير صاحب جي نالي ۾ پنهنجي جدوجهد جاري رکيو ايندا ۽ قربانين لاءِ سِر ترِيءَ تي رکيو وتندا. تنهن ڪري ئي هئن مارشل لا جي پرواھ نه ڪندي پنهنجون خطرناڪ سرگرميون جاري رکيون. سرڪاري فورس انهي ايراضي ۾ مشڪوڪ ماڻهن کي بنا فرق جي گرفتار ڪندي سندن گهرن ۽ جهوپڙين کي باهيون ڏيئي ناس ڪندي رهي. لشڪر جي ڪارگذاري کي آسان بنائڻ لاءِ هن ايراضي جي ماڻهن کي نادري حڪم ڏنو ويو ته اهي ڏهن ڏينهن اندر پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي نارا ڪئنال جي اوڀر ۾ هليا وڃن. مقرر وقت کانپوءِ انهي ايراضي ۾ جنهن کي به ڏٺو ويو تنهن کي گوليءَ سان اڏايو ويندو. انهي لڏپلاڻ سبب مارو ماڻهن ۽ سندن چوپائي مال کي سخت ڪشالا ڪڍڻا ۽ عذاب ڀوڳڻا پيا.

حرن جي لِڪڻ ۽ بچاءَ جون جايون، ريگستاني هيناهيون، ڊنڊون ۽ ٻيلا هئا. هئن پنهنجين ڪارروائين لاءِ سانگهڙ جي مکي ڊنڊ کي اڏو بڻايو هو. اهو علائقو لشڪر جي چرپر لاءِ بنھ اڙانگو هو، انهي ڪري ئي حرن ان کي سلامتي وارو سمجهندي پنهنجو هيڊڪوارٽر بڻايو. بهرحال انهي اڙانگي علائقي ۾ رات ڏينهن وڏي پئماني جي هوائي حملي ۽ فوجين جي چرپر ماڻهن تي چڱو اثر ڇڏيو ۽ اهي ڊپ وچان حڪمن جي پوئواري ڪرڻ ۽ لشڪر سان مهاڏي اٽڪائڻ کان پاسو ڪرڻ لڳا.

پهرين جولاءِ 1942ع تي اسان انهيءَ ايراضي ۾ گورڪاڻالين

(ڇاپا بردار) لاٿي ته جيئن اها قانون دشمنن جي مضبوط دفاعي اڏن جو وڏي پئماني تي خاتمو ڪري سگهي. انهي دؤرن ڪوهاٽ برگيڊ جي سپاهين رستي وارن واهڻن ۽ گهرن کي باهيون ڏيئي ڪاميابي سان ڇاپا بردار فوج سان رابطو قائم ڪري ورتو.

حرن جي انهن مضبوط دفاعي اڏن تي ٿيل حملن جو ماڻهن ۾ خاطر خواه ڌهڪاءُ پيو ۽ حرن پنهنجي ساک ۽ همت کي قائم رکڻ لاءِ مختلف ٻوٿن تي انداڌ حملا شروع ڪري ڏنا ۽ سرڪاري لشڪر لاءِ جاسوسي ڪندڙ مشڪوڪ ماڻهن کي قتل ڪيائون. هنن جا جيڪي ماڻهو لشڪر سان مقابلي ۾ مرندا هئا تن کي هو شهيد سڏي وڏي عزت ۽ احترام سان دفنائيندا هئا ۽ پاڻ جن ماڻهن کي ماريندا هئا (سرڪاري فوجي ۽ انهن جا ڇاڙتا) تن کي غدار ۽ دلال سڏي نندنيدا هئا. هنن جو پڪو يقين هو ته ريلواين تي ڪُليا حملا ماڻهن جي همت کي وڌائيندا.

فقيرن 6- سيپٽمبر 1942ع تي بمبئي ميل کي ڪيرائڻ جو منصوبو ٺيو. جيئن ته هنن وٽ فش پليٽن اکيڙڻ جا اوزار ڪونه هئا، انهيءَ ڪري وٽن جا ڏار ڪپي پٽڙيءَ تي رڪاوٽ وجهڻ جي رٿ رٿيائون. هن رٿا جي ڪاميابي لاءِ ريل گاڏي جي پهچڻ کان اڳ اها رڪاوٽ ڪڙي ڪرٽي هئي. خوشقسمتي سان ٽرين نئين ٽائيم ٽيبل مطابق اڳوٽي وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ هلي. جيئن ته حرن ٽرين جي پهچڻ جي وقت جو اندازو صحيح نه لڳايو هو، انهي ڪري پوري طرح رڪاوٽ اجا ڪڙي نه ڪري سگهيا هئا ته ٽرين پهچي ويئي ۽ انجڻ جي هڪ ئي ٽڪر سان معمولي ڏار هوا ۾ بولاٽيون کائيندا اُڏامي ويا ۽ ٽرين گڙگاٽ ڪندي صحيح سلامت لنگهي ويئي. بهرحال ريل ڪيرائيندڙ حرن کي انهي تماشي تي ڏاڍو مزو آيو هوندو. انهي واقعي کانپوءِ ريل جي پٽڙين تي سخت چوڪسي رکي ويئي. ساڳئي وقت ڪئنالن جي حفاظت لاءِ به احتياطي تدبيرون استعمال ڪيون ويون ته جيئن حر ڪئنال کي ٽوڙي نه سگهن.

سرڪاري لشڪر جي چرپر کي ڏکيو ۽ محدود ڪرڻ لاءِ حرن

پاڻي پيئڻ جي کوهن جي وڏي تعداد کي ڊاهڻ ۽ لٽڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ باقي چند کوهه صرف پنهنجي استعمال لاءِ سلامت ڇڏيا. لشڪر وري جوابي ڪارروائي ڪندي باغين طرفان بچايل کوهن مان ڪيترا تباهه ڪري ڇڏيا، جنهن ڪري انهي ايراضي جي عوام ۽ سندن چوپائي مال کي پاڻي نه ملڻ ڪري سخت پيڙائون ڀوڳڻيون پيون. حر ريگستاني علائقي ۾ تيز رفتاريءَ سان چرپر ڪري ٿي سگهيا. تنهن ڪري لشڪر جي چرپر کي انهن جي تيز رفتاريءَ جي برابر ڪرڻ لاءِ اُٺن جو بندوبست ڪيو ويو. پر اهي اُٺ سوار جٿا صرف انهن هنڌن تي چرپر ڪري ٿي سگهيا، جتي پاڻي موجود هو، جي نه ته ٻي حالت ۾ اسان کي هوائي فوج جي مدد تي ڀاڙڻو پئي پيو.

هوائي حملو شروع ڪيو ويو هو، جهوپڙيون ۽ گهر آتشي بمن سان تباهه ڪيا ويا ۽ حرن کي، جيڪي هڪ کوهه کان ٻئي کوهه ڏانهن پاڻي ڀرڻ لاءِ ويا ٿي، هوائي جهازن مان مشين گنين جي گولين جو بک بنايو ويو. حُرن ۾ ڏهڪاءُ وجهڻ ۽ سندن همت ٽوڙڻ لاءِ حيدرآباد برگيڊ کي پير ڳوٺ واري پير محل کي تباهه ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. انهي مقصد لاءِ حيدرآباد برگيڊ هيڊڪوارٽرس کي وڏي لشڪر ۽ انجنيئرن سميت ڪنگري واري ايراضي ۾ منتقل ڪيو ويو. انهيءَ ڪارگذاري جو مقصد هي هو:

الف: پير صاحب جي ذات جي بازي ۾ غلط ڳالهيون پريگنده ڪري ڪيس مريدن جي نظرن ۾ ڪيرائجي.

ب: فقيرن ۽ غازين کي ڀڙڪائجي ته جيئن اهي مرشد سان ٿيل گستاخي جي بدلي ونڻ لاءِ ترت ڪاروائيءَ جي طور تي لشڪر تي وڏي پئماني تي حملا ڪن.

ٻ: ايراضي ۾ حڪومت جي اختيار ۽ قبضي جو مظاهرو ڪجي.

فوج طرفان پير صاحب جي گهر ڏانهن ويندڙ سڀ رستا ۽ لنگهه بند ڪيا ويا ته جيئن هن ايراضي ۾ حرن جي وڏي پئماني تي چرپر نه ٿي سگهي. پير صاحب جو محل ڪوٽ جي اندر هو ۽ عمارت سان

گڏ مسجد بہ هئي. مسجد کي نقصان کان بچائڻ لاءِ پهريائين محل ۽ مسجد جي درمياني حصي کي مزدورن وسيلي ڊهرايو ويو ۽ پوءِ محل جي عمارت کي بارود سان اُڏايو ويو.

انهي ڪاوڙ ڏياريندڙ ڪارروائي جو بہ ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو، ڇاڪاڻ تہ حر تمام هوشيار ۽ چالاڪ هئا، هنن ترت جوابي ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ حڪمت عملي واري خاموشي اختيار ڪرڻ بهتر سمجهي تہ جيئن مناسب موقعي لاءِ پنهنجي سگهہ سهيڙي سگهن.

حرن مان ڪي سرحد ٽپي راجپوتانا رياست وڃي پهتا ۽ اتي پنهنجن جٿن جي نئين سر تنظيم ڪرڻ لڳا. بهرحال ان هوندي بہ اسان جي وڏي ڪارروائي جي ڪري گهڻا ئي غازي گرفتار ٿي پيا ۽ باقي ٿورا وڃي پٺيان بچيا.

جنرل صاحب جيسلمير رياست جي جاسوسي ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن انهي ايراضي ۾ حرن جي چرپر بابت تازي خبر چار حاصل ڪري سگهجي. بدقسمتي منهنجو پيڇو نہ ڇڏيو ۽ هي تمام اڙانگو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو. مونکي رُج ئي رج ۾ اُٺ تي اٽڪل ٽن سؤ ميلن جو نهايت اڙانگو سفر ڪرڻو هو. رياست ۾ پهچڻ ڪانپوءِ مون کي ٽن ڏينهن تائين زوري سرڪاري مهمان طور ترسايو ويو ۽ پوءِ هڪ سٺو پلوڙ ڪاٽو اٺ ڏنو ويو. اها هلت (غير معمولي) معززين واري سلوڪ تحت ڪئي ويئي.

حقيقت ۾ اُٺ جي رفتار تمام تيز هئي ۽ مون اجا هڪ ميل جو سفر مس ڪيو هو تہ اچي پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ سور پيم. خدا خدا ڪري انهيءَ اٺ کان جند ڇڏائي ٻيو اٺ ورتم. جنهن تي بنا ڪنهن تڪليف جي باقي سفر طئي ڪيم. بعد ۾ مون کي خبر پيئي تہ رياست جي راجا جي نيت مون کي تنگ ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪم ۾ ناڪام ڪرڻ جي هئي، ڇاڪاڻ تہ هو اڻ ڪونيل مهمانن کي نہ سهندو هو.

هتي جي حالتن کي ڏسڻ وائسڻ کان پوءِ مون کي پتو پيو تہ ريگستان با ٿر جا ماڻهو ڏاڍا مسڪين اهن. هنن جي ڪاڏي خوراڪ

جو مکيه ذريعو ولين جا چوڏا ۽ مکڙ هئا. پيئڻ جو پاڻي انهن تلائن مان پرِيندا هئا، جن ۾ سندن چوپايو مال به پيو ٻوٽ هڻندو هو. مون انهن تلائن ۾ مال کي وهجندي ۽ مُتندي به ڏٺو. جيئن ته جيسلمير رياست ۾ به پيئڻ جي پاڻي جو ذريعو ساڳيو هو. انهي ڪري مون کوه جي لوٽاني پاڻي تي گذاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مونکي ٻاڌر ڏنو ويو هو ته اهو پاڻي محل جي کوه مان آندو ويو هو، پر جڏهن ڪم جي پڇاڻي ڪري ورڻ جي ڪيم ته پتو پيو ته اهو لوٽاٽو پاڻي به ساڳئي تلاءَ جو هو. شڪر ٿيو جو اها پڌرائي پڇاڙيءَ ۾ ٿي، جي نه ته آئون اُج وگهي ئي مري وڃان ها.

هڪ ڏينهن مون کي حڪم اچي ٿيو ته، منجهند جو ادائي وڳي حيدرآباد هوائي اڏي تي ڊپٽي فورس ڪمانڊر سان ملان. هي حڪم حيرت ۾ وجهندڙ هو، انهي ڪري آئون دليل ڊوڙائيندو رهيس ته ڪهڙي ڪيڏ ٿي سگهي ٿي. جڏهن آئون منزل مقصود تي پهتس ته اتي برگيڊئر لئنگلئنڊس ۽ فريدي يونگ کي اڳواٽ موجود ڏٺم. مسٽر يونگ مون کي ٻڌايو ته، اسين هتي پيرپاڳاري سان ملڻ لاءِ آيا آهيون، جيڪو ناگپور جيل کان هوائي جهاز ذريعي آندو پيو وڃي. چند گهڙين کانپوءِ اها معزز شخصيت به اچي پهتي ۽ هن کي سخت پهري هيٺ بند وئگن ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد آندو ويو.

هن تي جنرل ڪورٽ مارشل ۾ مقدمو هلايو ويو ۽ 20 مارچ 1943ع تي هن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. جيئن ته مقدمي جي ڪارروائي ۽ پير صاحب (شهيد) جي دفن ٿيڻ واري هنڌ کي راز ۾ رکيو ويو هو، انهي ڪري ذاتي معلومات جي باوجود، ان تي ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ کان في الحال پاسو ڪريان ٿو. (فاضل ليکڪ فوجي اختياري وارن جي اجازت کانپوءِ مضمون ۾ اڳتي هلي انهن رازن تان پردو هٽايو آهي. اهو احوال مضمون جي آخر ۾ آيل آهي- سنڌيڪار)

پير صاحب کي ڏنل سزا جي ڪافي مشهوري ڪئي وئي ۽ هن جي مريدن کي سندن لاش ڏسڻ لاءِ گهرايو ويو، پر مريدن انهي حقيقت

کي ميڄڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هنن جو پڪو يقين هو ته پير صاحب کي سخت قسم جو نشو پياري بيهوش ڪيو ويو آهي ۽ ڦاسيءَ جي ڳالھ صرف افواه طور اُڏائي ويئي آهي. هنن جو چوڻ هو ته حقيقت واضح هئي، انهي ڪري هنن کي دوکي ۾ نٿو آٽي سگهجي. هنن جو اندازو هو ته پير صاحب کي ڳجهي نموني صوبي جي جيل کان ٻاهر نيو پيو وڃي، انهي ڪري ڪيس فوت ٿيل ظاهر ڪيو ويو آهي. فقيرن جو خيال هو ته هنن کي انهن چالبازين سان دوکي ۾ رکڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڇاڪاڻ ته برطانيا سرڪار يورپ ۽ برما جي محاذن تي تازي فوج اماڻڻ گهري ٿي. جنهن ڪري وڌيڪ وقت لاءِ سنڌ ۾ فوج رندائي نٿي سگهجي. انهي سوچ ۽ فڪر جي روشني ۾ هنن وال پوليس پاليسي تي عمل ڪندي کي قدر ماٺ ۾ رهڻ ۽ صرف هلڪي قسم جي ٽوڙ ڦوڙ تائين پنهنجين ڪارروائين کي جاري رکيو. هنن کي پڪو ويساھ ويٺل هو ته جرمني ۽ جپان جي هٿان شڪست کائي انگريز لشڪر تباھ ٿي ويندو، انهي ڪري سنڌ ۾ رکيل فوج تي حملو ڪرڻ عقلمندي نه ٿيندي.

حرن ۾ پير صاحب جي عقيدت انهي ڳالھ جو چٽو ثبوت هئي ته صرف زنده پير ئي انهن تي ضابطو رکي سگهيو ٿي. پير صاحب جي دفنائڻ واري جڳھ کي بنھ ڳجهو رکيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته اختياري وارن کي انديشو هو ته فوت ٿيل پير زنده پير کان وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ انهي راز کي مون کان به مخفي رکيو ويو هو پر تنهن هوندي به پنهنجي سيڪشن جي سهڪار سان آئون دفنائڻ واري ايراضي جي ميموري اسڪيچ جي ڪاپي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. جنرل صاحب حڪومت کي سفارش ڪئي ته پير صاحب جي ٻن فرزندن کي ڪجھ عرصي لاءِ تعليم ۽ تربيت لاءِ برطانيا اماڻيو وڃي ۽ بعد ۾ پير صاحب جي وڏي پٽ کي سندس پيءُ جو جانشين بنايو وڃي. جنرل صاحب جي اها سفارش قبول ڪئي ويئي ۽ ٻارڙن کي تعليم ۽ تربيت لاءِ برطانيا اماڻيو

ويو.

جيئن ته حالتون معمول تي اچي ويون هيون ۽ شهري انتظاميا ضابطي رکڻ جي قابل سمجهي ويئي، انهي ڪري مارشل لا هٽائي ويئي. فوج پنهنجي اصلي ماڳ تي موٽي ۽ ائون چوڏهين انڊين ڊويزن ڏانهن اماڻيو ويس، جتي ائڊوانس جنگل وار فيئر انسٽرڪٽر طور مقرر ٿيس. انهن ڏينهن کان وٺي آئون پاڻ کي سنڌ جي صورتحال کان باخبر رکندو اچان. آئون سنڌ جي بهادر ماڻهن جي همتن جو قدر ڪريان ٿو، جيڪي سنڌ جي فتح يعني 1843ع کان وٺي ڌارين جي راڄ اڳيان نه جهڪيا آهن.

## 3- مارشل لا کان پوءِ:

سول انتظاميا بحال ڪئي ويئي هئي ۽ فوج جي جاءِ تي فرنٽيئر ڪانسٽيبلري ۽ سنڌ رائفلز مقرر ڪئي، چاڪاڻ ته اندازو هو ته سنڌ پوليس اڪيلي سر حالتن کي منهن ڏيڻ جي لائق نه هئي. شهري انتظاميه کي منهن ڏيڻ لاءِ حرن اٽڪل ڪري هيٺين عملدارن کي رشوت تي هيرايو ۽ منجهن قوت وڌي. سنيئر عملدار روزمره جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ رڌل رهندا هئا، انهي ڪري ڌوهارين خلاف پنهنجي طاقت پوري ريت استعمال ڪرڻ جي لائق نه هئا. حرن طرفان وڏيڪ هي بندوبست به ڪيو ويو هو ته هنن کي ڪمائتيون خبرون لڳاتار ملنديون رهن ۽ حڪومت کي حُر برادري بابت ڪوبه اطلاع نه ملي سگهي. هنن پنهنجي مقصد کي ماڻڻ لاءِ پير کان ڦريل مريدن ۽ انهن مقامي ماڻهن جو صفايو ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي مٿن چغليون هڻندا ۽ سرڪار جي جاسوسي ڪندا هئا. هنن کي جيڪي به غدار عناصر هٿ چڙهندا هئا، انهن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا. انهن غدارن مان ڪيترن پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ حڪومت کان محافظن جي گهر ڪئي پر تنهن هوندي به سندن انت آندو ويو. سول انتظاميا ۽ مارشل لا جي نقش قدم تي هلندي ماڻهن کي سانگهڙ جي پسگردائي وارن ڳوٺن مان ڪڍي چند ڪئمپن ۾ وڏن ڳوٺن ۾

اچي واڙيو، جتي متن سرڪاري عملدار مقرر ڪيا ويا.

جولاءِ 1946ع ۾ حرن لاهور ميل ڪيرائڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ مقصد سان بهاولپور رياست جي علائقي ۾ ريل جون فش پليٽون اکيڙيون ويون. جيئن ته ريل به ڪلاڪ ليٽ اچي رهي هئي، انهي ڪري ان کان اڳ ايندڙ مال گاڏي پٽڙي تان لهي حادثي جو شڪار ٿي ويئي. انتظاميا فقيرن کي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائڻ جي رٿا رٿي ۽ منهنجي ذاتي معلومات مطابق اها ڪافي حد تائين ڪامياب ويئي. انتظاميا پير صاحب جي خزاني ۽ هٿيارن جي ذخيري کي جن لاءِ خيال هو ته مختلف هنڌن تي دفن ٿيل آهن، ڳولي لهڻ جي وڏي جاکوڙ ڪئي پر اهي ڪوششون اجايون ثابت ٿيون ۽ چڙهائي ۾ ڪا به شيءِ هٿ نه ائي. اهڙا اطلاع اسان کي به ڏنا ويا هئا پر اسان انهن اطلاعن کي غلط سمجهندي رد ڪري ڇڏيو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ به حرن جون باغيانه سرگرميون ڪي قدر جاري رهيون. هاڻي سول انتظاميا تي اها ڳالهه پڌري ٿي ويئي هئي ته صرف زنده پير ئي حُر برادري تي ضابطو رکي سگهيو ٿي. مسئلو هي هو ته جيستائين حرن کي پير صبغت الله (شهيد) جي زنده هئڻ جو يقين هوندو تيستائين اهي ڪنهن ٻئي پير کي پاڳارو قبول نه ڪندا. انهي ڪري پير صبغت الله جي شهادت ۽ سندس وڏي پٽ سيد سڪندر شاهه جي پاڳاري بنجڻ کي ڪافي مشهوري ڏني ويئي. خوش قسمتي سان حرن هن کي پنهنجي پيءُ جو صحيح جانشين قبول ڪري ورتو ۽ روحاني رهبري لاءِ هن ڏانهن واجهائڻ لڳا.

نئين پير جي جانشيني کان پوءِ به ڪجهه وقت تائين ڪن حرن محض اشتعال خاطر يا جانشيني کان بي خبر هئڻ ڪري پنهنجون سرگرميون جاري رکيون. حرن سان ذاتي رابطي دوران آئون سندن بهادري، ريگستاني علائقي ۾ سندن تيز رفتاري، حالتن جي صحيح ڪٿ ڪرڻ جي صلاحيت ۽ مقصد خاطر جان قربان ڪرڻ جي تڙپ کان بيحد متاثر ٿيس. اهو ئي سبب هو جو 1965ع واري پاڪ- هند

جنگ دوران مون هنن جي ڀرتي جي سفارش ڪئي. مون واري سفارش تي آرمي جي ڪمانڊر انچيف گوريلا ويڙهہ لاءِ حرن جي ڀرتي لاءِ حڪومت کي گذارش ڪئي. اها گذارش قبول ڪئي ويئي ۽ حرن جي لشڪر کي ريگستاني علائقي ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ آرمي سان گڏ رکيو ويو.

اُن وقت صورتحال هيءَ هئي تہ هندستان سنڌ تي ٿر ۾ جوڌپور ريلوي لائين وٽان حملو ڪري ڏنو هو. هنن جي پيش قدمي روڪڻ لاءِ اسان اُتي برگيڊ گروپ مقرر ڪري ڇڏيو هو. حرن کي پاسي ۽ پٺ کان دشمن تي حملو ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو تہ جيئن دشمن دهلجي وڃي. اهي حملا هن ريت رٿيا ويا هئا:

(1) دشمن جي مواصلاتي لائين تي حملا.

(2) دشمن جي ڪئمپن تي راتاها.

(3) دشمن جي آساني سان نشانو بنجندڙ حصن ۽ پاسن ۾ ٿرٿلو مچائڻ.

(4) دشمن جي انتظامي ايراضي ۾ داخل ٿي هنن جي سنڌن ڪاري نظام کي ناس ڪرڻ.

اسان جي فضائي برتري حرن جي حملن کي وڌيڪ آسان بنائي ڇڏيو هو. اهي هن ايراضي جا سونهان هئا، انهي ڪري رات هجي يا ڏينهن، آساني سان چرپر ڪري سگهيا ٿي. هنن کي جيڪو ڪم سونپيو ويو هو سو ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان ادا ڪري رهيا هئا. ڏسڻ ۾ تہ هو طاقتور نہ ايندا هئا پر جڏهن دشمن جي مواصلاتي لائين ۽ ذخيري جي اڏن تي حملا ڪندا هئا تہ تباهي مچائي ڇڏيندا هئا ۽ دشمن مجبور ٿي پويان پير ڪندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو حملي آور تنگ ٿي پاڪ هند سرحد کان بہ پوئتي هٽي ويا ۽ سندن پنهنجو علائقو اسان جي اڳتي وڌڻ لاءِ خالي ٿي ويو. جيئن تہ مارواڙ جي ريگستاني ايراضي بہ اسان جن سورمن جي چاتل سڃاتل ۽ ڏٺل وائٺل هئي، انهي ڪري انهي تي بہ هنن سولائي سان قبضو ڄمائي ورتو ۽ دشمن فوج کي پنهنجا مورچا خالي ڪرڻا پيا. هنن بهادر حرن دشمن

سان جيڪا ويڙهه ڪئي تنهن جي نتيجي ۾ جنگبندي جي اعلان تائين هندستاني رڻ پٽ جو وڏو علائقو اسان جي قبضي ۾ اچي چڪو هو.

پاڪستاني فوج جي ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي حيثيت سان آئون جنرل هيڊڪوارٽر جهڙي اهم ۽ حساس مرڪز ۾ هئس، جنهن جي ڪري فوجي چرپر بابت تازيون ۽ صحيح خبرون حاصل ڪرڻ قابل هئس. آئون انهيءَ حيثيت جي ڪري ئي ٻهرين هند پاڪ لڙائي ۾ حرن جي سرگرمين کي ويجهڙائي سان ڏسي سگهيس. حر برادري سان اهڙي ويجهي لاڳاپي جي ڪري آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان ته ريگستاني گوريلا جنگ ۾ حرن جو ڪو مشڪل سان مٽ يا ثاني ٿي سگهي ٿو ۽ ڪوبه غير سپاهي هنن کان انهيءَ ۾ قطعي گوءِ نٿو کٽي سگهي.

## 4- پير صاحب تي مقدمو

سرڪار کي مختلف ذريعن کان مليل اطلاعن مطابق پير صاحب سنڌ اندر انتظام جي نازڪ صورتحال پيدا ڪرڻ جو ذميوار هو. عام طرح چيو ٿي ويو ته هن جي نيت هئي ته صوبائي حڪومت جو انت آڻي خود حاڪم ٿئي. چند پوليس عملدار هن جي ڪردار ڪشي ڪرڻ ۽ هن کي لوئڻ ۾ بنهه حد ٽپي ويا هئا. هنن پروپئگنڊا ڦهلائي هئي ته پير صاحب (بدلو وٺندڙ) هو ۽ هن نهايت اٽڪل ۽ چالاڪي سان معصوم حرن کي بگاڙي گمراهه ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ اهي اطلاع شڪ کان مٿي نه هئا، پر آئون سمجهان ٿو ته سول انٽيليجنس انهن الزامن جي تحقيقات ڪري انهن کي صحيح مڃي ورتو هو.

پير صاحب جو سنڌ ۽ راجپوتانا رياستن ۾ ماڻهن جي وڏي تعداد تي زبردست اثر ۽ قبضو هو، انهي ڪري مٿين الزامن کي صحيح مڃڻ ۾ هميشه اها ڳالهه اڙنڊي هيم ته جيڪڏهن پير صاحب اهڙو ماڻهو هو ته ڪيئن ماڻهن ۾ ايڏي عزت ۽ مقبوليت ڪيئن حاصل ٿي

سگهي ٿي. تنهنڪري مون پنهنجي تجسس کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر عوامي حلقن ۾ پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. انهي پڇا ڳاڇا جي نتيجي ۾ مونکي پروڙ پئي ته پير صاحب بنهه هڪ شاندار انسان هو، مذهبي عقيدا به ڏاڍا پڪا هئس ۽ سنڌ ۽ راجپوتانا رياستن ۾ وڏي ميڃتا حاصل هيس. هيءُ انگريزي راڄ کان بنهه بيزار هو، انهي ڪري هر حال ۾ ان جي پڄاڻي چاهيائين ٿي. هاڻي اها سڄي صورتحال جيڪا منهنجي اکين آڏو آئي هئي، تنهن ۾ اهو اطلاع بلڪل ٺيڪ پئي لڳو ۽ پير صاحب خلاف هلايل شرانگيز پروپئگندا جي مقابلي ۾ اها ڳالهه وڌيڪ وزندار ۽ صحيح لڳم. اڳتي هلي جڏهن آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو ته حر هلچل تقريباً ٺڏي ٿي ويئي. انهي مان ثابت ٿيو ته حر هلچل جو مقصد ڌارين جي راڄ جو خاتمو هو، اجائي گڙٻڙ يا فساد ڦهلائڻ نه هو.

وقت جي حڪومت جو مقصد انتظام بحال رکڻ هو ۽ اهو مقصد هلچل کي ختم ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهيو ٿي. ملڪي قانونن مطابق اهو مقصد گهٽ ۾ گهٽ طاقت استعمال ڪرڻ سان حاصل ڪرڻو هو. انهيءَ ڪري رٿيل منصوبي جي تحت ڏاڪي به ڏاڪي قدم کڻندي پير صاحب تي نازيبا الزام مڙهي کيس مريدن جي نظرن ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر اهو وار بيڪار ويو ۽ ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو. پوءِ وري فقيرن ۽ غازين کي چيڙڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا ته جيئن اهي پير صاحب جي ڪردار ڪشي جي بدلي وٺڻ لاءِ وڏي پئماني تي فوج تي سڌا حملا ڪن. پر اها اٽڪل به ڪامياب نه ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته حرن حڪمت عملي اختيار ڪندي جوابي ڪارروائي ڪرڻ کان پرهيز ڪئي. اختياري وارن کي هاڻي اها سڌ پئجي چڪي هئي ته هنن حرن جي ذهانت ۽ سياڻپ جو غلط اندازو لڳايو هو. انهي ڪري هاڻي اختياري وارن ويچارڻ شروع ڪيو هو ته ٻيو قدم ڪهڙو کڻجي. گهڻي غور ويچار کان پوءِ انهي نتيجي تي پهتا ته حڪومت لاءِ ٻه رستا کليل هئا:
(الف) پير صاحب کان چڱي چلت جو عهد وٺي کيس آزاد ڪجي ۽

پنهنجو بنائجي.

(ب) ملٽري ڪورٽ ۾ پير صاحب تي مقدمو هلائي ڪيس سزا ڏجي.

پهرين ڳالهه کي حڪومت طرفان انهيءَ ڪري رد ڪيو ويو جو سمجهيو ويو ته پير صاحب ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ حڪومت ۾ گڙٻڙ ڦهلائي هئي. جيئن ته انگريز سرڪار هن کي اقتدار جو تاڪائو سمجهيو ٿي، انهي ڪري اهو خطرو سرڪار جي ذهن تي سوار هو ته پير صاحب ساڻس ٿيل زيادتين جو ڪنهن به نازڪ وقت تي بدلو وٺندي دير نه ڪندو. تنهنڪري سرڪار طرفان پهرين رستي اختيار ڪرڻ بجاءِ ٻيو سلامتي وارو رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته جيئن انهيءَ شخصيت کي هميشه لاءِ ڪاٽا ڪري سگهجي. انهيءَ مان پڌرو ٿئي ٿو ته فيصلو مقدمي هلائڻ کان اڳ طئي ڪيو ويو هو، صرف ملٽري ڪرٽ کي رسمي طرح عملي جامو پهرائڻو هو ته جيئن قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي سگهجي.

مقدمي جي تياري واري مرحلي دوران سرڪاري شاهد کي ٻئرڪ ۾ رکيو ويو جتي سموئيل غني ڊي- ايس- پي انهن کي شاهديون سيکاريندو هو. سموئيل غني کي پير صاحب سان ڪا ذاتي رنجش به هئي. انهي اطلاع ملڻ تي مون ذاتي طرح قانوني ڪارروائي ڪندي ممنوع علائقي جو اوچتو دورو ڪيو. مون اها رپورٽ برگيڊيئر لئنگلئنڊس ڊپٽي فورس ڪمانڊر کي موڪلي ڏني، پر تڏهن ويتر تعجب ٿيم جو مون واري رپورٽ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري رديءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ڪئي وئي.

مٿي ذڪر ڪيل واقعن ذهن ۾ ڪافي مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا هئا. پر صرف تجسس خاطر مقدمي جي پهرين ڏينهن ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ملٽري ڪورٽ ۾ موجود رهي ڪيس جي ڪارروائي ڏسندو رهيس. انهيءَ جڙتو مقدمي جي مسخري ايڏو ڪڪ ڪيم جو پوري ٿيڻ کان اڳ اٿي هليو ويس. هوئن به اهو مقدمو منهنجي اختيارات جي حد کان ٻاهر جو هو. ڪورٽ ۾ موجودگي دوران اکين جيڪي ڏٺو ۽ ڪنن جيڪي ٻڌو تنهنجو تت هيٺ پيش

ڪريان ٿو، شايد شهيد پير صاحب جي واسطيدارن ۽ مريدن لاءِ اهو احوال معلومات ۽ دلچسپي جو سامان بنجي. منهنجي ياداشت مطابق ڪورٽ جو خاڪو ڪجهه هن ريت هو:

جنرل ڪورٽ مارشل ميمبر

| 5 | 3 | 1 | 2 | 4 |
|---|---|---|---|---|

(5 برطانوي آفيسر)

پراسيڪيوٽرس بچاءَ — ڪائونسل/ وڪيل

وصال محمد خان (ليڪ)

برانچ جا ٻه آفيسر

شاهدن جو ڪٽهڙو — پردو — پردو — پير صاحب

**الزام:**

1. حڪومت خلاف سازش ۽ جنگ جوٽڻ.
2. جنگ جوٽڻ جي ڏوهه ۾ مدد ڪرڻ.

اهو خيال عام هو ته جيڪڏهن شاهدن جي نظر پير صاحب تي پيئي يا هنن پير صاحب جو آواز ٻڌو ته شاهدين تان ڦري ويندا. انهي ڪري اڳوٽ اهڙا اپاءَ ورتا ويا جو ڪابه ڪوتاهي نه ٿئي. آئون جيتري دير ڪورٽ ۾ موجود هئس، مون ڏٺو ته پير صاحب پنهنجي بچاءَ جي وڪيل کي لکت ۾ هدايتون ڏيئي رهيو هو ۽ ڪڏهن به زبان مان هڪ لفظ نه ڪڍيائين. (انهي مان پتو پوي ٿو ته پير صاحب تي ڳالهائڻ جي پابندي هئي ته جيئن شاهدن جي ڪَنن تي سندس آواز نه پوي. ٻي ڳالهه ته ڪورٽ جي خاڪي کي ڏسڻ مان پتو پوي ٿو ته پير صاحب ۽ شاهدن جي وچ ۾ پردو لڳايو ويو هو ته جيئن شاهدن جي نظر پير صاحب تي نه پوي- مترجم) مقدمي جي ڪارروائي معمول مطابق شروع ٿي، پير صاحب پنهنجي وڪيل معرفت هيٺيان اعتراض داخل ڪيا:

(الف) ڇا هندستان ۾ هڪ به مسلمان فوجي آفيسر نه آهي، جيڪو هن ڪورٽ جي ميمبر جي حيثيت سان ويهي سگهي؟ آئون سمورن برطانوي آفيسرن تي مشتمل ڪورٽ ڪان انصاف جي

ڪاٻه اميد نٿو رکان. جيڪڏهن مون کي ڦاسي ڏيڻ ئي مقصد آهي ته هن ناٽڪي مقدمي جي ڪهڙي ضرورت آهي، ائين ڦاسي چاڙهي ڇڏيو.

(ب) مون تي هندو وڪيل ڇو مڙهيو ويو آهي؟ ڇا سڄي هندستان ۾ منهنجي بچاءَ لاءِ هڪ به مسلمان وڪيل موجود نه آهي؟

ڪورٽ جي صدر انهن اعتراضن کي هيٺين بنيادن تي رد ڪري ڇڏيو ته:

(الف) ڪورٽ جا رڪن غيرجانبدار آهن ۽ اُهي ڪيس ۾ پورو پورو انصاف ڪندا.

(ب) ملزم کي سڀ کان بهترين قانوني امداد مهيا ڪرڻ لاءِ سٺي ۾ سٺو وڪيل (مقامي) بچاءُ لاءِ ڏنو ويو آهي.

پير صاحب ڪورٽ جي روش بابت پنهنجي وڪيل جي معرفت چيو ته، حڪومت جي صاف صاف نيت هن کي ڦاسي چاڙهڻ جي آهي، انهيءَ ڪري ههڙي ناٽڪي مقدمي رچائڻ کان بهتر آهي ته حڪومت جيڪي چاهي ٿي سو جلدي ڪري وٺي.

جڏهن ڪورٽ پير صاحب کان پڇيو ته، لڳايل الزامن بابت هو پاڻ کي ڏوهاري سمجهي ٿو يا نه!؟ پير صاحب بيان ڏنو ته جيئن ته هو جيل ۾ بند هو ۽ انهيءَ ڪري هو انهي قابل ئي نه هو ته ڪا سازش ڪري سگهي يا جنگ جوٽي سگهي، ان ڪري مٿس مڙهيل الزام جڙتو ۽ بدنيتي تي مبني آهن. ڪورٽ جي صدر پراسيڪيوٽر کي مقدمي جي ڪارروائي اڳتي وڌائڻ جو حڪم ڏنو.

انهي وقت آئون ڪجھ پريشان ٿي ويس ۽ ڪيترائي سوال ذهن ۾ ڦيريون پائڻ لڳا. شايد ذهن جي انهي ڪيفيت سبب ئي آئون سراپا حيرت بنيو مسلسل پير صاحب کي گهوريندو رهيس، جيڪو مون کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته ڪو شينهن پڃري ۾ بند هجي.

سچي ڳالھ ته هيءَ آهي ته منهنجي ڪافي پيرن سان ڏيٺ ويٺ رهي آهي، پر هن جي رتبي جو پير اڃان نه ڏٺو اٿم. هي تمام ذهين، رعبدار ۽ متاثر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ ۽ ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ

جو ستو چاٽو هو. جيتري قدر منهنجي يادگيري جو تعلق آهي ته سڄي مقدمي دوران هي پنهنجي وڪيل کي لکت ۾ هدايتون ڏيندو رهيو.

بهرحال هن اڳ ۾ ئي جيئن سمجهيو هو تيئن ٿيو ۽ هن جا پاڻ کي بچائڻ جا سڀ وسيلا بيڪار ثابت ٿيا. ڪورٽ فيصلو صادر فرمايو ته هو ڏوهاري آهي، انهي ڪري ڪيس ڦاسي جي سزا ڏني وڃي ٿي.

20 مارچ 1943ع تي 34 سالن جي ڄمار ۾ هن کي ڦاسي چاڙهيو ويو ۽ هن جي لاش کي ڳجهي نموني ايراني نار جي ڪنهن ٻيٽ ۾ دفن ڪيو ويو. پير صاحب شهادت ماڻڻ کان ٿورو اڳ، چيو وڃي ٿو ته صرف هڪ ڏوهه جو اعتراف ڪيو هو ته هن کي تماڪ نوشي جي گناه تي افسوس آهي. انهي اعتراف مان پتو پوي ٿو ته پير صاحب پڄاڙي تائين پاڻ کي بي گناه سمجهندو رهيو.

(هلال پاڪستان مئگزين، ماه آگسٽ ۽ سيپٽمبر 1983ع ۾ شايع ٿيو.)

ڪرنل فلپ

# حر تحريڪ جي ناڪاميءَ جا سبب

ٻي جنگ عظيم دوران سنڌ ۾ پهريون پير صاحب پاڳارو انگريزن سان سنڌ جي آزاديءَ واري جنگ وڙهي رهيو هو جنهن جي اهميت گهٽ ڪرڻ لاءِ تاريخ ۾ ان کي "حر تحريڪ" جو نالو ڏنو ويو. سنڌ جي آزاديءَ واري ان "حر تحريڪ" کي چيڀاٽڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ انگريزن سخت طاقت استعمال ڪئي. ان ملٽري آپريشن (فوجي چڙهائي) ۾ ڪرنل فلپ، ملٽري انٽيليجنس (فوجي جاسوسي) اداري جو سربراهه هو. سنڌ مان پڇي وڃڻ کان پوءِ ڪرنل فلپ سنڌ جي هڪ سڄڻ کي خط لکيو جنهن ۾ هن سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ انهن کي پنهنجو بنائڻ بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي انڪشاف ڪيو ته "سنڌي ماڻهو حڪم مڃڻ بجاءِ عقل (دليل) کي مڃڻ جا عادي آهن. تنهن ڪري اسان ڳجهي رپورٽ ۾ واضح طور لکي ڇڏيو هو ته فوج ۾ سنڌين کي ڀرتي نه ڪيو وڃي. ڇو ته فوج ۾ صرف حڪم هلندو آهي پر عقل نه....!" پڙهندڙن جي عام ڄاڻ لاءِ اسان انگريز "ڪرنل فلپ" جو اهو خط پيش ڪري رهيا آهيون. (ادارو)

پيارا.....

مان سمجهان ٿو ته هي خط ڪافي عرصي کانپوءِ لکي رهيو آهيان، جو واندڪائي ڪانه ٿي ملي، ۽ پوڙهائپ ڪري گهر جو به وڏيڪ خيال ڪرڻو ٿو پوي، ۽ توکي خط لکڻ کان اڳ ۾ سوچيندو آهيان ته ڪلاڪ ڪن فرصت ۽ نويڪلائي ضرور ملي، انهيءَ لاءِ ته منهنجو خط به گهٽ ۾ گهٽ تنهجي خط جي وزن برابر ضرور هجي. دوست! ڪجهه دير اڳ برفباري ٿي آهي ۽ ٿئي پئي. منهنجي زال ۽ سندس ساهيڙيون جيڪي برفباريءَ کان ڪجهه دير اڳ شهر مان منهنجي زال سان ملڻ آيون هيون، سي گلاس روم (شيشي گهر) ۾

ويٺيون برف ڪرڻ جو نظارو ڏسن. مون کي پڪ آهي ته اهي ضرور ايسنائين اتي وهنديون جيسين برف بند نٿي ٿئي يا هلڪڙي طوفان جو روپ نٿي وٺي. منهنجو پٽ جيڪو ايراني نار ۾ برطانيه بحري اڏي ۾ ٿرڊ آفيسر آهي، اهو به اڄڪلهه موٽي آيو آهي. ڪجهه عرصو موڪل جو هتي گذاري، شايد بحر سطوط ۾ نئين ڪم تي وڃي جو روس وارن به بحري ٻيڙي ۾ وڌاءُ ڪيو آهي. هينئر هو به شهر ويل آهي. نينگريون ٻئي صبح کان گم آهن، توڙي اڄ موڪل پڻ آهي. ايلز پنهنجي ساهيڙين سان ويٺي ڳالهيون ڪري. هينئر نوڪر ڪافي جون پياليون ٽري ۾ وجهيو کنيو پيو وڃي. سوچيو اٿم ته اڄ خط مڪمل لکي توڏي موڪلي ڏيندس. دوست! اسان جا مهمان ۽ ايلز گلاس روم (شيشي گهر) مان نڪريو، پيون برف سڪهڙي سفيد لان تي گهمن. سير ڪري شايد پوءِ ڪافي پيئنديون. برف ۾ سير ڪرڻ جي عادت مسز سمٿ کي آهي، ٻين ته انهيءَ جو ساٿ ڏنو هوندو. ها، سمٿ کي ته تون سڃاڻندو هوندين. اهوئي ڪئپٽن سمٿ جنهن کي حرن مڪي ٻيلي ۾ نڪ ۾ ناڪيلي وجهي پولي ناچ ڪرايو هو. اڄ ڪرنل اسٽون جي زال به آيل آهي. ڪرنل اسٽون حر تحريڪ وقت آپريشن ۾ هو ته مان ساڳئي رينڪ ۾ انٽيليجنس ۾ هوس. ڪئپٽن سمٿ ته اسان کان ڪافي جونيئر هئو، پر سنڌ ۾ سندس تجربو اسان کان وڌيڪ هئو. آءُ ۽ اسٽون آخري ٽريٽر ۾ سنڌ ۾ آيا هئاسون ۽ هندستان ۾ به اهو اسان جو پهريون سفر هو. اسان کي پهتي کي هفتا ٿيا هئا ته لنڊن مان اطلاع آيو ته جلدي ان ملاقات جا تفصيل موڪليو جيڪا پير آف پاڳارا ۽ سباش چندر بوس جي مڪي ٻيلي ۾ ٿي آهي. تو کي ته ياد هوندو ته سباش ۽ پير پاڳاري جي پهرين ملاقات انديا ۾ ٿي هئي. ان کان پوءِ ڪيتريون ملاقاتون ٿيون هيون، پر هن ملاقات تي وڌيڪ زور ڏنو پئي ويو. يار، اڃا ته سنئين مصيبت ۾ ويا هئاسون، اڃا تائين ڪنهن سان چڱي چوکي واقفيت به پئدا نه ڪئي هئي سين. ڪرنل اسٽون ته بادشاهه هئو. هو ڪنهن به مقامي ماڻهو سان لهه وچڙ ۾ نه ايندو هئو پر نفرت ڪندو هئو، انهيءَ ۾ سندس ڏوهه به ڪونه

هئو، سڀ انگريز آفيسر ائين ڪندا هئا. پيو ته اسٽون هندستان نه پئي اچڻ چاهيو. هو انگلينڊ ۾ سٺين نظرن سان نه ڏٺو ويندو هئو. هندستان اهي آفيسر موڪليا ويندا هئا جيڪي گهٽ شهرت يا خراب شهرت رکندڙ هوندا هئا ۽ انهن کي ترقي ڏيئي هندستان اماڻيندا هئا. پر هتي معاملو مختلف هئو. هي هتي به ڪرنل رهيو، ترقي جا دلاسا به جام مليا هئس. پر ڳالهه ته هن جرمني جي خلاف وڙهڻ تي چاهيو، جيڪو کيس نصيب ٿيو، جرمنن جو ڪٽر دشمن هئو. اسٽون جي ته سول آفيسرن سان به نه پوندي هئي. آءُ هڪدم نوابشاهه پهتس، پر ڪجهه معلوم ڪري نه سگهيس. سيني "خابرن" کي گهرايم پر تفصيل حاصل ٿي نه سگهيا. هوڏانهن سباش ته سنياسين جو ويس ڪري گم ٿي ويو هو، سندس پتو ڪونه ٿي پيو ته ڪٿي آهي. ايستائين جو اسڪاٽليند يارڊ به سڄي دنيا ۾ ڳولڻ ۾ مصروف هئو. آءُ سانگهڙ ويس، اُتي به ملاقات جو تفصيل حاصل نه ڪري سگهيس. ائين ڪجهه مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ مون پنهنجي لاءِ ميدان هموار ڪيو. سنڌي وڏيرن سان چڱي نموني ڏيٺ ويٺ ٿي، جو خاص انهن لاءِ لاهور ۽ ملتان مان ڪنجريون گهرايون وينديون هيون. ڊرگ روڊ ڇانوٽي جي اولهه ۾ خاص جشن ڪيا ويندا هئا. سنڌ جو ذات وڏيرو ۽ سيٺيون سلامي هوندا هئا.

اسين سنڌي سياستدانن سان به لهه وچڙ ۾ آياسين. سيٺ لڇمڻداس، غلام مرتضيٰ سيد ۽ مسٽر الهه بخش سومرو ڪٽر سنڌي هئا ۽ آزاد سنڌ جا خواب ڏسندڙ هئا. (سومرو ته پوءِ چيف منسٽر به ٿيو) انهيءَ ڪري مٿين شخصيتن تي چوڪسي رکي ويندي هئي ته هو پير پاڳاري سان نه ملن. تڏهن به سيد ڪجهه ملاقاتون ضرور ڪيون جي بي ضرر هيون. اهو به سنو ٿيو جو مسلم ليگ بنگال ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻو زور ورتو. جنهن ڪري هندو مسلم اتحاد ٽٽڻ شروع ٿيو ۽ آزاد سنڌ ۽ بنگال جي تحريڪن کي سبوتاز ڪيو. آزاد سنڌ جا اڳواڻ جدا جدا ٿي ويا ڪي ڪانگريس ۾ ته ڪي مسلم ليگ ۾ اها ساڳي حالت بنگال سان ٿي. آزاد سنڌ جي تحريڪ ته

ايتريقدر سبوتاز ٿي، جو حر تحريڪ تي ڪابہ سياسي جماعت تحرڪ نہ وٺي سگهي. ڪوبہ سنڌي سياستدان حر تحريڪ جي حمايت نہ ڪري سگهيو. جو ٻنهي جماعتن جي هاءِ ڪمانڊ، حر تحريڪ کي ڏاڙيل چئي ڌتاري ڇڏيو، ٻئي طرف اسان فيصلو ڪري ڇڏيو هئو تہ سڄو هندستان ڇڏي سگهون ٿا پر ان وقت سنڌ ۽ بنگال کي نٿي ڇڏي سگهياسين. جو ڪراچي بندر دنيا ۾ مضبوط ترين بندر آهي. ٻيو ڪلڪتي بندر تي جي جاپانين سباش جي مدد ڪري قبضو ڪيو تہ ايشيا ۾ اسان جو خاتمو هو. اڄڪلهہ بہ انهن بندرن جي اهائي اهميت آهي، چين تہ ڪلڪتي لاءِ واجهہ وجهي رهيو آهي. ايشيا ۾ انهن ٻنهي بندرن جي ڪري اسين تسلط قائم رکي سگهياسين نہ تہ 1945 ۾ سڄي ڏکڻ اولهہ ايشيا تي جاپان جو قبضو هجي ها.

ڊرگ روڊ جشن ڪانپوءِ گهڻن سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين سان واقفيت ٿيم، پر ملاقات جا تفصيل حاصل ڪري نہ سگهيس جو سانگهڙ جو معتبر وڏيرو هٿ نہ چڙهيو هئو. اسان سانگهڙ مان راز هٿ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ پروگرام ٺاهيا، جي هي هئا:-

1. سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين ڪان نفسياتي طرح راز اُڪلايا وڃن.
2. سنڌن ظلمن ۽ ڪڌن ڪرتوتن جا چٺا سنڌن سامهون آڻي، ڏي وٺ ڪئي وڃي.
3. ڪنهن بہ حر کي پڪڙي، اذيتن وسيلي راز حاصل ڪجن.

دوست! نمبر ٽيون تہ بلڪل بيڪار ثابت ٿيو. باقي پهرين ذريعي سان ٿوري معلومات حاصل ٿي. باقي ٻيو نمبر تہ اهڙو ڪامياب ويو جو عجب ٿو لڳي. آخر انهيءَ وسيلي ملاقات جا تفصيل معلوم ٿيا. اها معلومات هڪ چڱي وڏيري حاصل ڪرائي ڏني. جنهن جي عيوض اسان انهيءَ جو نالو "خانبهادر" جي لقب لاءِ مٿي موڪليو.

تفصيل هيٺين ريت هئا:-

1. آزاد سنڌ لاءِ گوريلا جنگ جو آغاز ڪجي.

2- گوريلا سڪيا لاءِ جاپان ۽ جرمنيءَ جا گوريلا سپاهي مڪي ۾ تربيت ڏيندا.
3- هٿيار جرمني ڏيندو (افغانستان جي معرفت) سبي ڪان پوءِ سنڌ ۾ ايندا. حر سبي مان هٿيار حاصل ڪندا.
4- حملا گڙنگ زميندارن، سيٺين، خابرن، ٺاٺن، گاڏين ۽ فوجين تي ڪيا ويندا.
5- پاڳارو سنڌ جو شهنشاهه ٿيندو. حڪومت پارليامينٽ هلائيندي (انگلينڊ وانگر).

اسان کي مٿين معلومات دير سان حاصل ٿي. ان ڪان اڳ ۾ تربيت ڏيندڙن جي هڪ کيپ پهچي ويئي هئي. هٿيارن جون ٻه کيپون پهچي ويون هيون جيڪو سباش موڪلي چڪو هو. ان مان هڪ کيپ هندستان ۾ موڪلي ويئي هئي، پر وڏيڪ رسائي لاءِ اسين چوڪس ٿي وياسين. ٻئي ڏينهن تي گهٽ گهاٽ پڪڙي ويتا هئاسين. هٿيارن جي کيپ حاصل ڪئي سين. لاهور ۾ جاپانين جي سپاهين کي گولين سان اڏايوسين. اهي لاهور جي پرسان نانڪانا صاحب ۾ سباش جي هڪ سک دوست وٽ رهيل هئا. سکن جو ويس ڪري سنڌ ۾ اچڻ ٿي چاهيائون! خير سنو ٿيو، حرن وٽ نه پهچي سگهيا. ڪجهه ڏينهن ۾ حرن حملا شروع ڪري ڏنا. هوڏانهن اسان جي ۽ جرمنيءَ جي جنگ لڳي چڪي هئي. پير پاڳاري کي پڪ هئي ته جلد هو سنڌ جو شهنشاهه ٿي ويندو. حرن جا حملا ايترا ته شديد ٿي ويا جو جنهن وڏيري کي اسان "خانبهادر" جي لقب ڏيڻ جي سفارش ٿي ڪئي، سو حاضر خدمت ٿيو، مدد لاءِ ٻاڏايائين. هاڻي اسين به مجبور هئاسين، ڪري به ڇا ٿي سگهياسين. جرمنن جا حملا هڪ طرف، جاپانين برما ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن تي ٻئي طرف هلان ڪئي. سباش ۽ سندس پوئلڳ به، جاپانين، جي مدد ڪري رهيا هئا. ڪرنل استون کي برگيڊيئر ڪيو ويو هئو. سنڌ جي بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ ٻه ڊويزن فوج جي گهر ڪئي سون. هند سرڪار کي به ڏاڍي ڏکيائي ٿي، جو سک ڊوگرا ۽ گورکا برما بارڊر ۽

سينگاپور موڪلي ڇڏيا هئائون. پنجاب، فرنٽيئر ڪور ۽ بلوچ ڪور وچ اوپر ملڪن ڏانهن ويل هيون. وري به پرتي شروع هئي ته سينگاپور فوج موڪلي وڃي. سنڌ مان حرن خلاف فوج پرتي ڪرڻ ائين هو جڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ. جو اسين 1914ع ۾ ڏسي چڪا هئاسون ته سنڌي فوج حڪم جي تابع گهٽ ۽ عقل جي تابع وڌيڪ آهي، ۽ توڪي خبر آهي ته فوج ۾ حڪم هلندو آهي نه ڪو عقل. هاڻي به جڏهن سنڌ ۾ حر تحريڪ شروع ٿي ته 1914ع وانگي سنڌي فوجي، فوج ڇڏي اچي حرن سان شامل ٿيا. اهو به شڪر ٿيو جو سنڌي فوج ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترا هئا، جنهن جي ڪري ڪو خاص اثر نه ٿيو. 1914ع وارو حادثو ياد ڪري اسان لکي ڇڏيو هو ته "سنڌي ماڻهو فوج لاءِ نااهل آهن، هنن کي ڪڏهن به فوج ۾ نه کنيو وڃي". جيڪو مان پانيان ٿو تو اڄ ڏينهن تائين ملٽري ڪوڊ قائم هوندو. 1912ع ۾ حر تحريڪ کي پير صبغت الله (پهرين) پاڳاري زور وٺايو، چاڪاڻ ته اها تحريڪ هڪ مذهبي تحريڪ هئي، جيڪا شهيد سيد احمد جي اصولن تي قائم ڪئي ويئي هئي. پر پير پاڳاري صبغت الله (ٻيو) به پنهنجي تحريڪ کي حر تحريڪ سان هلايو. فرق اهو هو ته پهرين حر تحريڪ آزاد مسلمان تحريڪ هئي، پر هيءَ تحريڪ "آزاد سنڌ" وطنيت تي ٻڌل هئي، جيڪا پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ خوفناڪ ۽ خطرناڪ ٿي سگهي پئي. جنهن ڪري اسان پروپئگنڊا تمام گهڻي شروع ڪري ڇڏي ۽ مذهبي تحريڪ نه هڻڻ ڪري اسان مشهور ڪيو ته پير پاڳارو پنهنجون ذاتي دشمنيون، انگريزن، هندن سيٺين ۽ سنڌ جي وڏيرن کان پاڙڻ چاهي ٿو ۽ ٻيا به ڪيترا الزام سندس شخصيت تي هنياسين، ايتري قدر جو سيڊ (مارڪس ڊي- سيڊ) به سندس آڏو هيچ نظر ٿي آيو. انهي سان اسان سادي طبيعت وارن سنڌين جون دليون به پاڻ ڏانهن مائل ڪري وڌيون سين، جيڪا اسان جي وڏي ڪاميابي هئي. اسان حرن کي ڏاڙيل مشهور ڪيو، پر جڏهن اڏيري لعل وٽ حرن گاڏي ڪيرائي، تڏهن هندستان جي ڪن ليڊرن هند جي وائسراءِ کان پڇيو ته ڇا ڏاڙيل

گاڏيون ڪيرائيندا آهن ۽ ان جي ڦرلٽ به نه ڪندا آهن. هنن ليڊرن ۾ گانڌي اهوئي چيو هيو ته اسين سمجهون ٿا ته اوهين ڪنهن تحريڪ کي دٻائڻ چاهيو ٿا. جڳهو ٽيو جو سڀاش جا انهيءَ وقت ڪانگريس سان اختلاف هئا ۽ انهيءَ سمي هو هندستان مان غائب هو نه ته هو ڪانگريس تي اٽسڌي طرح دٻاءُ وجهي برطانيه سرڪار تائين واويلا ڪرائي ها.

دوست! انگريزن جنهن صوبي تي شروع کان اعتبار ڪيو هئو، سو هو پنجاب، هر ڏکئي وقت اسان کي اتان ئي مدد ملي. اسين ڪنهن تي به نه ڀاڙيندا آهيون. پر، پنجاب کي اسين هند ۾ پنهنجي طاقت ڪري ڪوٺيندا هئاسين. هتان جي ماڻهن ڪڏهن به اسان سان غداري نه ڪئي. سنڌ ۾ بغاوت، برما تي جاپان جي چڙهائي، سڀ فوجون رڌل هيون. انهيءَ وقت اسين حُر تحريڪ کي ڪيئن ٿي دٻائي سگهياسون. انهيءَ ڏکئي وقت وري به اسان کي اهوئي پنجاب ڪم آيو. آئون ته اهو چوندس ته پنجاب انگريز جي تلوار وارو هٿ هئو. پنجاب مان پرتي ڪري فوج سنڌ موڪلي وئي، جيڪا ٻن ڊويزنن تي مشتمل هئي. انهيءَ ڪانپوءِ به اسان ڪجهه فوج فرنٽيئر ڪور مان ۽ ڪجهه نظام دکن کان امدادي فوج حاصل ڪئي. هن پيري اسان فوج کي چيو ته فتحيابي ڪانپوءِ سنڌ ۾ اوهان کي جاگيرون ڏنيو وينديون، خير جاگيرون ته اڳ ئي سنڌي وڏيرن وٽ هيون. باقي سکر بئراج جون زمينون کين ڏنيون ويون. دکن وارن کي خيرپور ۽ ڪراچي ۾ ورسايو ويو. دکن وارا ته جلدئي سنڌي سکي ويا هئا. ڪجهه سالن کان پوءِ اها تميز ڪرڻ به مشڪل ٿي وئي ته اهي ڪي غير سنڌي آهن. حر تحريڪ ۾ سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين جو به چڱو تعاون رهيو. اسيمبلي ۾ چون چرا ڪانه ٿي ۽ حرن جي چرپر کان واقف ڪندا رهيا. وڏيرن اتي پنهنجو فائدو مدنظر رکيو. ڪن ابوجهن کي حر ڄاڻائي، پنهنجو ذاتي بدلو وٺندا هئا. اهڙا واقعا جام ٿيا، جنهن ڪري حر تحريڪ ۾ ٻين سنڌين به رد عمل تحت حصو ورتو.

دوست! حر تحريڪ کي نابود، ڪندي معلوم ٿيم ته اسين (40000) چاليھ هزار حرن کي ماري چڪا آهيون ۽ اسان جي پوليس ۽ فوجي نقصان صرف 10000 (ڏھ هزار) ٿيو. تون هي انگ اکر ڏسي تپرسجي ويو هوندين جو گوريلا لڙائي ۾ سرڪاري فوج جو نقصان ڏھوڻو ٿيندو آهي. هتي ابتڙ قصو ڪيئن ٿيو؟ اهو ائين ٿيو جو اسان کي جنهن تي شڪ ٿيو ٿي ته حر آهي، اسان ان جي هر فرد کي قتل ٿي ڪري ڇڏيو. لوڙهن ۾ اهو ڏينهن خالي نه هوندو هو، جو صبح ۽ شام جو مشين گن جو برسٽ نه ٻڌبو هئو. ٻيو ته گوريلا لڙائي لاءِ حرن کي سٺي تربيت نه ملي هئي. اسان مکي ٻيلي کي انسانن سوڌو ساڙائي ڇڏيو. هندستاني آفيسرن ۽ فوج جيڪي لوڙهن ۾ ڪيو، اهو احوال اينڌڙ خط ۾ لکندس. ڪوشش ڪري فائل ڳولي تاريخوار انگن اکرن سان خط موڪلي ڏيندس.

مکي ڪوٽ، جنهن ۾ پير پاڳارو رهيل هو، اتي جهازن رستي بمباري ڪئي سون. اسان کي رڳو پير کي گرفتار ڪرڻو هو، جو اسان کي خبر نه پئي پئي ته پير ڪٿي آهي. پر پوءِ هڪ خابرو ٻڌايو ته تحريڪ صرف هڪ شخص سان آهي. اهو آهي پير، سندس خليفن کي خبر نه آهي ته پير سنڌ جو شهنشاه ٿيڻ چاهي ٿو. انهيءَ ڪري مٿيون فيصلو اسان ڪيو. جيڪڏهن اهو خابرو هٿ نه لڳي ها ته شايد اسين حر تحريڪ کي ختم نه ڪري سگهون ها ۽ سنڌ آزاد ٿي وڃي ها. ۽ ايشيا مان ڏسندي ڏسندي انهن ڏينهن ۾ اسين ختم ٿي وڃون ها، جو سنڌ آزاد ٿيندي بنگال آزاد ٿئي ها، پر چڱو ٿيو ته سڀ پتا اسان ڏانهن ورڻ لڳا، ها انهيءَ صاحب اڳتي هلي پير کي گرفتار ڪرايو، انهيءَ جي مدد جا اڄ ڏينهن تائين اسين شڪر گذار آهيون. انهيءَ جي بدلي اسان ڪيس ٻاهرين ملڪن ۾ ملڪيتون، جايون وغيره وٺي ڏنيون سين. جو اسان نٿي چاهيو ته ڪوبه اسان جو همدرد، اسان ڪان پوءِ تڪليف ڏسي. جي اتفاقاً ڦاٽ ڦاٽي ته همراه سکيو ستابو ٻاهرين ملڪن ۾ عيش ڪندو رهي. منهنجي خيال ۾ حرن لاءِ اهو ماڻهو ڳولڻ محال آهي جو اهو شخص ايتري قدر سياڻو ۽

چالاڪ هئو جو جڏهين سرڪار ٻين کي خطاب پئي عطا ڪيا تڏهن هن کو لقب (سر۔ خان بهادر۔ راءِ بهادر) وٺڻ کان انڪار ڪيو. ڇيائين ته ڪڏهين لقبن ڪري پڪڙجي نه پوان. دوست! انهي شخص متعلق وڌيڪ پڇڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ. جو اسين تيستائين راز نه کوليندا سون. جيسين همراه طبي موت نٿو مري.

دوست! 42ع ۾ حر تحريڪ کي ناڪام سمجهي مسٽر سيد آزاد سنڌ تحريڪ کي ٻڏندو سمجهي، ۽ سمجهيائين ته هندن انهي تحريڪ ۾ تمام گهٽي غداري ڪئي انهن کان بدلي وٺڻ خاطر جي- ايم سيد 43ع ۾ سنڌ صوبي جو پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو بل سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو. جو منظور ٿي ويو.

دوست! مهمان شايد ڪافي ختم ڪري، هيڏانهن اچڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. چڱو ٿيو جو اڄ تو کي خط به لکي ڇڏيم. اتان جون خبرون چارون ڪهڙيون آهن؟ منڇر تي شڪار ڪيئن آهي؟

ستين ۽ سهڻين خواهشن سان
تنهنجو فلپ

وليداد ’ولي‘

# سنڌ ۾ مارشل لا وقت اکين ڏٺا واقعا
## سن 1942ع - 1945ع

سن 1942ع ۾ حضرت پير صبغة الله شاه عرف پير پاڳاري جي ايامڪاريءَ ۾ وقت جي انگريز حڪومت، سنڌ اندر وڏي پئماني تي هلندڙ ’حُر تحريڪ‘ کي پنجون ڏيڻ ۽ حُرن کي پوريءَ ريت نيست و نابود ڪرڻ لاءِ، متعلق ايراضين ۾ مڪمل ’مارشل لا‘ لڳائي، سخت فوجي ڪارروايون شروع ڪيون. جن ۾ سُکن سان گڏ آلا به سڙي ويا. انگريز حڪومت پنهنجا تجربيڪار آفيسر مقرر ڪيا ۽ مضبوط فوجون حُر غازين جي مقابلي ۾ آنديون. محترم وليداد ’ولي‘ خود انهيءَ فوج ۾ شامل هو ۽ هن انهيءَ عرصي ۾ جيڪي ڪجھ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. سو هڪ يادداشت جي صورت ۾ قلمبند ڪندو رهيو. هت اسين ڪائنس اهو اکين ڏٺو احوال حاصل ڪري، پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. - ادارو

### ’مارشل لا‘ ايراضيءَ وارو ماحول

دنيا ۾ ٻي عظيم جنگ چالو هئي ۽ جرمن فوجون طبروق ۽ ايران جي سرحدن تائين پهچي چڪيون هيون. هندستان ۾ ڪانگريس ’ڪُئٽ- انڊيا- تحريڪ‘ شروع ڪري ڏني هئي: مطلب تہ انگريزن لاءِ هيءُ وقت انتهائي آزمائش وارو هو. سنڌ ۾ حرن ’غازي جماعت‘ جي نالي سان هڪ عظيم الشان تنظيم قائم ڪئي هئي، جنهن جو صدر مقام ’ڪيٽيءَ‘ ۾ هو ۽ معاون مرڪز ’گڙنگ وارو بنگلو‘ (سانگهڙ) هو. انگريزن پير پاڳاري کي ملاقات جي بهاني ڪراچيءَ ۾ گهرائي ڪٽي نظربند ڪيو. ان جي خلاف حرن پهريائين خاموش مظاهرا ڪيا، مگر انگريزن کي هن تنظيم کي اصل برباد ڪرڻو هو،

تن حرن سان ڇيڙڇاڙ شروع ڪئي. نتيجو اهو نڪتو جو هڪ طرف سکر کان وٺي سانگهڙ تائين، ٻئي طرف سعيدآباد کان وٺي ڪنڊڙي تائين، ٽئين طرف هٽونگي کان وٺي شهدادپور تائين ۽ چوٿين طرف جيسلمير جي سرحد کان وٺي چوٽيارين تائين، ميدان جنگ جو نظارو پيش ٿي آيو. هڪ طرف سرڪار جا خيرخواه جاسوس، حرن هٿان پئي قتل ٿيا ته، ٻئي پاسي حرن خلاف ڪارروائين جي آڙ ۾ انگريزي فوجن ڳوٺن جا ڳوٺ باهين ۾ پئي جلايا. حرن ڪٿي ريلون پئي ڪيرايون، ته ڪٿي ڪڏهن ڪوٽي پوليس ۽ فوج جون لاريون باهه جي نذر پئي ڪيون: مطلب ته سنڌ جي انهن ايراضين ۾ ميدان جنگ وارو نظارو هو.

## 12- مئي 1942ع: فوج ۾ ڀرتي

تاريخ 12 مئي سن 1942ع، ڏهين بجي صبح جو، آءٌ حيدرآباد جي ايس- پي جي آفيس ۾ پهتس، جتي فرنٽ صاحب "سنڌ پوليس رينجرس" نالي هڪ فوج حرن جي مقابلي لاءِ بنائي رهيو هو. هن فوج ۾ صرف بروهي، بلوچ ۽ قبائلي ايراضين جي جوانن کي ڀرتي پئي ڪيو ويو. جيڪب آباد، گنداوا، نوشڪي ۽ هزارا مان هزارين جوان ڀرتيءَ لاءِ اچي رهيا هئا. آءٌ، بطور ڪوارٽر- ماسٽر، 'بلوچ ڪمپني' ۾ ڀرتي ٿيس، جنهن ۾ جيڪب آباد ۽ گنداوا جا 200 ڪُن بلوچ نوجوان شامل هئا. ان کي مسلسل ٽن مهينن تائين جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ وڙهڻ جي ڪامل ٽريننگ ڏني وئي. هن فوج جو ڪمانڊنگ آفيسر ڪرنل ايچ- پي- ٿامس هو، جو هڪ تجربيڪار پوڙهو فوجي آفيسر هو ۽ سنڌي، بروهڪي ۽ بلوچي زبانون بخوبي ڄاڻيندو هو.

## 22- جولاءِ (سومر)، 1942ع: مارشل لا ايراضيءَ ڏانهن روانگي

جڏهن اسان واري 'اي (A) ڪمپني' مڪمل طرح تيار ٿي وئي، ته اسان کي سنجهوري ڏانهن وڃڻ جا احڪام مليا. اسان جي

ڪمپنيءَ جو ڪمانڊر Capt: W.H. Lang هو، جنهن کي سنڌي زبان سکڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هن مون کي پنهنجو استاد مقرر ڪيو ۽ اڪثر هن جي ويجهو رهڻ لڳس. هيءُ آفيسر نهايت چالاڪ ۽ چابڪ دست هو. هن وٽ ڪيترا فوجي آفيسر ايندا ويندا هئا، جن مان ميجر جنرل رچرڊسن(Maj: Gen: Richerdson) جنرل آفيسر ڪمانڊنگ سدرن سرڪل ۽ ائڊمنسٽريٽر مارشل لا، مسٽر آر- ايچ- سمپسن، ايس- پي نوابشاهه ۽ مسٽر آر- ايچ- ٽي- لئمبرڪ، اسپيشل ڪمشنر مارشل لا ايريا، جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ئي تي مکيه آفيسر هئا، جيڪي حرن کي برباد ڪرڻ جا اُپاءَ ۽ پروگرام بنائيندا هئا.

اسين صبح جو سوير ستين بجي، ريل ۾ سوار ٿي، ٻنپهرن ڌاري سنجهوري پهتاسون ۽ شهر جي پرسان لوڪلبورڊ بنگلي ۾ قيام پذير ٿياسون. اهو ڏينهن سومر، 22 جولاءِ، 1942ع هو. هتي پنجاب ريجمينٽ جي هڪ ڪمپني اڳي ئي موجود هئي. اهو ڏينهن ڪيمپ لڳائڻ ۾ لڳي ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو، فوجي جوان پريڊ کي لڳي ويا ۽ اڪثر شهر ۽ آسپاس جو جائزو وٺڻ لاءِ بازار ويس. شهر ۾ مسلمانن جي بربادي، در و ديوار مان ظاهر هئي. هر مرد ۽ عورت جي چهري تي مايوسيءَ ۽ دهشت جا آثار نمايان هئا. باقي رهيا هندو واپاري، جن جي دڪانن جي بازار ۾ اڪثريت هئي، سي، سندن قديم منافقانه چال مطابق، 'ساڌن سان سنمک، پنئچن سان پورا' هئا: يعني هڪ طرف حرن سان، ته ٻئي طرف ڳجهيءَ طرح انگريز آفيسرن وٽ، جاسوس بنجي، سرخرو پئي رهيا. هر طرف فوج ۽ پوليس جو دور دورو هو. وچ بازار ۾ منهنجي ملاقات محمد صالح نالي هڪ ديندار واپاريءَ سان ٿي. گفتگوءَ دوران هن صاحب مون کي ٻڌايو ته: "حرن جي بهاني سان پوري مسلمان هندن ۽ انگريزن جي انتقامي جذبي جو شڪار بنجي رهيا آهن. پوليس جي پٺن جي ٻيگهي متل هئي، جنهن به ماڻهوءَ جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ جو به ڪين خاصي رقم نٿو ڏئي، تنهنکي 'حر' ظاهر ڪري، به شاهد هٿرادو بنائي، گرفتار ڪرايو ڇڏين. ان طرح ڪيترائي بيگناهه برباد ٿي ويا آهن ۽ ٿي رهيا آهن.

## 25- جولاءِ 1942ع: 'ڪورٽ- مارشل'

25 جولاءِ 1942ع، خميس ڏينهن، اڄ آفيس ۾ ويٺو هوس ته هڪ واڻيو، جُتي لاهي، هٿ ٻڌي، اندر آيو ۽ روئي چيائين ته: "سائين، مون کي مسلمانن ماريو آهي ۽ گهر ڦريو اٿن." هن جي روئڻ تي اسان جو ڪمپني- ڪمانڊر ٻاهر نڪري آيو ۽ سندس بيان ٻڌڻ کان پوءِ، چار سپاهي ساڻس همراه ڪري، حڪم ڏنائين ته، "جوابدارن کي وٺي اچو." ٿوري وقت کان پوءِ هو ٻن ماڻهن کي وٺي آيا. جن جو بيان صاحب قلمبند ڪيو ۽ مون ترجمان جا فرائض بجا آندا. هنن جو بيان هو ته، هنن سال ڪن اڳ، مذڪور واڻيي کان ٻه سئو روپيا اڌارا ورتا هئا ۽ ڪجهه رقم واپس به پئي ڪيائون. مگر، غريب هاري هئڻ ڪري، هاڻي يڪمشت پوري رقم، يعني واڻيي جي حساب موجب ڪل ساڍا ٽي سئو وياج سوڌا، ڀري ڏيڻ جي هنن ۾ طاقت ناهي، هاڻي هو بهانو بنائي کين سزاياب ٿو ڪري ته جيئن ٻيا ڪانئس هيسيل رهن. بيان جي سچائي سندن ڳالهائڻ مان ظاهر هئي، مگر انگريزن جي نظرن ۾ هن ايراضيءَ جي معتوب مسلمان جي ڳالهه کي ڌيان ۾ نه آندو ويو. فوراً داعيءَ مدعيءَ سوڌا ٽرڪ ۾ سوار ٿي اسين جهول پهتاسين، جتي ٽن ڪلاڪن اندر هنن کي ڦر ۽ مارڪٽ جي الزام هيٺ ڪورٽ- مارشل ڪري، ٽن ٽن سالن لاءِ سخت پورهئي سان سزاياب ڪري، سينٽر جيل اماڻيو ويو. جهول، ڪورٽ- مارشل عدالتن جو گويا ان وقت مرڪز هو.

ڪورٽ مارشل ڇا هئي؟ 'مارشل لا' هيٺ آيل سيني ايراضين سان فوجي قانون لاڳو ڪيو ويو هو. هرهڪ تعلقي ۾ وڌ ۾ وڌ چار ۽ ڪم از ڪم ٻه فوجي عدالتون مقرر ٿيل هيون. هرهڪ ڪورٽ ۾ چار فوجي آفيسر 'جج' مقرر ڪيا ويا هئا. جن مان ٽي 'ليفٽيننٽ' جي عهدي کان وٺي 'ميجر' جي عهدي وارا آفيسر هئا ۽ هڪ 'ڪرنل' يا 'ليفٽيننٽ ڪرنل' چيف جج جي حيثيت ۾ انهن مٿان مقرر ٿيل هو. هر قسم جا ڏوهي انهن عدالتن ۾ پيش ڪيا ويندا هئا. اهي آفيسر گهڻو ڪري انگريز هئا، جن جونظريو گهڻو

ڪري حُرن جي خلاف هو. مون اکين سان ڏٺو ته عام طرح معمولي چوريءَ ۾ سول عدالت ڇهن مهينن کان وٺي ٻن سالن تائين سزا ڏيندي هئي، پر اهڙي ساڳيءَ نوعيت واري ڪيس ۾ هتي ستن سالن کان وٺي ويهن سالن تائين به سزائون ڏنيون ٿي ويون. انهن عدالتن ۾ گهڻو ڪري چالان ڪندڙ يا فرياديءَ جو بيان بطور گواهه جي قبول ڪيو ويندو هو ۽ بس- نڪو هو وڪيل، نڪو بچاءُ، رڳو هو 'جلدي اُڪلاءُ'.

مٿي بيان ڪيل بدقسمت شخص ڪي به ان قسم جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ مون بطور ترجمان جي فرائض بجا آندا. فريادين جو فرياد ته 'اسين دڪان کان گهر آياسين ته هنن حملو ڪري، مار ڏيئي، گهر ۾ ڏڪي، زالن کي ڏنڊا ڏيڪاري، مال ڦريو آهي." جوابدارن جو بيان هو ته، "اسين مسڪين..... هيسيل ۽ بيگر ۾ وهندڙ ڀلا ايڏي جرئت ڪٿان ٿيندي جو ههڙي وقت ۾، جڏهن هر طرف بندوقون ئي بندوقون لڳيون پيون آهن، پرائي گهر ۾ داخل ٿي ڏينهن ڏٺي جو ڦر ڪنداسين؟! اصل معاملو قرض بابت آهي ۽ هنن ڪوڙو فرياد ڪري اسان کي اٽڪايو آهي." ان کان پوءِ انگريز آفيسرن، پاڻ ۾ سُس- ڦس واري صلاح ڪري، ڪين مذڪوره بالا فيصلو ٻڌائي، جيل روانو ڪيو ۽ هندو خوش خوش ٻاهر نڪري راهي ٿيا.

## غداريءَ ۽ جان نثاريءَ جو حيرت انگيز مثال

هڪ ڏينهن جو واقعو آهي ته، هڪ سنڌي پوڙهو ماڻهو آيو ۽ چيائين ته، "صاحب سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻو آهي." ٿوري وقت کان پوءِ اسان جو آفيسر مسٽر سمپسن ٻاهر آيو، ۽ سئو ڪن سپاهي ساڻ وٺي، هڪ طرف روانو ٿي ويو. چئن ڪلاڪن کان پوءِ هو هڪ نوجوان حُر کي بندوق سميت ٻنيءَ مان جيئرو گرفتار ڪري، ڪيمپ ۾ وٺي آيا. مسٽر سمپسن، ايس- پي نوابشاهه گهربل حُرن جي لسٽ چڪاسڻ بعد، ڏهن روپين جو نوٽ کيسي مان ڪڍي هن

پوڙهي سنڌيءَ کي ڏنو، جنهن نوٽ هٿ ۾ جهلي ڪيس چيو: ”اهو ڏهن جو نوٽ مون لاءِ لکن برابر آهي. پر، صاحب، انجام موجب، منهنجي پٽ کي جيل مان ڪڍائڻ جو انتظام ڪريو ته پيا به جام جهلائي ڏيانوَ!“ بعد ۾ معلوم ٿيو ته گرفتار ٿيل نوجوان جو نالو منٺار خاصخيلي هو ۽ پوڙهو سندس ويجهو مائٽ هو، جنهن پنهنجي پٽ جا بند خلاص ڪرائڻ لاءِ سرگرم غازيءَ کي، ڪنهن بهاني سان ٻنيءَ ۾ ويهاري دوکي سان گرفتار ڪرايو هو! نوجوان شڪل جو ملوڪ ۽ جسم جو جاٺو هو. سندس تلاشيءَ مان هڪ دونالي بندوق، سرميداڻي، چار چانورن جون مانيون، ٻه سو روپيا نقد، هڪ عمدو خنجر ۽ ڪجهه ڪارتوس نڪتا. هن جوان ڪيترن معرڪن ۾ حصو ورتو هو. گرفتاريءَ کان پوءِ، باوجود انتهائي جسماني عذاب جي، حر تحريڪ بابت هن هڪ ٻڙڪو به زبان مان نه ڪڍيو. راز ٻڌائڻ جي عيوض جيتوڻيڪ کيس ڇوٽڪاري جو وعدو ڏنو ويو، مگر هو ڦاسيءَ جي تختي تائين بالڪل ڳنڀير ۽ خاموش رهيو. پاڻ ۽ سندس پوڙهو مائٽ، ساڳيو خاندان ته ساڳي بيعت! اهو آهي غداريءَ ۽ جان نثاريءَ جو چشم ديد مثال!

ان وچ ۾ حرن جي روبرا مقابلن ۽ راتاهن جا واقعا ٿيندا رهيا. حر، ڏيڍ سئو کان وٺي ڏهن ماڻهن جي ٽولن ۾، ڪيمپن تي حملي آور ٿيندا هئا. بعضي گهاٽ ۾ ويهي گوليون هلائيندا هئا. سندن پروگرام ۾، اڳتي وڌڻ يا شهيد ٿيڻ هو. پوئتي ڀڄڻ يا زنده گرفتار ٿيڻ، انهن لاءِ ٻڏي مرڻ وانگر هو. جديد فوجي ٽريننگ موجب، ڇڙ گوريلا جنگ جا مڪمل ماهر هئا. نشاني باز وري اهڙا هئا جو جيڪڏهن ساڄيءَ اک جي شست ٻڌن، ته مجال آهي جو گولي کاٻيءَ اک ۾ وڃي لڳي! اهڙيءَ طرح ۾، فوج کي ڏينهن رات انتهائي مستعد رهڻو پوندو هو. ٿوري ئي کڙڪي تي سڄي فوج حرڪت ۾ اچي ويندي هئي. بعضي ته کي مزيدار غيرمعمولي واقعا به ٿيندا هئا، جن مان هڪ واقعو قارئين حضرات جي دلچسپيءَ لاءِ قلمبند ڪريان ٿو:

## 1- سيپٽمبر 1942ع، حواس باختگيءَ جو هڪ مزيدار واقعو:

’سيپٽمبر سن 1942ع، جمعي جي رات جو، ڪائي پي، يٽ شٽ هٽي ’لائيٽ آف‘ (Light off) جي بگل وڄڻ کان پوءِ سيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي وڃي آرامي ٿيو. انهن ڏينهن ۾ حر اڪثر راتاها هڻندا هئا. جنهن ڪري رات جو باهه ٻارڻ جي منع هوندي هئي. جيڪڏهن ڪو ٻيڙي دُکائيندو هو، ته به ڪمبل جي جُهنڊ ڪري، ان جي اندر تيلي ٻاريندو هو. سپاهي بندوق تنگ سان ٻڌي سُمهندا هئا ته اوچتي حملي مهل اونداهه ۾ هٿيار آسانيءَ سان هٿ اچي سگهن. اهڙيءَ حالت ۾، هڪ ٻين بجي مهل، هڪ پهريدار کي پريان ٻوٽن ۾ کڙ کڙ جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. هن پر واري پهريدار جو توجه ان طرف ڇڪايو، دستور موجب نامعلوم کڙکڙ ڪندڙ کي فوجي زبان ۾ چئلينج ڏيندي چيائين:

"Halt!.... who goes there?"

(بيهُ رهُ!... ڪير آهين؟) مگر، جواب ندارد. قاعدي موجب، ٽي دفعا اهي اکر ورجائي، بندوق سڌي ڪري، وٺي ڪيائين فير، ٺڪاءُ جي آواز تي ٻين پهريدارن به پنهنجون بندوقون ان طرف چوڙيون. سڀ فوجي جاڳي پيا ۽ قائدي موجب ڊوڙندا ڊوڙندا خندقن ۾ ويهي فير ڪرڻ لڳا. آخر ڪجهه وقت کان پوءِ آفيسر فير بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سرچ- لائٽيون چالو ٿي ويون. رات مان ڏينهن بنجي ويو. آفيسر، حال معلوم ڪرڻ کان پوءِ، هڪ دستي کي خبرداريءَ سان کڙ کڙ واري هنڌ ڏانهن وڌڻ لاءِ حڪم ڏنو.

بس سائين، مڙس- ’ٻلي پير وجان، ٻلي پير وجان‘، آهستي آهستي، پيٽ پر سُرڪندا، اوڏانهن وڌندا ويا. آخرڪار بالڪل ويجهو پهچي، وٺي جو ٽارچ روشن ڪري ڏسن ته، خير سان هڪ گڏهه گولين لڳڻ جي ڪري گپ بنيو پيو آهي! مطلب ته هراس جو اهو حال هو جو جنهن کڙکڙ کي هنن حرن جو حملو پئي سمجهيو، سو اصل ۾ هڪ گڏهه جو آواز هو، جو ٻوٽن ۾ ليٽڙيون پائي، پنهنجو ڏينهن

جو تڪ پڇي رهيو هو، مگر ڊپ وچان سنترين ائين سمجهيو ته حر حملي لاءِ ٻوٽن وچان اچي رهيا آهن! صبح جو حساب ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته اٽڪل سوا سو ڪن گوليون بيڪار ضايع ٿي ويون! خاص ڪري متوءَ (خاصخيلي) نالي هڪ حر ڪمانڊر جو اهڙو ته رعب انگريز آفيسرن جي دلين تي ڇانيل هو، جو هڪ انگريز آفيسر، جنهن جو نالو ليفٽيننٽ ائبرنٽي (P.P. Abernety) هو، سو اڪثر ڊپ وچان جهنگل ڏانهن نهاري چوندو هو ته، "اگر ادهر سي متو آيا ته ڪيا حال هوئيگا، ڪيسا مقابلا هوئيگا!" متوءَ جو نالو وٺي، ڇرين وانگر ڇرڪ ڀريندو هو ۽ ڪمپنيءَ لاءِ چرچي جو باعث بنجي ويندو هو.

### 4- جنوري 1943ع: مڪي ٻيلي ڏانهن روانگي

4 جنوري سن 1943ع، سومر ڏينهن، اسان جي ڪمپنيءَ کي مڪي ٻيلي اندر 'پڪ- سري' موريءَ ڏانهن وڃڻ جا احڪام پهتا. اسين صبح جو سنجهوري مان روانا ٿياسون. سامان سڙو، تنبو وغيره، فوجي لارين ۾ اڳواٽ روانا ڪيا ويا. آءٌ دفتري سامان سميت، ڇئن سپاهين سان گڏجي، ڪمپنيءَ کان اڳواٽ گهوڙن تي روانو ٿيس. چار ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اسين شاهي سڙڪ تي پهتاسون، جيڪا شهدادپور کان سانگهڙ ڏانهن وڃي ٿي. رستي تي تباهيءَ ۽ بربادي جا دل ڏاريندڙ نظارا ڏٺاسين. رستي جي ٻنهي پاسن سڙيل ڳوٺ ۽ دونهانتيل جهنگ ڏسڻ ۾ آيا. ٻنيون ٻارا ڪاراٽيل هئا. رستي تي اڪثر ڪري ملٽريءَ جون لاريون اچي وڃي رهيون هيون. ڪو ڪو سنڌي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ڪٿي نظر ٿي آيو، نه ته الله ئي الله، ڄڻ ته مُلڪ ۾ ڪو راڪاس گهمي ويو هو. ماحول ۾ هيبتناڪ وحشت ۽ دهشت ڦهليل هئي.

اٽڪل اٺ ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ جهول جي ڳوٺ پهتاسين. سڙڪ جي ساڄي پاسي شهر هو ۽ کاٻي پاسي ملٽري- اسٽيشن هئي. اسٽيشن سان لڳولڳ ميدان تي فيلڊ- سپلاءِ- ڊيپو هو، جنهن ۾ اناج

جون هزارين ٻوٽيون، پيٽرول جا ڊرم، راشن جا ڪوڪا ۽ فوج لاءِ ٻڪريون ۽ دنبا موجود هئا. سانگهڙ ايراضي واريءَ فوج جي راشن جو هيءُ مکيه مرڪز هو. اسان هتان اناج لاءِ 'انڊينٽ' ڏني. جيسين راشن جو انتظام ٿئي، تيسين اڄ جهول جي شهر ۾ ويس. هتي البت چڱي هلچل هئي ۽ مسلمانن ۾ انتظام ۽ بيداري هئي. هتي منهنجي ملاقات مير الله بخش خان ٽالپر ۽ مير جان محمد سان ٿي. جي بازار جي وچ ۾ پنهنجيءَ اوطاق کي هڪ مرڪز بڻايون ويٺا هئا. اتي مون کي چڱا تعليم يافتا ڪارڪن ڏسڻ ۾ آيا. جهول مان هلي، اٽڪل ست ميل پنڌ ڪري، اسين سانگهڙ جي شهر ۾ آياسين. هتي اسان کي ڪمپنيءَ جي اچڻ تائين ترسڻو هو. جيئن ته وقت ڪافي هو، ان ڪري همراهن کي هٽيڪو ويهاري، اڄ شهر ۾ آسپاس معائني لاءِ ويس. سانگهڙ جي بازار جي چيڙي تي- جيڪو جهول جي رخ ڏانهن آهي، لوڪلبورڊ بنگلي ۽ ان جي باغيچي ۾، ملٽريءَ جي موٽر ٽرانسپورٽ ورڪشاپ (M.T.workshop) قائم ڪئي ويئي هئي، جتي سون جي تعداد ۾ فوجي ٽرڪون مرمت لاءِ بيٺل هيون. هتي پانت پانت جا فوجي ڪاريگر ڏسڻ ۾ آيا. ان جي پرسان، جهول واري پاسي، خاردار تارن جي لوڙهن اندر، جهوپڙيون، چنا ۽ راﺋٽيون ڏسڻ ۾ آيون، جن جي اندر حُر عورتون ۽ ٻار نظربند هئا. مون وٽ پنهنجي آفيسر جو ڏنل عام اجازت نامو هو، ان جي آڌار تي، بهانو بنائي، اندر ڪئمپ ۾ گهمڻ لاءِ ويس. هن ڪئمپ ۾ جوان ۽ پوڙهيون عورتون ۽ ٻار هئا. جن جي نگراني پٺاڻ فوجي ڪري رهيا هئا. مون کي ڪن عورتن سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو ۽ معلوم ٿيو ته انگريزي فوجن، حر- ايريا ۾ آباد ڳوٺن تي عام جام حملو ڪري، مردن کي ماري يا گرفتار ڪري، ڳوٺن کي باهيون ڏيئي، عورتن ۽ ٻارن کي آڻي هن ڪيمپ ۾ سٽيو آهي.

اهي عورتون هاڻ انهن پٺاڻ فوجي جوانن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيل هيون. مظلوميت ۽ بي وسي انهن عورتن جي صورتن مان صاف ظاهر هئي. مون پنهنجين اکين سان هتي ڏٺو ته چار پٺاڻ

فوجي، ڏهن نوجوان نينگرين کي، جن جي مٿن ۽ چيلهين تي مَٽ ۽ دلا رکيل هئا. پرسان آڏ تان پاٽي آٽڻ لاءِ وٺي پئي ويا ۽ بندوقن جي ڪنداقن سان انهن کي چوڪون ڏئي، هيسائي چئي رهيا هئا: ”گانڌو کي اولاد، بي ايمان، جلدي چلو!“ وغيره. انهن عورتن ۾ ڪي اهڙيون به هيون، جن جي جسمن تي اعليٰ درجي جي پوشاڪ پهريل هئي ۽ خوشحالي سندن معصوم مهاندن مان ظاهر هئي. افسوس، قوم جي هن نازڪ، نفيس ۽ غيرت اُپارينڊڙ سرمايي جو محافظ ڪوئي ڪونہ هو، جو ڪٿي انگريزن کي هيترو چوي تہ، ”عورتن ۽ ٻارن سان هيءَ هلت ڪنهن بہ مذهب ۽ قوم جي شايان شان ناهي!“

پوسٽ آفيس جي پرسان، هڪ ننڍيءَ ڪوٺيءَ وٽ، بہ فوجي سپاهي بندوق سان ٻاهر بيٺل نظر آيا. ڪوٺيءَ جي اندر البت اونده واري ماحول ۾ ڪو شخص کٽ تي ويٺل تي ڏٺو. آءٌ وڌي اڳتي ويس. اندر ڪوٺيءَ ۾ منهنجي ملاقات هڪ اهڙي شخص سان ٿي، جو هينئر ٿرپارڪر ضلعي جي هڪ وڏي شخصيت آهي. ان وقت کيس رواجي خاڪي قميص ۽ سٿڻ پهريل هئي ۽ سندس منهن مان ڳٽتي ۽ ڏولائو صاف ظاهر هو. سندس انهيءَ ڪمري ۾ سواءِ ڪن برتنن ۾ هڪ معمولي پيتيءَ جي ٻيو ڪجهہ ڪونہ هو ۽ پاڻ هڪ نظربند قيديءَ جي حيثيت ۾ هتي رهيل هو. آءٌ سلام ڪري اندر آيس. مون سان ڀاڪر پائي گڏيو ۽ کٽ تي ويهاريائين. پنهنجو تعارف ڪرائي چوڻ لڳو: ”اڙي سائين، آءٌ حضرت پير صاحب جو مريد بيشڪ آهيان، مگر حُرن جي غلط ڪارروائين ۾ منهنجو ذري جيترو بہ حصو ناهي. ناحق مون کي ڪٿي قيد ڪيو اٿن!“ مون ساڻس همدردي ڏيکاري ۽ حضرت پير صاحب جي نظربنديءَ ۽ مظلوم عورتن جو احوال ٻڌائيندي، دلجاءِ طور چيومانس: ”بس، سيني جي تقدير ۾ اهو لکيل هو، هاڻي نماز پڙهي خدا کي ستايو تہ هيءُ قهري دؤر دُور ٿي وڃي.“ سندس اکين ۾ آب اچي ويو، ويچارو ڏاڍو بي آرام ٿي نظر آيو. هن بزرگ کان مون کي چڱو احوال معلوم ٿيو.

ان بعد آءٌ هن ڪان موڪلائي، سانگهڙ جي پرسان گرُنگ واري بنگلي تي آيس، جتي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو وحشتناڪ نظارو نظر آيو. انگريزن بمباري ڪري، بنگلي ۽ ان سان ملحق حويلين کي باهيون ڏيئي ناس ڪري ڇڏيو هو. رڳو ان ميدان جي چوديواري قائم هئي، جتي حر اچي قيام ڪندا هئا ۽ بس. ان ڪان پوءِ بازار ۾ آيس، جنهن ۾ گهڻو ڪري سڀ دڪاندار هندو هئا ۽ هر طرف فوجي جوان بندوقن سان گهمي ڦري رهيا هئا. هاڻي شام اچي تي هئي، مگر ڪمپني ڪانه آئي، ان ڪري اسان رات لاءِ هتي قيام ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

## حرن جو انتقامي حملو

ساڳئي ڏينهن شام جو برگيڊيئر طرفان اعلان ڪيو ويو ته، فوجن جي تفريح لاءِ هڪ موبائيل سينيما سانگهڙ ۾ آئي آهي ۽ رات جو نوين بجي سڀ فالتو فوجي جوان، مرڪزي ميدان ۾ ڪنا تي، تفريحي فلم ڏسن. شام ڪان وٺي هڪ شاندار اسٽيج بنائي، ان پٺيان پردو ڪڙو ڪيو ويو. هڪ بجي مهل سارو ميدان فوجن سان تمتار ٿي ويو، جن جي هٿن ۾ سندن هٿيار هئا. سڀ ترتيب سان هيٺ زمين تي ويهي رهيا ۽ ناٽڪ شروع ٿيو. تماشو نهايت دلچسپ هو، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو ته ڪيئن هڪ بمبئيءَ جو وڏو واپاري، دشمن طرفان ڦهلايل افواهن تي لڳي، اٽليءَ ۽ جرمنيءَ جي هوائي طاقت جي متوقع بمباريءَ ڪان ڊڄي، پنهنجو الهو تلهو وڪڻي، ٻارن کي ٻهراڙيءَ ۾ موڪلي، پاڻ هڪ وڏي پپر جي وڻ هيٺان، وڏي مالها هٿ ۾ ڪڻي، ايشور ڪان هوائي حملي بابت پناهه گهري رهيو هو، ۽ ڪنهن ڪنهن وقت اکيون آسمان ڏانهن کڻي، هوائي جهازن ڏانهن پئي ڏٺائين.

آخر سندس اهو هراس وڏي وجي حقيقت جي حد تي پهتو. جيئن چوندا آهن ته، ”سپ نه ماري، پر سپ جو سراپ ماري“ سو ڪي سرڻيون تيزيءَ سان پريان آسمان تي ڏسي، هن سمجهيو ته اهي

دشمن جا هوائي جهاز آهن. تڪتڪي لڳائي، انهن کي ڏسي، ڇرڪ جو پريائين ته هٿ مان مالها ڇڏائجي ويس! اجا ناتڪ ان مرحلي تائين پهتو مس هو ته، ساڄي پاسي ”ڊڙم- ڊڙم- ڊڙم“ جا ڌڌڪا ۽ پريان ڪجھ دردناڪ دانهن جا آواز ٿيا. بس سائين، ڪيڏانهن ويو کيل، ڪيڏانهن ويو تماشو- هڪ حيراني ۽ دهشت هئي، جا ماحول تي ڇانئجي ويئي. اٽڪل اڍائي هزار فوجي، مختلف فوجي يونٽن سان وابسته، هٿيارن سان تيار، تماشي جي محويت مان نڪري، ٽڪائن جي ٽڪاٽي ڏانهن ٺهارڻ لڳا. هرهڪ ماڻهو پريشان ته، هاڻي ڇا ڪجي؟ ڇو ته فوجي قاعدي موجب، آرڊر ملڻ ۽ نظم و ضبط سان هلڻ بنا ڪابه حرڪت اصل ڪانه ڪرڻي هئي. ان نموني ۾ اٽڪل پندرهن منٽ گذري ويا. هاڻي ٽڪاءَ به بند ٿي ويا هئا، مگر پريان هاءِ گهوڙا جا آواز ڪَنَن تي پئي پيا.

هڪ رات جو وڳڙو، ٻيو فوجن جو هيڏو رڳڙو- آفيسر منجهي پيا ته، کهڙي ڪارروائي ڪئي وڃي. اوچتو هڪ وڏو انگريز فوجي آفيسر، جنهن جو نالو Lt: Col: H.N. Thornton هو. (جيئن پوءِ معلوم ٿيو)، اسٽيج تي نمودار ٿي پنهنجي فوجي يونٽ جو نالو وٺي چيائين:

"No: 'C' Company, Balouch Regt: attention! On guard position: Fall in to the face street."

اهو حڪم ملڻ سان اٽڪل سٺ کن جوان، ويٺلن جي وچ- پاسن مان اٿي، رستي جي ڪنارن تي آيا ۽ پوءِ پنجن منٽن اندر فوجي فارميشن ٺاهي تيار ٿي بيٺا. هاڻ اڳيان ٿيو اهو انگريز آفيسر ۽ ٻيا ڪي عملدار ۽ پٺيان اهي سٺ فوجي جوان. آءٌ به موقعو وٺي انهن جي پٺيان هلڻ لڳس. گهٽي ختم ڪري، ساڄي هٿ تي ٻيءَ گهٽيءَ جي وچ تي هڪ شاندار حويليءَ جي دروازي وٽ پهتاسون. ڏسون ته هڪ آسوده حال عورت گهوڙا گهوڙا ڪري رهي هئي. ٻيا آسپاس وارا در بند ٿيل ڏسڻ ۾ آيا. عورت پار ڪڍندي ٻڌايو ته: ”اندر حويليءَ ۾ ڪيترا خون ٿيا آهن ۽ خوني توهان جي اچڻ کان اڳ اجهو هن

پاسي نڪري ڀڄي ويا آهن.“

آفيسر پنجاهہ ڪن جوانن کي پيڇو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ باقي ماڻهن سميت اندر داخل ٿيو. اندر اهڙو تہ وحشتناڪ نظارو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. برابر چار مرد، ٻہ عورتون ۽ هڪ نينگر، رت ۾ رنگيل، زمين تي دم توڙي چڪا هئا ۽ ٻہ ابهم معصوم ٻار خوف ۽ هراس ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل نظر آيا. هڪ پير مرد اسان کي ڏسي ڳوڻين جي ڍڳ مان نڪتو، مگر سندس حواس برابر باختہ هئا. پڇا مان معلوم ٿيو تہ هيءَ حويلي هڪ وڏي زميندار جي هئي، جو حرن جي خلاف انگريز سرڪار جو خيرخواه خابرو هو. پنهنجي اثر رسوخ سان، هن ڪيترائي حر جهلايا هئا. جنهن ڪري حرن، دستور موجب فوجن کي هڪ هنڌ گڏ ڏسي، اُن جو فائدو وٺي، اچي هن تي حملو ڪيو هو ۽ پنهنجو وير ورتو هو. مقتولن ❊ ۾ خانصاحب، سندس ٻہ پٽ، هڪ ڀائٽيو، سندس زال، هڪ ننهن ۽ هڪ ڀاءُ شامل هئا. خوش قسمتيءَ سان، سندس چاچو ڀاڻ کي ڳوڻين اندر لڪائي ان اوچتي موت کان بچي ويو. مون اهڙو نظارو عمر ڀر ڪونہ ڏٺو هو، سو ساري رات تصور ۾ اهوئي ناٽڪ، اهوئي ”ڌڙم- ڌڙم“ جو آواز ۽ مقتولن جا لاش ڏسڻ ۾ پئي آيا. ان مان اهو نتيجو نڪتو تہ ويچارا وچ وارا غيرجانبدار وڃن سو ڪيڏانهن وڃن! جي وٺن ٿا انگريزن جو پاسو، تہ تين ٿا حرن جي هٿان جهاتڪو ۽ جي وٺن ٿا حرن جو طرف تہ، بنجن ٿا انگريزن جو لقمو ۽ جي هلنديءَ پڄنديءَ هوندي ڪري ويهن ٿا ماٺ تہ، مٿن جاسوسيءَ جو الزام ٿو مڙهيو وڃي. هيڏانهن باهہ هوڏانهن پاڻي ۽ وچ ۾ اوڙاهہ. واه ڙي انگريز تنهنجو دماغ ۽ انتظام! پيسو سنڌ جو، سپاهي ديسي، دشمن سنڌي، خابرو سنڌي ۽ وزير بہ سنڌي! رڳو بنگلن ۾ ويهي، اسڪيمون بنائي، انهن کي ميدان ۾ اچي عمل ڪرائڻ وارا بيضا

❊ هن واقعي ۾ ڪُل پنج ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڇهين مائي پوءِ قتل ٿي. هن واقعي بابت مٿئين خاندان جي پونيرن کان تصديق ڪئي وئي. (مرتب)

مرغيون ڪائيندڙ، بيٺر پيئندڙ انگريز عملدار! دنيا جي نيرنگيءَ تي غور ڪندو رهيس ته جا قوم گڏجي ڪري دشمن سان مقابلو يا مدافعت نٿي ڪري، ان کي هر طرف کان گهاتو ئي گهاتو آهي. ”فاعتبروا يا اولي الابصار.“

## 5- سيپٽمبر، 1943ع: ڪمپنيءَ جو اچڻ ۽ اڳتي وڌڻ

تاريخ 5 سيپٽمبر 1943ع، آچر جي ڏينهن، صبح جو ڪمپني آئي ۽ اڳتي وڌياسون. رستي تي اهي ئي ناس ٿيل ڳوٺ ۽ فوجن جي آمدرفت ڏسڻ ۾ آئي. رڳو هڪ ڳوٺ رستي جي ڪاٻي پاسي صحيح سلامت نظر آيو، جو انگريزن ان لاءِ ڇڏيو هو ته سندن فوجن لاءِ کير، مُرغيون، بيضا ۽ خابرو ميسر ٿي سگهن. اهو ڳوٺ ماڇين جو هو. ڇئن ميلن جي مسافري ڪرڻ کان پوءِ اسين باکوڙي نالي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ پهتاسين، جتي هڪ بٽالين موجود هئي، هڪ وڏي فوجي اسپتال ڇنن ۽ تنبن ۾ قائم ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ صرف فوجي بيمار تيمارداريءَ لاءِ رکيل هئا. هتي ”وايرليس سيڪشن اسٽيشن“ به هئي، جنهن ۾ انگريز ديسي ماڻهن کي وايرليس ذريعي پيغام رسانيءَ جو علم سيکاري رهيا هئا. باکوڙو هڪ نهايت پر فضا مقام آهي. ڳوٺ جي اتر ۽ اوڀر طرف مکي ٻيلو اصل هتان شروع ٿئي ٿو. ڳوٺ جي ڏاکڻي پاسي کان منڙائو واهه وهندو وڃي، جنهن جي مٿان پل ۽ ريگيوليٽر آهي، باقي اوڀر طرف پوئنو آهي.

## 6- سيپٽمبر 1943ع: مکيءَ ۾ داخلا

6- سيپٽمبر تي اسان جي ڪمپني، منڙائو واهه وارو ڪئنال- پاٽ وٺي، مکيءَ ۾ داخل ٿي، واهه جي ٻنهي پاسن کان، نگاهه جي حد تائين، مرد جي قد کان ٽيٽا سَر هئا ۽ جيئن اسين اڳتي وڌندا وياسون تيئن اهي سر گهاٽا ۽ وڏا ٿيندا ويا ۽ ٻيلي جي وٽڪار ويئي وڌندي. واهه جي ٻنهي پاسن سَرن کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو هو. ڇو ته حر انهن سرن مان نمودار ٿي، فوج تي ڇاپا هڻي، گم ٿي ويندا

هئا. رستي تي ڪيترو چوپايو مال- جهڙوڪ مينهون، ڏڳيون، گهوڙا، گڏهه وغيره- عام جام واهه جي ڪپڙ تي گهمي رهيو هو. مگر فوج جي نزديڪ اچڻ تي اهي سڀ جانور سَرن ۾ لڪي ويندا هئا. ويچارا مالڪن ڪان سواءِ ويڳاڻا هئا. انهن گگدامن ڪي پلا ڪهڙي خبر ته سندن مالڪن سان ڇا وهيو واپريو؟

ان ماحول مان مارچ ڪندي، 8 ميل طئي ڪرڻ ڪان پوءِ اسين پَڪ- سري' نالي موريءَ تي پهتاسون. هيءُ مقام مکيءَ جي ڏاکڻي ڇيڙي ڪان اٺ ميل اندر آهي. هن هنڌ هڪ ننڍي ڍنڍ آهي ۽ هيءَ گويا هيبتناڪ مکي ٻيلي جو سرو آهي. هتي، ان ڍنڍ جي ڪناري تي، سکن جي هڪ ڪمپني اسان ڪان اڳ موجود هئي. هتي ڪنارن تي ٽالهين، نمن، سرنهن ۽ ڄمن جي وڻن جا خوب ڇانولا هئا، جن جي هيٺان اسان جا تنبو ڪتل هئا. مکي ٻيلي ۾ اچڻ وڃڻ وارن لاءِ هيءُ مقام جنڪشن جي حيثيت رکي ٿو. جيئن پوءِ معلوم ٿيو، سڄي مکي ٻيلي ۾ هن قسم جي ڪيمپن جو ڄڻ هڪ ڄار وڇايل هو. سرڪاري انگن اکرن موجب، ڪيمپن جو انداز هن ريت آهي:

هوائي فوج: 12 اسڪئاڊرن، 24 جهاز، 150 ماڻهن جو عملو، مرڪز سکر.

پيدل فوج (Infantry): 3 ڊويزنون، 60 هزار سپاهي، هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد ۽ سکر موٽر ٽرانسپورٽ سيڪشن (M.T. Sec-tion)، 4 اسڪئاڊرن، 600 لاريون، هيڊڪوارٽر شهدادپور ۾ ڪيٽي.

اُٺ ۽ گهوڙي سوار: 8 اسڪئاڊرن، 2400 ماڻهو، هيڊ ڪوارٽر جمڙائو هيڊ ۽ هٿونگو.

هن هنڌان اسان جي ڪمپني، سنڌي سرڪاري خابرن جي رهنمائي هيٺ، مکيءَ ۾ داخل ٿي حرن جي تلاش ۾ نڪرندي هئي، جن جو تعداد هزارن جي تعداد ۾ جهنگ اندر لڪل هو ۽ جي گوريلا فوج وانگر فوجي ڪيمپن ۾ لانگهائو فوج تي ڇاپا هڻي وري گم ٿي ويندا هئا. جهنگ نهايت گهاٽو ۽ پيچيدو هو، جنهن جو سما وڻن جون ٽاريون ۽ زمين ڇپر ۽ سَر هئا.

## 14- سيپٽمبر 1943ع، حرن سان پهريون معرڪو

19 تاريخ خبر آئي ته حُر هڪ هنڌ ويٺل آهن ۽ سندن تعداد ٽيهارو کن آهي. ڪمپني ڪئپٽن ڪولڊ ويل (Capt: G.H.Could well) جي ڪمانڊ هيٺ رواني ٿي، سِک ڪمپنيءَ جا ٻه دستا پڻ اسان سان گڏ هئا. صبح جو اٺين بجي ڌاري اسين، پڪسري موري چڙهي، ناري جو ڪاٻو ڪنارو ڏيئي، اڳتي وڌياسين. ٽئين ميلن کان پوءِ سرن ۾ هڪ ڪجهه ڪشادو پيچرو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان اسين گهاٽي جهنگل ۾ داخل ٿي هلڻ لڳاسين. اسان جي ڪمپني 300 کنءُ جوانن تي مشتمل هئي. 60 کن سِک پڻ اسان سان هئا، جن جي ڪمانڊ ليفٽيننٽ لانگوَرٿ (Liet: Longworth) ڪري رهيو هو. 'وڏا وڻ وٽڪار جا' ۽ ماحول ڪي قدر اونداهو. جيئن جيئن اندر داخل ٿيندا وياسين، تيئن تيئن پيچرو سوڙهو ٿيندو پئي ويو. جنهن ڪري سپاهي، آفيسرن جي قيادت ۾، هڪ ٻئي پٺيان ٿي هلڻ لڳا. ان حالت ۾ اٽڪل نوَ ميل کن هلڻ ڪانپوءِ خابروءَ بيهڻ لاءِ اشارو ڪيو ۽ آفيسر کي ڪجهه چيائين: جنهن تي ڪپتان، ڪمپنيءَ کي اتي چڙهي، خابروءَ سان گڏ اڳتي ويو ۽ اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان پوءِ واپس اچي ٻڌايائين ته، حُر هڪ نندي ٻيٽ تي ماني پچائي رهيا آهن. ان کان پوءِ هو، خابروءَ جي مشوري سان، فوج کي ٽئن حصن ۾ تقسيم ڪري، ٻيٽ جي چوڌاري گهيرو وجهڻ لاءِ ترتيب ڏاهڻ لڳو. ڪلاڪ کن اندر، ٻيٽ کان فرلانگ کن جي مفاصلي تي، چوڌاري گهيرو مڪمل ٿي ويو. اجا حُر بيخبر هئا. هاڻي ڪپتان جي اشاري ملڻ تي، فوجي آفيسرن، آهستي آهستي ماڻهن کي چؤطرف ٻيٽ ڏانهن وڌايو، تان جو ٻيٽ وٽن وچان صاف ڏسڻ ۾ آئي. ان بعد ڪپتان تيار ٿي اڪيلو اڳتي وڌيو ۽ پستول ڪڍي ٽي دفعا هوائي فير ڪيائين.

هاڻي اسان کي ٻيٽ جي مٿان چئني طرفان حرن جا پٽڪا ۽ منهن ڏسڻ ۾ آيا. شايد هو صورتحال جانچي تيار ٿي رهيا هئا. هيڏانهن ڪپتان ماڻهن کي مضبوط ٿي وٽن جي ٽڙن پٺيان بيهڻ جو

حڪم ڏنو. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ پٽ تان گولين جو وسڪارو ٿيو. پٽ جي اوچائي اٽڪل 30 فوٽ کن هئي ۽ خاصي ويڪري هئي. حر مٿي ۽ اسين هيٺ جهنگ اندر لڪل. نه هنن جون گوليون اسان جو نشانو وٺي ٿي سگهيون ۽ نه وري فوج جو ڪو وارو ڪارگر ٿي ٿي سگهيو. مگر گولين جي ڏي وٺ چالو هئي. ان حالت ۾ ٻه ڪلاڪ کن گذري ويا. هاڻي سڪن وارو جوشيلو ڪپتان، جو شايد اسڪاٽلينڊ جو رهاڪو هو، سو هي حال ڏسي بي آرام بنجي ويو. هن مارٽر توب گهرائي نصب ڪرائي، مگر اسان جي ڪپتان هن کي روڪيو ته مارٽر استعمال نه ڪري. ان سوال تي ڪافي بحث ۽ تڪرار ٿيو. هيءُ ڪپتان خردماغ وارو بدمزاج فوجي انگريز ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ خوامخواهه موت واريون خوفناڪ رٿون پئي ٺاهيائين. شايد هتي جي گرم هوا سندس دماغ خراب ڪري ڇڏيو هو. هو باز نه آيو ۽ پنهنجن هٿن سان مارٽر جي رينج ٺاهي ڀريون گولو ڇڏيائين ۽ اهڙو ته ذم مان ڇڏيائين جو پوري پٽ پار ڪري، وڃي وڻن ۾ ڪِريو ۽ سندس ئي دستي جا ٻه ماڻهو هلاڪ ۽ پنج زخمي ٿي ويا. جن جي هاءِ گهوڙا گولين جي آوازن ۾ گم ٿي وئي. ان طرف کان ٻن منٽن اندر ماڻهو آيو ۽ ساري ڪيفيت، اسان واري ڪپتان جي سامهون، سندس صاحب سان بيان ڪيائين، جنهن تي هن جي مُنهن جو پنو ئي لهي ويو. هاڻي اسان جي ڪپتان جي رٿ هئي ته مزي سان گهيرو ڪريو بيٺا هجون، جيستائين حرن جون گوليون خلاص ٿي وڃن، يا ڪو هوائي جهاز مدد لاءِ گهرائي، حرن تي بمباري ڪرائي، ڪين ناس يا گرفتار ڪيو وڃي، مگر بددماغ ’لانگورٿ‘ ان سان اختلاف ڪندي چيو ته: ”اوهين پنهنجي ڪمپنيءَ لاءِ جوابدار آهيو ۽ آءٌ پنهنجي اسڪئارڊ جو خود مختيار آهيان!“

اسان واري صاحب، هن جو اهو حال ڏسي، سياٽپ ڪري، 60 ماڻهو، وچان ڪڍي، سڪن جي پٺيان بيهاريا، هوائي جهاز لاءِ وائرليس ذريعي پورو هنڌ ٻڌائي پيغام روانو ڪيو ۽ مزي سان، آهستي آهستي- ٺا.... ڌڙم..... ٺا..... شراٽ..... زُون.... گوليون حرن

ڏانهن موڪلڻ لڳو. حرن وٽان بہ اُن نموني ۾ جواب اچڻ لڳو. ان وچ ۾ ڪئپٽن لانگورٿ اسان وٽان جدا ٿي پنهنجن ماڻهن ڏانهن هليو ويو، ۽ اٽڪل ڪلاڪ کان پوءِ نڪا ڪيائين هم نڪا ڪيائين تم- اڳيان پاڻ ۽ پٺيان سڪ- وڃي پٽ تي چڙهڻ لڳو. بس سائين، سڪن جو مٿي جو مٿي اُپ- ڪپرو پٽ تي چڙهڻ، ۽ نشاني باز حُرن جو گولين سان هنن کي جهاٽڪو ڪرڻ. ڪي مئا، ڪي ڦٽيا ۽ ڪي پوئتي موٽي آيا. مگر هيءُ ڪپتان، بندوق تي سنگين تاڻي، ڊوڙندو ويو. تان جو پيشانيءَ ۾ گولي کائي ڪِريو ۽ پٽ جي وچ ۾ چڙهيون هٽي پورو ٿي ويو. اها حالت ڏسي، اسان واري ڪپتان باقي سڪن کي پوئتي موٽڻ جو حڪم ڏنو.

ستارن جي بادشاھ سج جي سواري نماشام جي حدن ۾ داخل ٿي چڪي هئي، مگر هوائي مدد اڃا ڪانہ آئي هئي. ڪپتان، آفيسرن سان مشورو ڪيو تہ، اهڙيءَ حالت ۾ رات جو گهيرو لڳائي بيهڻ مناسب ٿيندو يا نہ!؟ مصلحت ٿي تہ، ”هاڻي جيئن تہ باقي سوجهرو ڪو ڪلاڪ ڪن آهي، ان ڪري پوئتي موٽڻ يا هتي بيهڻ ڳالھ ساڳي آهي: بهتر آهي تہ، سرچ- لائيٽ چالو ڪري، رات جو هتي رهون.“

پهرو مقرر ڪري، رات سرچ- لائيٽ ۾ گذاري سين. صبح جو ستين بجي ڌاري، ڪپتان، گهيرو مڪمل ڪري، جوانن کي مستعد بنائي، جنگي اعلان جو هوائي فير ڪيو، مگر نہ ڪو جوابي فير پٽ تان آيو ۽ نہ وري حرن جو ڪو مٿو يا پٽڪو ڏسڻ ۾ آيو. ڪجھ دير ترسڻ کان پوءِ، ڪپتان جي حڪم سان، چئني پاسن کان پٽ ڏانهن گولين جي بوڇاڙ موڪلي وئي، پر اُن جو جواب بہ خير ڪو آيو. ڊونهين صاف ٿيڻ کان پوءِ، مشورو ٿيو تہ، ”حرن طرفان ڇو جواب نٿو اچي. ڇو پٽ مٿان موت واري خاموشي ڇانيل آهي؟ ڇا، رات وچ ۾ حُر ڪنهن پاسي کان نڪري تہ نہ ويا؟“ ڪپتان، هڪ ڊگهي وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي، دوربينيءَ سان معائنو ڪيو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ هيٺ اچي ٻڌايائين تہ، پٽ تي ڪنهن ماڻهو جو

نشان ڪونهي. سڀ مُنجهي پيا ته، ڇا ڪجي، هيءُ عجيب اسرار ڪهڙو؟ الغرض، انهيءَ شش و پنج ۾ ڪلاڪ سوا گذري ويو. اٽڪل ڏهين بجي ڌاري آسمان ۾ هوائي جهاز جي گرج ٻڌڻ ۾ آئي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هوائي جهاز ڀٽ مٿان لامارا ڏيڻ لڳو ۽ آهستي آهستي هيٺ پرو پرواز ڪري، ڀٽ جو معائنو ڪري، وائرليس ذريعي پيغام موڪليائين ته مٿي ڀٽ تي ڪير به ڪونهي. ڪپتان ڪيس لامارا جاري رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ 50 ماڻهن جي دستي ڪي وٺي ڀٽ تي چڙهڻ شروع ڪيو.

فوجي سپاهين ڀٽ جي انچ انچ جي جانچ پڙتال ڪئي. آخر هڪ هنڌ هنن کي تازي کوٽيل واري ڏسڻ ۾ آئي. ڪپتان چئن ماڻهن کي بيلچن سان واري هٽائڻ لاءِ چيو. واري هٽائڻ سان هڪ سُرنگهه ڏسڻ ۾ آئي. جا ڀٽ جي هيٺ هلي پئي وئي. صاف ظاهر هو ته، حُر رات وچ ۾ ان سرنگهه مان رفوچڪر ٿي ويا هئا. هتي هيءُ معلوم هئڻ گهرجي ته حضرت پير صاحب پاڳاري وٽ ڪيترا (سڀاش چندر بوس جي ڌڙي) 'فارورڊ بلاڪ' جا پڳل انقلابي ڪاريگر لڪل هئا جن جي رهنمائيءَ هيٺ حرن اعليٰ فوجي تعليم حاصل ڪئي هئي. مکي ٻيلي ۾ هنن ڪيترا هٿيارن ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا هئا ۽ سيني پاسن سرنگهن جي وسيع ڄار وڇائي ڇڏي هئائون. ڪپتان نقصان جو تفصيل ٺاهڻ شروع ڪيو. 20 سک سپاهي مئا، چار بروهي سخت زخميا ۽ هڪ برٽش آفيسر مئو. مئل سکن جو ڪريا ڪرم سک سپاهين ڪيو. ان ڪان پوءِ اسين، زخمين کي ساڻ کڻي، شام ڌاري پڪ سري پهتاسين. اها حرن جي ٽولي الله بچائي خاصخيليءَ جي هئي، جنهن جي گرفتاريءَ لاءِ ويهه هزار روپيا نقد ۽ 24 ايڪڙ زمين انعام مقرر ٿيل هو.

## 29- سيپٽمبر 1943ع: سپاهيءَ جو گم ٿيڻ

پڪ- سريءَ جي قيام واري عرصي ۾، اسين ٻيا مکيءَ ۾ گهڙندا هئاسين ۽ وري واپس ورندا هئاسين. بعضي اسان کي جهنگ

اندر ٻين فوجن جا ٻه ماڻهو ملندا هئا. تاريخ 28 سيپٽمبر 1943ع جو، حسبِ دستور، اسين مکيءَ ۾ گشت ڪري رهيا هئاسين. ان ڏينهن آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا، جنهن ڪري ٻيلي ۾ اونداهيءَ وارو منظر هو. سپاهي هڪ ٻئي پٺيان هلي رهيا هئا ته، ڪيهر خان نالي هڪ سپاهيءَ کي جهنگ جو خيال ٿيو. جيئن ته هو پناڻ هو ۽ پانيائين ته ڪم لاهي اطمينان حاصل ڪري وري اچي فوج سان شامل ٿيندس. سو ڦڪائيءَ وچان ٻوٽن ۾ ويهي ڪاڪوس ڪرڻ لڳو. اسين اڳتي وڌنداوياسون، تان جو ميل کن جهنگل جهاڳي هڪ اهڙي هنڌ پهتاسين، جتي ڪجهه ويڪراڻ ۽ هڪ پاٽيءَ جي آڏ هئي. اهو وقت ٻنپهرن جو هو. ڪپتان ماني کائڻ جو حڪم ڏنو. ماني کائي، ٽڪ پيجي، دستور موجب ڳڻپ شروع ڪئي ويئي. حوالدار وزير خان رپورٽ ڪئي ته سندس پلاٽون مان سپاهي ڪيهر غائب آهي. سڀ پريشان ٿي ويا. ڪپتان ويهن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته هو پوئتي پيچرو وٺي ڪيس ڳولي اچن. ٽئن ڪلاڪن کان پوءِ جوان واپس آيا ۽ ٻڌائون ته، ڪيهر خان جو ڪوبه پتو ڪونهي. لاچار ڪپتان مهم تي اڳتي رواني ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ٽئن ڏينهن کان پوءِ مهم واپس پڪ- سريءَ آياسين. ان طرح مهينو گذري ويو. هڪ ڏينهن اوچتو، ڪيهر خان راشن واري لاريءَ ۾ اسان وٽ پهتو ۽ سيئي هن کي ڏسي ڏاڍو سُرها ٿيا.

احوال وٺڻ تي هن ٻڌايو ته، ”جهنگ جي خيال لاهڻ کان پوءِ مون پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو ۽ دماغ ڪجهه چڪر ۾ اچي ويو. دل ۾ طرحين طرحين خيال اچڻ لڳا. آءٌ پيچرو وٺي اڳتي هليس ۽ اميد رکيم ته اوهان کي پهچندس، مگر اهو پيچرو وڃائي، ٻيو پيچرو اختيار ڪيم. مٿان اچي رات پئي. آءٌ وڻ تي چڙهي ويهي رهيس. جيئن جيئن رات وڌندي ويئي، جهنگ مچندو ويو. ڪئين جهنگلي جانور رنيون ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن بک لڳندي هيم ته راشن جي ٿيلهي مان کائي، ڏينهن جو هيٺ لهي وڃي پاٽي پيئندو هوس ۽ جهنگل مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پيو خدا کي ٻاڏائيندو

هوس. اهڙيءَ طرح رات وڃي پئي، ڏينهن زمين تي. تان جو ڪيترا ڏينهن گذري ويا ۽ آءٌ نااميديءَ جي آڙاهہ ۾ غرق ٿيڻ وارو هوس تہ هڪ پاسي کان ڪجهہ آواز ٻُڌم. آواز وارو طرف وٺي هليس. پوتا لتاڙيندو، رستو ڪندو، سرن مان پاهہ نڪتس تہ جهوپڙيون ڏسڻ ۾ آيون. ماڻهن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. معلوم ٿيو تہ، آءٌ هٿونگي جي پاسي اچي پهتو آهيان. اتان هاڻي توهان وٽ آيو آهيان."

هن اتفاق مان مکي ٻيلي جي ڊيگهہ ويڪر ۽ ان جي گهاٽي هجڻ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هڪ ڏينهن، ڪپتان سلطان محمد مون کي چيو تہ، "وليداد، ههڙو ٻيلو ۽ حر شڪست کائي رهيا آهن! شايد انهن ۾ نظم و ضبط ڪونهي. هن جهڙو جهنگل جيڪڏهن مري قوم کي بغاوت وقت ملي ها تہ، هوند اها افغانستان وانگر آزاد هجي ها." مون جواب ڏنو مانس تہ، "ڪپتان صاحب، سچ چيو اٿن تہ "ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڙ ڪٽي،" فوج تہ مهندار، نہ تہ غيباٽو سوار. سو، حرن جي جنهن ڪمانڊر ۾ عقيدت جي مرڪز، پير صاحب، وٽ هيون اسڪيمون ۽ قيادت، تنهن کي انگريز گورنر ملاقات جي بهاني گهرائي، قيد ڪري، شهادت جو جام پياريو. هاڻي هو وليداد وانگر آهن ويچارا، تنهن هوندي بہ ڏسون ٿا حرن جي مقابلي جو رنگ:

'تو تير آزما، هم جگر آزمائين!'

ڪپتان ڪٽي مات ڪئي.

## 1- نومبر 1943ع ڳجهڙيءَ پٽ ڏانهن مارچ

اڄ سومر ڏينهن، پهرين نومبر 1943ع آهي. اسان کي اڳتي مکي ٻيلي اندر ڳجهڙيءَ پٽ ڏانهن ڪوچ جو حڪم مليو. سامان سڙو صبح جو سويل فوجي لارين ۾ اوڏانهن روانو ڪيو ويو. اسين ناري واهہ جو ڪپو ڪپ وٺي هلڻ لڳاسين. ڪاٻي پاسي انساني قد کان ٽيٽا ڊگها سَر بيٺا هئا، ان جي پٺيان، حد نظر تائين، جهنگ ئي

جهنگ هو. چار ميل مارچ ڪرڻ کانپوءِ، اسين هڪ ڍنڍ جي ڪناري وٽ پهتاسون. ڪپتان هتي نيرن ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جوان، بگل- ٽيلها ۽ هٿيار لاهي، ڍنڍ جي ڪناري تي وڏن وڻن جي هيٺان، نيرن ڪرڻ ويٺا.

آءُ به هڪ ٽوليءَ سان ماني کائي رهيو هوس. گلاس پاڻيءَ سان ڀري پاسي تي رکيو هوم ۽ نظر سامهون ڍنڍ ۽ اُن جي آسپاس جي دلڪش نظاري کي ڏسڻ ۾ محو هئي. ڍنڍ ۾ پٻڻون، لوڙهه، ڪُمي، بهه وغيره جام هئا ۽ ڪنارن تي ڪيترن قسمن جا وڻ ٻوٽا هئا. صبح جو سمو هو. پکي پکڻ دلڪش انداز ۾ پنهنجون مٺيون ٻوليون ڪري رهيا هئا. رکي رکي، ڊگهيءَ چهنب وارا پکي پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻي مڇيون پڪڙي رهيا هئا، پريان بگلا ٻگت، هڪ ٽنگ تي بيهي، 'يا قبون' جو وظيفو پڙهي رهيا هئا. جيتوڻيڪ هيءَ سرديءَ جي موسم هئي، مگر ماحول رم جهم وارو هو. ماني ختم ڪري، پاڻي پيئڻ جي خيال کان مون گلاس هٿ ۾ کنيو، ته پاڻيءَ جي مٿان ماکي ترندي نظر آئي! وڌيڪ جانچ ڪرڻ لاءِ مٿي وڻن ۾ جو نهاريان، ته بلي... ماکيءَ جا مانارا وڻن ۾ قائم آهن! وڌيڪ جانچ ڪيم ته، هر طرف ماکي ئي ماکي هئي: هڪ هڪ مانارو اهڙو ٿلهو ۽ ويڪرو، جهڙو قلندري فقير جو ڪشتو! رهبر سنڌيءَ چيو ته، هن ٻيلي ۾ ماکيءَ جي فراوانيءَ ڪري ئي هن جا نالو 'ماکي ٻيلو' هو، جو ڦري 'مکي' سڏجي ٿو- (والله اعلم)

ماني کائي اڳتي وڌياسون. عجيب، دلفريب ۽ پُرسڪون ماحول هو. رستي تي، سواءِ فوج ۽ فوجي لارين جي، اسان هڪ به رعيتي ماڻهو نه ڏٺو. هر طرف جهنگل ئي جهنگل هو، جنهن جي وچان صرف لهو ناري وارو ڪئنال- پاٽ هو، جو اسين وٽيو پئي وياسين. رستي تي اسان کي ڪيترو چوپايو مال، گهوڙا ۽ گڏه ڏسڻ ۾ آيا، جي اسان کي ڏسي سرن ۾ غائب ٿي ٿي ويا. انهن ويچارن گگدامن کي ڪهڙي خبر ته سندن پاسبان جو ڪهڙو حال آهي؟

اٽڪل 25 ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، ناري جو ڪنارو ڇڏي،

ڳاهي پاسي، وڻن جي وچان، ڪچي رستي تان، ٻه ميل پنڌ ڪرڻ بعد، اسان کي وڻن جي پنيان ويجهو هڪ پٽ ڏسڻ ۾ آئي. ان پٽ جو نالو هو ’ڳجهڙي پٽ.‘ بيشڪ ان تي اهو نالو موزون هو، ڇو ته وڻن جي گهيري ۾ قدرتي طرح سان بلڪل هيٺ ڪري، ٿوري ٻه پريان اصل ڏسڻ ۾ ئي نٿي آئي. ان پٽ جي مٿان انجنيئري کاتي وارن جو هڪ انسپيڪشن بنگلو ٺهيل هو. اها پٽ، ناري جي طرف کان 50 فوٽ کن اوچي هئي، آهستي آهستي لهواري ٿي، ڏکڻ ڏانهن هليو ٿي ويئي. اسان هن پٽ مٿان ڪيمپ قائم ڪئي. هن پٽ تان مکيءَ جو نظارو عجيب پئي ڏسڻ ۾ آيو. جيڏانهن نگاه ڪريو ته وڻن جون چوٽيون ٿي ڏسڻ ۾ آيون ۽ مٿان آسمان. هن پٽ جي ڏکڻ ۾ هڪ ننڍي ڍنڍ هئي ۽ ساڄي پاسي کان بنھ هيٺ، هڪ چڱو موچارو ڳوٺ هو- جو شايد انگريزن انهيءَ لاءِ ڇڏيو هو ته، فوج لاءِ کير، مکڻ ۽ کابرو ميسر ٿين. هتي هوا صاف ۽ ماحول مڇرن کان بلڪل خالي هو، مگر وڇون ڏاڍا هئا. هڪ بروهي سپاهي- جنهن جو نالو دريا خان هو، وڇونءَ کي هٿ جي ترڻءَ تي کٽي، ماٺهن کي بچائي، ٻيڙيون ڇڏائيندو هو. وڇون هن کي ڏنگ هڻندو هو، مگر هن کي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو هو. سندس قول هو ته جيڪو ماڻهو سڄي عمر لوڻ نٿو استعمال ڪري، ان کي زهر جو اثر نٿو ٿئي ۽ سندس خاندان لوڻ نه کائيندڙ جوڳين مان هو.

ٻئي ڏينهن اسين ناري جي ڪناري تي وهنجڻ لاءِ وياسين. جتي پرئين پر ٻه واڳون ويٺا هئا. ڪپتان پاٽيءَ ۾ بم گولا ڇوڙڻ جو حڪم ڏنو. اهو سلسلو ڪيتري وقت تائين هلندو رهيو ۽ ان طرح واڳون اتان هٽي ويا. هتي اسان جي ڪمپني، سواءِ ڪنهن امدادي ڪوٺ جي خاص طرح ڪيڏانهن ڪانه ويندي هئي.

### ڇنڇر، 12 نومبر 1943ع: حرن جو حملو

اڄ 12 نومبر، ڇنڇر جي ڏينهن، آءٌ دوستن سان پتي راند ڪري رهيو هوس. ماحول صاف ۽ فضا خاموش هئي. ڏهين بجي جو وقت

هو ۽ سپاهي ڊرل تان واپس آيا هئا. هرڪو پنهنجي پنهنجي شغل ۾ مگن هو. اوچتو، بنگلي جي مٿان واچ- ٽاور تان، پهريدار سپاهيءَ خطري جو بگل وڄايو. ڪاڏي ويئي راند، ڪاڏي ويا شغل! هرهڪ فوجي پنهنجا هٿيار سنڀالي پٽ جي چوڌاري ٺاهيل خندقن ۾ هليو ويو، جن جي اڳيان واريءَ جون ڳوٿيون رکيل هيون. ڪپتان ڊوڙندو ڪڏ تي ويو ۽ دوربينيءَ سان چوطرف معائنو ڪري، آواز ڪيائين ته، "ڪيمپ گهيري ۾ اچي چڪي آهي، مگر گهيرو اجا ڪجهه پريرو آهي ۽ گهاٽن وڻن جي ڪري حرن جي تعداد جو پورو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ٻس سائين، سپاهي، بندوقون هٿن ۾ جهلي، لوهي ٽوپلا پائي، هڪدم خندقن ۽ مورچن ۾ وڃي ويٺا ۽ بندو، تسبيح ڪٽي، تنبوءَ ۾ لوهي پيٽين جي وچ ۾ وڃي ويٺو. تنبوءَ جي سوراخن مان دوربينيءَ رستي اهو سڀڪجهه ڏسي رهيو هوس. فوج مٿي، حر هيٺ ۽ وڻ وچ ۾! حرن کي ان وقت خاڪي ورديون ڍڪيل هيون ۽ ماهرانه ملٽري انداز ۾ خوب ٺارين ۽ پنن جو آڙ ڪيو هئائون. ان ڪري وڻن ۾ پوريءَ طرح ڏسڻ ۾ نٿي آيا. ٻنهي طرفن کان گولين جو تبادلو شروع ٿيو، جو لاڳيتو ٽي ڪلاڪ ڪن هليو. جيئن پوءِ معلوم ٿيو. غازين جو هيءُ حملو، اسان کان ڇهه ميل پري، ناري جي پرئين پر 'اوڏ' نالي ڳوٺ وٽ سڪن جي هڪ وڏي ڪمپنيءَ تي هو جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيا هئا، جو ته اها ڪمپني هيٺ ڪلئي وارياسي ميدان ۾ هئي، مٿن ڪين مدد ڪرڻ لاءِ ويجهي ۾ ويجهي اسان جي ڪمپني هئي، جا ساڳئي ئي وقت گهيري هيٺ آيل هئي ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ برسر پيڪار هئي. الغرض، ٽن ڪلاڪن جي ڏي- وٺ کان پوءِ حر پوئتي هٽيا، مگر سندن مقابلي جو جوش خروش، جنگي قابليت ۽ گوريلا- لڙائيءَ جو طريقو بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. فوج وارن جون ذري گهٽ مٿيون ئي منجهائي ڇڏيائون. اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ ڪپتان صاحب آکڻ لڳو ته: "جيڪڏهن حملي جو اهو انداز ٿورو وقت وڌيڪ هليو، ته پوءِ بارود خلاص ٿي ويندو، ان ڪري هٿون هٿ جنگ لاءِ تيار رهو!"

مگر شڪر آهي جو حرن کي سکن واري ڪمپنيءَ جو جهاتڪو بنائڻو هو ۽ اهي سچ پچ جهاتڪو بنجي ويا. تن ڪلاڪن کان پوءِ حر، ڪاميابيءَ جا نعرا هڻندا، واپس وسيع گهاٽي جهنگل ۾ غائب ٿي ويا، مگر ڪپتان احتياط طور، سپاهين کي مورچن ۾ خبردار ٿي ويهڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ ڪن ماڻهن سان گڏجي نقصان جو اندازو لڳائڻ لڳو. اسان جا پنج سپاهي مئا ۽ ڏهن کي ڦٽيا، جن جي ملم پٽي ڪئي ويئي. سارو احوال وايرليس ذريعي باڪوڙي ۾ هيڊڪوارٽر ڏانهن موڪليو ويو، جتان نماشام ڌاري ايمبولنس ڪارون ۽ ٻيو سامان پهتو. حرن واريءَ جڳهه تي سواءِ خالي ڪارتوسن جي ٻيو ڪجهه ڪونه هو. ممڪن آهي ته انهن جو به نقصان ٿيو هجي ۽ هو مئلن ۽ زخمين کي پاڻ سان کڻي هليا ويا هجن.

## 6- ڊسمبر 1943ع: جمڙائو هيڊ ڏانهن روانگي

اڄ، ڊسمبر جي ڇهين تاريخ، اسان کي 'جمڙائو هيڊ' (جمڙائو جو منڍ) ڏانهن وڃڻ جا احڪام مليا. اٽڪل ويهه ميل مارچ ڪرڻ کانپوءِ اسين جمڙائو هيڊ تي پهتاسون. رستي ۾ اهو ئي گهاٽو جهنگل، جنهن ۾ پکين ۽ جانورن جو منگل- سواءِ فوجي آمدرفت جي، ٻيو ماڻهو خير کو ڏسڻ ۾ آيو. هن هنڌ جو منظر نهايت دلفريب هو. هتي سڻا ريگيوليٽر ٺهيل آهن. هڪ پاسي نظر ڪرڻ سان واريءَ جي ڀٽن جو سلسلو نظر پئي آيو، اولهه پاسي گهاٽو وسيع جهنگل ۽ اوير پاسي ڳوٺ ۾ هڪ حد تائين ڪليل ايراضي هئي. هتي اسان واري ڪمپني رڻ پٽ ڏانهن ويندي هئي. هن هنڌ حرن سان ننڍا ننڍا معرڪا ٿيندا رهيا ۽ آخرڪار مکيه مقابلو درپيش آيو.

## 22- ڊسمبر 1943ع: علي شير چانگ

20 تاريخ ڪپتان بشپ، رايل آرٽلري مان بدلي ٿي آيو. هيءُ ڪپتان آزاد خيال ۽ رند مشرب هو. اڪثر فالتو وقت شراب پيئڻ ۽ گراموفون وڄائڻ ۾ وڃائيندو هو. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته، شراب

سندس آب حيات بنجي ويو هو. اُتڻ شرط بوتل چپ تي رکندو هو. مگر، منهنجي عجب جي انتها نہ رهي، جڏهن مون ڏٺو تہ جڏهن بہ کنهن مهم ڏانهن هلڻ جو وقت هوندو هو تہ، ڏينهن جا ڏينهن هو شراب کي هٿ بہ ڪين لڳائيندو هو! مهم تي هلڻ وقت هو عام سپاهين وانگر، مليشا جي قميص- شلوار پائيندو هو ۽ پٽڪو بہ مليشا جو ئي ٻَڌندو هو. ڪاڏي ڪاٿڻ وقت هو ٻين سپاهين سان گڏ هيٺ ويهي راشن کائيندو هو.

22 تاريخ صبح جو پيغام پهتو تہ، مشهور غلام علي چانگ جي ٽولي ريگستان ۾ هٽيڪي ويٺل آهي. ڪمپني ڪلاڪ اندر تيار ٿي، مارچ شروع ڪيو. سڀ سامان ۽ جوان اُٺن تي چڙهيل هئا. ڪلاڪ کن اندر اسين ريگستان مان گذري رهيا هئاسون. سج لٿي مهل، ٽڪجي ٽٽجي، هڪ اهڙي هنڌ پهتاسون، جتي ساڄي پاسي ڪان ٻن فرلانگن جي فاصلي تي هڪ شاهي ڀٽ هئي، جنهن جي کاٻي پاسي ڪان واريءَ جو رڻ هو. هن هنڌ اسان، اُٺن جا پاڪڙا ۽ سامان ڇوڙاري رکي، ڪاهي ڪوٽي، ڪئمپ لڳائي ۽ پهرو مقرر ڪري، ماني کائي، آرام وٺڻ لڳاسين. ٻئي ڏينهن، سامهون ڀٽ جي مٿان حرن جو ٽولو نمودار ٿيو. انهن جو اڳواڻ دوربينيءَ سان اسان جو جائزو وٺي رهيو هو.

عين ان وقت ڀٽ جي پٺيان پنجاب ريجمينٽ اچي پهتي. جنهن جي جوانن ڀٽ کي جهنگل ۽ بيابان وري پاسي ڪان پريان مڪمل گهيرو وجهڻ شروع ڪيو، حر بلڪل گهيري ۾ اچي ويا هئا. ٿوري وقت ڪانپوءِ برگيڊيئر وٽان وائرليس رستي پيغام پهتو تہ حملي لاءِ تيار ٿي وڃو. معلوم ٿيو تہ، ڀٽ تي اٽڪل ڏيڍ سو حر موجود آهن ۽ ان جي لاهيءَ تي هڪ ڳوٺ تي قبضو ڪيو ويٺا آهن. فوج جو ڪل تعداد ان وقت اٽڪل ڏيڍ هزار کن هو. اٽڪل ڏهين بجي ڌاري، اسان کي پريان بندوقن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اسان جو آفيسر، اُٺ تي سوار ٿي، دوربينيءَ سان ڏسي رهيو هو. اوچتو، گرجدار آواز ۾، هن نانگ وانگر پيٽ ڀر سُرڪي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو. سپاهي پيٽ ڀر سُرڪندا اڳتي وڌڻ لڳا. هاڻي حرن جا دستا ڀٽ جي ڪنارن

وٺ نظر آيا. معلوم ٿيو ته پنجاب ريجمينٽ وارن جي شديد بندوقبازيءَ کان متاثر ٿي، هو پٽ جي چوٽيءَ تي چڙهي آيا هئا. اوچتو اسان ڏانهن گوليون اچڻ لڳيون. ڪجهه وقت کان پوءِ حرن جا دستا، پٽ تان هيٺ لهي، اسان ڏانهن اچڻ لڳا. ڪپتان پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏنو. سڀ جوان، هٽندي هٽندي، ڪيمپ اندر مورچن ۾ اچي ويٺا ۽ ايندڙ گولين جو حرن کي جواب ڏيڻ لڳا. هاڻي حر ٻن باهين جي وچ ۾ هئا. ۽ ورياسي پاسي کان جوڌ پور جي راجا جي امدادي فوج پريان اچي رهي هئي. حرن جلدي جلدي بيلچن سان واريءَ ۾ کڏيون کوٽيون ۽ ان ۾ Fox-holes ٺاهي ويهي بندوقون هڻڻ لڳا.

ان کانپوءِ ڪجهه وقت تائين گولين جو تبادلو ٿيندو رهيو. تان جو حرن جو بارود خلاص ٿي ويو ۽ ان وقت هنن جو تعداد باقي ويه وڃي بچيو. ان کان پوءِ سمورا حُر، سندن ڪمانڊر علي شير کان سواءِ، لٿيون، کهاڙيون ۽ بندوقون ابتيون هٿن ۾ جهلي اسان ڏانهن حملي آور ٿيا، مگر اسان تائين پهچڻ کان اڳ هو گولين جو شڪار بنجي ويا. هاڻي فقط علي شير چانگ وڃي رهيو. جنهن لاءِ رڳو ٻه رستا کليل هئا: پيش پوڻ يا مرڻ! هن وٽ اڃا ڪجهه گوليون هيون، سو بندوق هٿ ڪري سڌو اسان ڏانهن وڌيو. ڪپتان، نائڪ ڪريم بخش بلوچ کان سواءِ ٻين سپاهين کي گوليءَ هلائڻ کان منع ڪئي. نائڪ ڪريم بخش ۽ علي شير جي وچ ۾ دوبدو بندوقبازي شروع ٿي ويئي. جڏهن علي شير جو بارود ختم ٿي ويو ته، هو تلوار مياڻ مان ٻاهر ڪڍي "الله اڪبر!" جو نعرو هڻي، فوج ڏانهن ڊوڙندو آيو...... مگر جيستائين هو فوج جي ويجهو اچي، سندس سيني ۾ برابر 12 گوليون پيوست ٿي ويون. هو عليءَ جو شير اڃا به نه ڪريو ۽ برابر سينو تاڻي اڳتي وڌندو آيو. تان جو نائڪ ڪريم بخش پوري شست وٺي، تيرهين گولي سندس پيشانيءَ ۾ هنئي، جا هن جو مغز ڦاڙي پٺيان کپراتيءَ مان نڪري ويئي. آخر علي شير، "يا علي مدد" چئي، سنئون سڌو زمين تي ليٽي پيو ۽ شهادت جي درجي تي فائز ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني رحه

سنڌ جي هن سورهيه سردار جي شخصيت ۽ بلند ڪردار تي انگريزي حڪومت جي هڪ طرفي ۽ زوردار منظم پروپيگنڊا جيڪي پردا چاڙهيا، ان ڪي فقط وطن سان محبت رکندڙ نگاهون، چيري، حقيقت جو مشاهدو ڪري سگهن ٿيون. ان وقت انگريزي حڪومت جي اشاري تي هلندڙ ۽ سندن سرپرستيءَ ۾ سايي هيٺ نڪرندڙ اخبارن ڪي انگريز سرڪار جي هن مخالف مرد خلاف جيڪي ڪجهه لکڻو هو، سو لکيائون، جيڪي ڪجهه چوڻو هو سو چئي ڇڏيائون. ايتري قدر جو پوين لاءِ ان تي اضافي ڪرڻ جي گنجائش به خير ڪا ڇڏيائون. ٻئي طرف، سنڌ جي هن شير مرد جي سوانح بابت صحيح حالات ايترو روشن نه ٿيا آهن، جو سندس بلند ارادن، ڪوششن ۽ حڪمت عمليءَ جي پس منظر توڙي سندس همت، جرئت ۽ مردانگيءَ جو ڪماحقه قدر ڪري سگهجي ۽ البته خانداني پس منظر ۽ ماحول ۽ بعد جي خارجي حالات جي مطالعي جي بناءَ تي، سندن شخصيت ۽ ڪردار توڙي رٿيل پروگرام جو قدري اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اول ته سيد صبغت الله شاهه جڏهن 'پير پاڳاري' جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪئي، تڏهن شاهي تجمل ۽ طاقت، آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو جذبو ۽ انگريزن خلاف نفرت ڪيس ورثي ۾ مليا. پير پاڳاري جي خاندان ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو بنياد حضرت صبغت الله شاهه اول (وفات 1246هه) وڌو، جڏهن سنڌ مان هو صاحب سيد احمد شهيد جو ٻانهن ٻيلي ٿي پيو ۽ ڪيس رسد جو سامان توڙي مجاهدن جا دستا مدد طور ڏنائين. انهن مجاهدن کي ئي پهريائين "حُر" يعني

”آزاد“ سڏيو ويو. هن خاندان ۾ اهو آزاديءَ جو جذبو موروثي طور هلندو پئي آيو ۽ صبغت الله شاهه اول جي اولاد مان سندس نالي پويان سڏيل سيد صبغت الله شاهه ثانيءَ ۾ انهيءَ جذبي جو هئڻ بلڪل ممڪن هو.

سنڌ مان، پير پاڳاري جي خاندان طرفان، سيد احمد شهيد جي حمايت ۾ سنڌ مان حرن مجاهدن جي دستن جو جهاد لاءِ وڃڻ وارو واقعو (29_1930ع). ان وقت هندستان ۾ انگريزن جي اسرندڙ حڪومت کان ڳجهو ڪونه هو. انهيءَ ڪري، جڏهن تيرهن ورهيه ڪن پوءِ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو، تڏهن پير پاڳاري جي خاندان کي خاص طور اک ۾ رکيائون. انهيءَ ڪري ئي پير پاڳاري جناب حزب الله شاهه صاحب (1847_1890ع) جي وقت ۾ حرن توڙي عام جماعت جو رخ ڦري انگريزن جي خلاف ٿيو ۽ انگريزن خلاف اهو نفرت جو جذبو آخرڪار ٻي حُر تحريڪ (1896ع) ۾ نمايان ٿيو. انهيءَ واقعي بعد، پير پاڳاري ۽ جماعت جي خلاف انگريزي حڪومت منظم طور تي ڪارروايون شروع ڪيون: جماعت مان هر سگهي ۽ صحتمند نوجوان کي لوڙهن اندر بند ڪيو ويو ۽ هر ڇُرندڙ ۽ طاقتور فرد کي ويساريور ضلعي احمد نگر ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو.

اهو لوڙهن (Concentration Camps) جو سلسلو هلندو پئي آيو، تان جو شمس العماءِ شاهه مردان (عرف ڪوٽ_ ڏٽي) انگريزن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1914ع واري لڙائيءَ ۾ حڪومت آزمائش طور ڪائنن ماڻهو گهريا. پير صاحب جن پنج سؤ ماڻهو ڏيڻا ڪيا ۽ ٻي مالي مدد ڪئي، تڏهن وڃي لوڙهن جو خاتمو ٿيو. انهيءَ هوندي ٻه، انگريزن هن گاديءَ کي اک ۾ رکيو. ٻئي طرف، پير صاحب پاڳاري توڙي سندن جماعت ٻه انگريزن جي غيرمسلم ۽ ڏاريءَ حڪومت، جنهن مٿن ايتريون سختيون ڪيون هيون، تنهن کي نفرت جي نظر سان ٿي ڏٺو.

ٻيو ته سيد صبغت الله شاهه ٻارهن ورهين جي ننڍيءَ وهيءَ ۾

تخت ۽ طاقت جو صاحب ٿيو. سندن ولادت 13 صفر 1327ھ ۾ ٿي ۽ پنهنجي والد شمس العلماءِ جناب شاھ مردان شاھ جي وفات (7-ربيع الاول 1339ھ) بعد "پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪيائون. سندن ننڍي عمر هئڻ ڪري، هڪ طرف سندس ويجهن ۽ وڏن عزيزن کي اميد ٿي ته هيءُ ننڍڙو پير پاڳارو سندن صلاح سان اٿندو ويهندو ۽ انهيءَ ڪري سندن ذاتي اثر رسوخ ۾ پڻ واڌارو ٿيندو. ٻئي طرف انگريزي حڪومت جي هوشيار ڪارپردازن سوچيو ته هن ننڍي پير تي اثر وجهي سندس نشونما اهڙي نموني سان ڪجي، جيئن هو خانداني روايات کان منهن موڙي، انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي، ٽئين طرف دربار جي جهونن خدمتگارن ۽ جماعت جي ڪن وڏن خليفن کي آسرو ٿيو ته هو پير صاحب کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائيندا. مگر، ننڍي هوندي کان ئي سيد صبغت الله شاھ جي شخصيت ۾ خاص انفراديت هئي. هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو، جنهن کي خارجي ضابطن خلاف نفرت هئي. هو پنهنجو پاڻ سوچيندڙ هو، انهيءَ ڪري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڄاڻائين ۽ ٻين جي صلاحن کي جيئن جو تيئن مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ذاتي طور هو هڪ جرئتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ هو ۽ سندس شخصيت ۽ ڪردار جو روح خوداعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل هو.

ٻئي ڪنهن شخص جي حالت ۾ ننڍي وهيءَ ۾ انهن وصفن جو هجڻ باعث غنيمت بنجي ها، پر پير پاڳاري سيد صبغت الله شاھ لاءِ اهي خوبيون آزمائش جو سامان ڪٺي آيون. خدمتگار ۽ خليفا ڪٺي خاموش رهيا، پر ويجهن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي ڪارپردازن جون اميدون پوريون نه ٿيون. پير صاحب پنهنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن جي اشارن موجب هلڻ کان صاف انڪار ڪيو، انهيءَ ڪري اهي ٻئي هن ننڍي پير پاڳاري جا مخالف ۽ هڪ ٻئي جا دوست بنجي پيا.

پير پاڳاري ٿيڻ بعد سيد صبغت الله شاھ هڪ پيري سندن

چاچي مرحوم پير پاڳاري جناب علي گوهر شاهه ثاني جي نالي انگريزن طرفان مليل ڪو آفرين نامون گهر بنگلي جي پٽ تي ٽنگيل ڏٺو. چيائون ته، ”اسان جا وڏا ڪهڙا نه سادا هئا، الله تعاليٰ سندن عزت ايترو بلند ڪئي، پر تنهن هوندي به هي رکي ڇڏيا اٿن!“ اهو چئي، اُهو آفرين نامو ۽ فريم لهرائي ڀڃائي ڇڏيائون. انگريزي حڪومت کي هن ننڍي پير پاڳاري جي لاغرض طبيعت خدشي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ هنن ڪيس ننڍيءَ وهيءَ ۾ انگريزي حڪومت جي طاقت جو چٽڪو چکائي آڻ مڃائڻ جا سامان پيدا ڪيا. بدقسمتيءَ سان حڪومت کي پير صاحب جن جي پنهنجن عزيزن مان فريادي ۽ شاهد ملي ويا ۽ ننڍين ڳالهين کي وڏو ڪري، تيليءَ مان ٿنڀ بنائي، پير صاحب جن تي سکر ۾ ڪيس هلايو ويو. پير صاحب جن جي طرفان ”جناح“ صاحب وڪالت ڪئي.

چون ٿا ته جناح صاحب کي راز طور ٻڌايو ويو ته حڪومت هر حالت ۾ پير صاحب کي نه ڇڏيندي، انهيءَ ڪري هو سندس وڪالت نه ڪري، پر جناح صاحب نه مڙيو: ڪورٽ ۾ آيو، مگر جج طرفان ٿيندڙ زيادتين تي احتجاج ڪري هليو ويو، حڪومت پير صاحب کي ڏهن سالن جي سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر اُماڻيو.

وطن کان دور انهيءَ وڏي عرصي ۾، پير صاحب جن پنهنجن وڏن جي تعليمات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. رتنا گري جيل ۾ سندن جدامجد عالي جناب محمد راشد روضي ڌڻي رحه جي ملفوظات جو خاص طرح گهرو مطالعو ڪيائون، ازان سواءِ ٻيا فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتاب ڪافي پڙهيائون ۽ انهن ڪتابن مان پنهنجا انتخابات تاليف ڪيائون (ڏسو ضميمو). جڏهن رتنا گري جيل مان کين مدناپور مرڪزي جيل ڏانهن منتقل ڪيو ويو، تڏهن اُتي پڻ پنهنجو مطالعو جاري رکيائون. انهيءَ عرصي ۾ هندستان جي سياست کي پڻ پوريءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ غالباً انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ واري حڪمت عمليءَ تي پڻ انهيءَ عرصي ۾ غور ڪيائون. اتي مختلف جماعتن جي سياسي ورڪرن

سان پڻ سندن تبادلہ خيالات ٿيندا رهيا.

پير صاحب جن جي آزاد ٿيڻ ۾ اجا ڏيڍ سال کن هو تہ پويان حڪومت طرفان جماعت جي خيالات ۽ رجحانات معلوم ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي ويئي. هرهڪ ٿاڻي جي حد اندر رهندڙ مريدن کي گهرايو ويو ۽ بالغن جوانن کان وٺي پير مردن تائين سيني جا نالا لکيا ويا. ان بعد سيني کي ضلع جي ايس- پي ۽ ڪليڪٽر جي اڳيان پيش ڪيو ويو. غالباً حڪومت طرفان اها هڪ قسم جي پيش قدمي هئي، ڇاڪاڻ تہ پير صاحب جن جي انقلابي رجحانات جو حڪومت کي پتو پئجي ويو هو ۽ کين خدشو هو تہ پير صاحب جن واپس پهچي نہ معلوم ڪهڙو رويو اختيار ڪري، انهيءَ ڪري پير صاحب سان جماعت جي عقيدتمنديءَ کي پرکڻ ۽ پير صاحب جي طاقت کي ڪٽڻ لاءِ خاص اهي قدم کنيا ويا.

سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد پير صاحب پهريائين پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف توجہ ڪيو. پهريائين حڪم ڪيائون تہ، "اسان جا مريد هر قسم جي نشي کان پرهيز ڪن." انهيءَ تي بيڙين ۽ چلمن جي موالين تماڪ پيئڻ ڇڏي ڏنو ۽ پنجاهہ سٺ ورهين جي ڪن موالين ڪوندا ڀڃي ڇڏيا ۽ ڏندا ساڙي ڇڏيا. نفسياتي طور جماعت تي هن حڪم جو وڏو اثر پيو. ان بعد حڪم آيو تہ، "عورتون عاج جا چوڙا نہ پائين." جماعت جي سيني عورتن چوڙا ڀڃي ڇڏيا. پير صاحبن جن صرف اهي حڪم ڪين ڏنا، پر پاڻ پنهنجي سر جانچ ڪيائون تہ ڪيتري قدر انهن جي پوئواري ڪئي وڃي ٿي.

سانگهڙ جي ڀرسان گڙنگ لڳ سندن واسطي جماعت هڪ بنگلو ٺهرايو هو، جتي پاڻ مريدن جون دعوتون وٺندا هئا. هن گڙنگ واري بنگلي کي پير صاحب جن پنهنجي نئينءَ تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ جڻ مرڪز مقرر ڪيو. بنگلي جي چوڌاري مردن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. رات جو پير صاحب جن پوشاڪ بدلائي، ڪُٽا اوڍي، جماعت جي ويس ۾ فقير بنجي وڃي جماعت ۾ گهمندا هئا.

جيڪي ماڻهو لڪچوريءَ ٻيڙي پيا پيئندا هئا، انهن جون جايون ۽ ٻناريون جانچي صبح جو گهرائي، انهن کي پوري طرح تنبيهه ڪندا هئا. انهيءَ پڪڙ پڇاڙ جو وڏو اثر پيو ۽ سڄيءَ جماعت ۾ غائبانه طور حڪم مڃڻ جو مادو پيدا ٿيو. ان بعد حڪم ڏنائون ته ”جماعت جو ڪوبه ماڻهو ولائتي ڪپڙو نه پائي ۽ پنهنجي ملڪ جو اٽيل ڪپڙو پائي.“ ۽ ٻيو ته، ”ڳوٺن ۾ مسلمان توڙي هندو پاڻ ۾ متفق ٿي رهن ۽ ڪوبه فساد ٿيڻ نه ڏنو وڃي.“ انهن حڪمن مان ظاهر آهي ته پير صاحب جن جي ذهن ۾ پبلڪ طرفان هن ڌاري حڪومت خلاف هڪ متحده محاذ قائم ڪرڻ جا خيال هئا.

انگريزن جي بيدار مغز حڪومت کي اگ ئي اون هئي، مگر ولائتي ڪپڙي پائڻ خلاف نڪتل حڪمن بعد حڪومت جي سڄي مشنري تحرڪ ۾ اچي ويئي ۽ پير صاحب جي جماعت تي چوڪيءَ جا حڪم نڪري ويا. انهيءَ دور ۾ پير صاحب جن طرفان حڪم پهتو ته، ”جماعت جا اهي ماڻهو، جي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين، سي پهنجا ٿالا لڪائين.“ جماعت جي اڳواڻ فقيرن کي حڪم مليو، جن پنهنجي حدن اندر ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي غازين جا نالا لکيا ۽ اهڙيون لسٽون تيار ڪري پيش ڪيائون.

پير صاحب جن کي فقط نالن جي ضرورت ڪانه هئي، پر ڪين هرهڪ ماڻهوءَ کي نظر مان ڪڍڻو هو ته ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي؟ گڙنگ واري بنگلي تي پير صاحب جن جدا جدا وقتن ۽ موقعن تي انهن غازين جو معائنو ڪيو. پاڻ ڪرسي وجهي ويهندا هئا، پوءِ مختلف طرفن جا غازي، اٽڪل پندرهن کان وٺي ٽيهن تائين ٽولا ٽولا ڪري، اندر گهرائيندا هئا. حڪم هوندو هو ته، اندر اچن ته قطار ڪري بيهن، پوءِ جڏهن قطار ڪري بيهندا هئا ته پير صاحب جن ڪائنن پڇندا هئا ته، ”اوهان سڀ غازي ٿيا آهيو؟“ فقير چوندا هئا ته ”هائو قبلا!“ جواب ۾ پاڻ چوندا هئا ته، ”فقيرؤ! اوهان کي مبارڪ هجي جو اوهان غازي ٿيا آهيو، اوهان تي صد رحمت هجي، انشاءَ الله پاڻ پار آهيون، اسان مان جيڪي هوندا، سي رنگ ڏسندا.“

البتہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص ڪي ذرا سُست ۽ لُڏيل ڏسندا هئا تہ ان ڪي همتائيندا هئا. ڪي ٽولا اندر وچڻ وقت ئي نعرا هڻندا، جماعتي راڳ ڪندا ويندا هئا. انهن موقعن لاءِ جماعت طرفان هڪ ڪافي رائج ٿي تہ:

"سورهيہ سر جو سانگو لاهي،
آيا مرد ميدان تي ڪاهي،
سِر ڏنو سون مرشد ڪي،
پوءِ عيد اسان لئہ آهي."

اڪثر ٽولا اها ڪافي چوندا، پير صاحب جن جي اڳو وچي بيهندا هئا. پير صاحب جن جي طرفان، ظاهري طرح "غازي" بنجڻ ۽ سِر ڏيڻ جو مقصد بيان ٿيل ڪونہ هو، پر "غازي" جي لقب خودبخود فقيرن ۾ اهو خيال پيدا ڪيو تہ، "غازي" بنجي سِر قربان ڪرڻو آهي.

پير صاحب جن انگريزن جي تسلط کان پوريءَ طرح آگاهہ هئا. پاڻ اندروني طور جماعت جي اصلاح ڪندا رهيا ۽ ڪين قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪندا رهيا. ان وقت مسجد منزل گاهہ وارو معاملو شروع ٿي چڪو هو ۽ هندن ۽ مسلمانن جي ڇڪتاڻ وڌي ويئي هئي. پير صاحب جن ان وقت غازين کي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنا، ۽ انهيءَ طرح حڪومت طرفان غازين جي پرتيءَ جي آڙ ۾ جيڪي الزام گهڙجي رهيا هئا، تن کي رد ڪيو ويو. انهيءَ عرصي ۾ خود پير صاحب جن جي ڳوٺ جي هندن تي حملي لاءِ تياريون ڪرايون ويون. پس پرده مقصد اهو هو تہ، جيڪڏهن خود پير صاحب جن جي ڳوٺ جي هندن کي ماريو ويو تہ، امن رکڻ خاطر غازين جي پرتيءَ وارو بهانو ٽُٽي پوندو. جنهن رات اها سازش عمل ۾ اچڻي هئي، انهيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ پير صاحب جن کي سانگهڙ ۾ بنگلي تي اطلاع پهتو ۽ اتان فوري حڪم نڪتا، جنهن تي پير صاحب جن جي ڳوٺ ۾ غازين پنهنجي طاقت

جو اهڙو ته مظاهرو ڪيو، جو حملي آور حملي جي همت ئي نه ڪري سگهيا. ٻئي ڏينهن شهر جا هندو وفد ڪري، سکر جي ڪليڪٽر وٽ پهتا ته پير صاحب جن جي غازين رات اسان جي جان بچائي آهي، اهڙيون تارون متي حڪومت کي به پهتيون. انهيءَ طرح "غازين جي وجود کي حڪومت طرفان "خطرناڪ" ثابت ڪرڻ جي جيڪا اسڪيم هئي، سا في الحال ناڪام ٿي.

حڪومت طرفان هاڻي ڪا ٻي حڪمت عملي سوچي ويئي. هن واقعي کان ٿورو پوءِ، سکر جي ڪليڪٽر طرفان پير صاحب جن کي ملاقات لاءِ پيغام پهتو. پير صاحب جن خليفي احمد کي موڪليو ته وڃي ڪليڪٽر سان ملي. سکر جو ڪليڪٽر ڪوٽاوالا هو، جنهن سان خليفو احمد وڃي مليو ۽ گجراتيءَ ۾ ساڻس ڳالهيائين.

ڪليڪٽر پارسي هو ۽ گجراتي سندس مادري زبان هئي. هو خليفي احمد سان نهايت سهڻو پيش آيو ۽ کيس چيائين ته، "پير صاحب جن کي هڪ خاص پيغام ڏيڻو آهي ته، امن قائم ڪرڻ ۾ پاڻ جيڪو ڪم ڪيو اٿن، ان کان خوش ٿي سرڪار سندن لاءِ هڪ تلوار ۽ هڪ بندوق انعام طور مقرر ڪئي آهي. ۽ پڻ سندن واسطي خطاب جي سفارش منظور ڪئي آهي اميد ته، پير صاحب جن هي انعام قبول ڪندا." خليفي احمد سڄو احوال اچي پيش ڪيو. پيرصاحب جن چيو ته، "ڪليڪٽر جو اسان جي طرفان شڪريو وڃي ادا ڪر ۽ کيس چئو ته، هٿيار اسان وٽ موجود آهن ۽ "پير پاڳاري" جو خانداني خطاب ئي اسان لاءِ ڪافي آهي." خليفي احمد موٽي اچي ڪليڪٽر سان خبر ڪئي، جنهن تي ڪليڪٽر چيو ته، "پير صاحب جن وڏي غلطي ٿا ڪن- گورنمينٽ سندن انڪار کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندي!"

بس، گورنمينٽ طرفان پير صاحب جن جي خيالات ۽ رجحانات جي هيءَ آخري آزمائش هئي. هن بعد حڪومت کي يقين ٿيو ته پير صاحب تي گورنمينٽ سان وفادار ٿي رهڻ بابت ڪو به

پروسو نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ عرصي ۾ حڪومت طرفان، پوليس آفيسرن معرفت، پير صاحب جن جي مڙني برجستن مريدن خلاف ڪاغذي ڪارروايون مڪمل ٿي چڪيون هيون. پير صاحب جن هينئر سانگهڙ لڳ گڙنگ واري بنگلي کي اڇي مرڪز بنايو ۽ سڄا ڇهه مهينا اتي رهڻ جو پروگرام رکيائون. انهيءَ لاءِ ته هن ڏاري حڪومت جي زبردستيءَ کي منهن ڏجي. پاڻ خاص برجستن ماڻهن کي سپاهيانه زندگيءَ جي تربيت ڏنائون ۽ پوريءَ طرح آزمايائون. انگريزن خلاف سڄي جماعت ۾ عام طرح ۽ غازين ۽ ٻين چوندڊ اڳواڻن ۾ خاص طرح، هڪ نئون جذبو پيدا ٿي چڪو هو.

چئي نٿو سگهجي ته ان وقت پير صاحب جن طرفان انگريزن جي سلسلي ۾ ڪهڙي حڪمت عملي پيش نظر هئي. جيتوڻيڪ عام طرح اها ڳالهه مشهور ٿي چُڪي هئي ته پير صاحب جن پنهنجي مريدن کي بندوق ۽ رائفلن جي ٽريننگ ڏيئي انگريزن خلاف سنئين سڌي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ڪيو، مگر انهيءَ قسم جي راءِ جي ڪابه تصديق ٿي نٿي سگهي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته پير صاحب جن سڄيءَ جماعت توڙي غازين کي بيدار پئي ڪيو ۽ ڪن خاص چوندڊ فقيرن کي سندن حال آهر پوريءَ طرح ٽريننگ ڏيئي تيار پئي ڪيو، مگر اهو چئي نٿو سگهجي ته اها تياري ڪنهن فوري مقابلي لاءِ هئي. پير صاحب جن جي پيش نظر البته جماعت بنديءَ، اتحاد ۽ طاقت پيدا ڪرڻ جا فوري نظريا هئا. انهيءَ لاءِ ته آئيندي واري جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪجي. ٻئي طرف، انگريز حڪومت پير صاحب جن کي ذهني طور پنهنجو باغي تسليم ڪري، ڪنهن به صورت ۾ فوري ٽڪر جي صورت پيدا ڪري، پير صاحب جن کي گرفت هيٺ آڻڻ ٿي چاهيو. انهيءَ اسڪيم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا:

(1) هر قسم جي ڏوهه کي بنا جانچ جونچ جي حُرن ڏانهن منسوب ڪري، خاص خاص برجستن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ تاهيا ويا.

(2) ننڍن وڏن حرن لاءِ حد جي پوليس ٿاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون. ڪن تي هفتي جي بدران هر ٽئين روز، ٻئي روز، بلڪ روزانہ حاضريون مقرر ڪيون ويون.

(3) پير صاحب جن جي گڙنگ واري بنگلي تي چوڪسي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو تہ، من انهن تي حملو ٿئي تہ پير صاحب خلاف ڪارروائي ڪري سگهجي. پير صاحب جنن انهن ٺهي قدمن خلاف احتجاج ڪيو. خاص طرح، گورنمينٽ جو توجہ روزانہ حاضرين ڏانهن ڇڪايو تہ جيڪي ماڻهو روزانہ اٺن ڏهن ميلن جي مفاصلي تان پيدل هلي اچي ٿاڻن تي حاضريون ڏيندا، سي پنهنجن ٻارن ٻچن لاءِ ڪهڙي وقت پورهيو ڪري سگهندا. فقط ”حر“ جي نالي ڪان متنفر ٿي، غريبن ۽ اشرافن کي هر قسم جي روزاني تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ انصاف ناهي!“ باوجود ان احتجاج جي، حڪومت ويتر سختيءَ ڪان ڪم ورتو. انهيءَ تي پير صاحب جن حاضري ڏيندڙ ماڻهن مان ڊزن ڪن برجستن ماڻهن کي گهرايو ۽ کين چيو تہ، ”فقيرو! هاڻي اڳتي لاءِ اوهين حاضري نہ ڏيو!“

ڪن چو چوڻ آهي تہ، انهيءَ حڪم جو اهو مطلب هو تہ، ”اوهين حاضري ڏيڻ کان انڪار ڪريو ۽ پنهنجن ڳوٺن ۽ گهرن ۾ پنهنجو ڪم ڪار ويٺا ڪريو، پوءِ حڪومت اوهان کي گرفتار ڪري. آخرڪار ڪيترن کي گرفتار ڪري پوري پوندي!“ ٻين جو چوڻ آهي تہ پير صاحب جن حڪومت جي ضد ۽ ناانصافيءَ کان تنگ ٿي، انهن چوند ماڻهن کي چيو تہ، ”اوهين روپوش ٿي وڃو ۽ حاضريءَ لاءِ ٿاڻن تي هرگز حاضر نہ ٿيو، ڏسو تہ گورنمينٽ ڇا ٿي ڪري؟“ بهرحال، پير صاحب جن کي يقيني طور هڪ قسم جي ”سول نافرماني“ مدنظر هئي، اهي چوند فقير انهيءَ حڪم موجب حاضرين تي ڪونہ ويا ۽ پنهنجي گروهہ جي مصلحت موجب روپوش ٿي ويا. جڏهن حڪومت طرفان پير صاحب تي زور پيو تہ، پير صاحب چيو تہ، سرڪار انهن ماڻهن کي ڳولي هٿ ڪري. ٻئي

طرف، چونڊ سرڪاري ڪامورا هن سچي معاملي سان وابستہ ڪيا ويا، جن انتظامي تدبر ڪان ڪم ونڻ بدران، مليل هدايتن موجب، ويتر هن باهہ کي ڀڙڪايو ۽ پير صاحب ۽ فقيرن خلاف هر قسم جون رپورٽون حڪومت کي موڪليندا رهيا. پير صاحب جن کي بہ انهن ڪامورن جي غيرمنصفانہ بلڪ معاندانہ روش بابت سڀڪجهہ معلوم هو، انهيءَ ڪري جڏهن بہ اهي پاڻ يا سندن نائب، پير صاحب جن کي ملڻ ٿي آيا تہ پير صاحب جن ڪين انهيءَ نقط نگاهہ ڪان ٿي ڏٺو. پير صاحب جن کي ڪن مريدن ۽ ٻين خيرخواهن طرفان مشورا ڏنا ويا تہ، انهن ڪامورن کي خوش ڪجي، مگر پاڻ چيائون تہ، رشوت اسان جي مذهب ۾ حرام آهي.

بهرحال، هيئان موڪليل رپورٽن جي بناءَ تي، پير صاحب جن کي گڙنگ بنگلي تان نظربنديءَ جي حالت ۾ ڪراچيءَ ونيو ويو، جتي ڪين وڏي وزير چيو تہ، "اوهان کي حفاظتي قانون موجب هتي رهڻو آهي ۽ ٻاهر نہ وڃڻو آهي." پير صاحب جن چيو تہ، "جيڪڏهن اسان جو ڪو قصور هجي تہ سرڪار اسان تي مقدمو هلائي يا هت ڪراچيءَ ۾ رهڻ بابت تحريري حڪم ڏئي تہ اسين انهيءَ پابنديءَ خلاف قدم ڪڻون." مگر انهيءَ جو ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. انهيءَ تي پير صاحب جن آخري طور وڏي وزير (سر غلام حسين) کي چيو تہ، "هيءَ بندش بيقاعدي آهي ۽ هت اسين وڌيڪ نہ رهنداسون. اوهان کي جيڪي ڪرڻو هجي سو ڪندا." ائين چئي پير صاحب جن راتو رات موٽر ذريعي ڪراچي مان گڙنگ جي بنگلي تي پهتا، ڪين يقين ٿي ويو تہ حڪومت بهرحال سندن ذات جي خلاف ڪارروائي ڪندي. انهيءَ ڪري فقيرن کي حڪم ڏئي ڇڏيائون تہ، جي معاملو وڌي وڃي تہ ڏنل هدايتن موجب پوري نظام هيٺ جدوجهد جاري رکن. اتان درگاهہ شريف تي پهتا ۽ جيڪي کي مختصر حڪم احڪام ڏيڻا هئا سي ڏنائون. ٻئي ڏينهن سندن نظربندي عمل ۾ آئي ۽ ڪين ڪراچيءَ پهچايو ويو.

ان بعد حڪومت طرفان پير صاحب جن جي خلاف بغاوت

جي مقدمي لاءِ مواد گڏ ڪيو ويو. ٻئي طرف، سرويچ حُرن ڪارروايون شروع ڪيون. حڪومت طرفان حرن جي همت ڪي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پير صاحب جن جي گڙنگ واري بنگلي کي گهيرو ڪرائي، سندن ڪٽنب کي نظربند ڪيو ويو ۽ ٻاهران سڀ لانديون ساڙيون ويون. ان بنگلي تي بمباري ڪئي وئي ۽ درگاهه شريف تي پير صاحب جن جي حويلين ۽ ڪوٽ کي بارود ذريعي ڪيرايو ويو، پر اُهي ڪارروايون حرن جي همت کي پست نه ڪري سگهيون ۽ هنن مردن "مارشل لا" کي مُڙس ٿي منهن ڏنو. ان وقت سر زمين سنڌ جي هنن سورهين جيڪي پوليس ۽ ملٽريءَ سان مقابلا ڪيا، انهن ۾ سندن حڪمت عملي ۽ بهادريءَ تي هڪ جدا مضمون لکڻ جي ضرورت آهي. انهن مقابلن ۾ زالن به پنهنجن مردن جو ساٿ ڏنو ۽ ڪن زالن جي همٿ ۽ بهادريءَ جا ڪارناما حيرت انگيز آهن.

مطلب ته پير صاحب جن جي ڏنل تربيت انهيءَ حد تائين موثر ثابت ٿي، جو اڳواڻ (پير صاحب) جي غيرحاضريءَ جي باوجود سپاهين (حرن) پنهنجي نظم ۽ انتظام هيٺ جنگ جاري رکي. مقابلن ۾ وڏا مارجي ويا ته نندين جايون پريون. انهيءَ دؤر ۾ ڪيترائي ملڪي ماڻهو، انگريزي حڪومت جي زور ۽ اثر هيٺ، جاسوس بنجي فقيرن جي پويان پيا. فقيرن جوابي حملا ڪري بدلو پئي ورتو. انهيءَ جنگ ۾ بيشڪ سُڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويا. هڪ طرف ملڪ جا ڪي غريب ماڻهو بيگناهه مارجي ويا ته، ٻئي طرف "مارشل لا" جي آڙ ۾ ملٽريءَ وارن قهر ڪري ڇڏيا. نه فقط حرن، پر پير صاحب جي عام مريدن توڙي سندن تعلقدارن کي ٻارين ٻچين گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪين نهايت بيدرديءَ سان جيل ۽ ڪئمپن ۾ بند ڪيو ويو، جتي سوين ٻارڙا، زالون ۽ ٻيڙا، بک ۽ بيماريءَ وگهي مري ويا!

حيدرآباد جيل ۾ انگريزن پنهنجن جاسوسن کي برقعا پارائي "حرن جي سڃاڻپ" لاءِ ٿي موڪليو ۽ انهن برقعي پوشن فقط پنهنجي آقائن اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ نوجوانن تي هٿ ٿي رکيا ۽ انهن نوجوانن کي محض انهيءَ "سڃاڻپ" جي بنياد تي ڦاسيءَ تي لٽڪايو

ٿي ويو! چون ٿا ته، هڪ دفعي هڪ اهڙي برقعي واري، هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي هٿ رکيو جو "مارشلا لا" کان اڳ جو قيدي هو. تنهن جڏهن دانهون ڪيون، تڏهن وڃي "برقعي پوشن" جو قلعي کُلي.

بهرحال، انهيءَ هيبتناڪ ماحول ۾، سنڌ جي ڪن وڏيرن ۽ زميندارن ڳان زبانيون ڏياري، پير صاحب جن تي جان جي سزا مقرر ڪئي وئي. چون ٿا ته، پير صاحب جن دستور موجب هميشه شب خيز هوندا هئا. هڪ انگريز آفيسر اچي ساڻن شطرنج راند ڪندو هو ۽ پاڻ ان کان سپ رانديون کٽيندا هئا. حياتيءَ جي آخري رات به انهيءَ آفيسر پير صاحب جن سان راند ڪئي ته، من پير صاحب جن کي پنهنجي جان جو فڪر هجي ۽ انهيءَ ڪري ڪانئن راند کٽي سگهي. پير صاحب دستور موجب ڪانئس وري به رانديون کٽيون ۽ اها آخري رات پاڻ نهايت گهري ننڊ ڪيائون.

ان وقت سنڌ ۾ مارشل لا ۽ آفيسرن جي رعب تاب ذريعي اهڙو ته هيبتناڪ ماحول پيدا ڪيو ويو، جو پير صاحب جن جي حمايت ۾ ڪن ٿورن کي حق جي ڪلمي چوڻ جي توفيق ٿي. ان وقت مسلم ليگ پوري طاقت ۾ هئي. جڏهن عليگڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان ڪي شاگرد ان وقت وفد وٺي دهليءَ ۾ مرحوم لياقت علي خان کي وڃي مليا، تڏهن هن چيو: "اسان کي پير پاڳاري لاءِ پوري همدردي آهي، پر سنڌ جي مسلم ليگي ليڊرن ۾ جرئت ڪانهي جو پير صاحب جي حمايت ۾ ڪو هٿ ڊگهيرن ۽ اسان کي مدخلت جو موقعو ڏين." بهرحال، پير صاحب جن 1943ع ۾، اٺين بجي، ويهين مارچ تي، سر ڏئي سرها ٿيا.

چون ٿا ته، مقدمي وقت حڪومت طرفان ڪن ماڻهن کي پير صاحب جن ڏانهن موڪليو ويو ته، جيڪڏهن پير صاحب معافي وٺي ته حڪومت سندن "معافيءَ" تي غور ڪندي. پير صاحب جن چيو ته، "معافي هڪ الله ۽ الله جي رسول(ﷺ) کان وٺبي، نصاري کان ڪهڙي معافي وٺبي!" جڏهن شروع ۾ پير صاحب فقيرن کي تربيت پئي ڏني، تڏهن ڪنهن هڪ فقير چيو ته، "قبلا! انگريزن کي

تڙي ڪڍڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيو؟" انهيءَ تي پير صاحب جن چيو ته، "انشاءَ الله، اسان ۽ توهان مان جيڪي هوندا سي پاڻهي رنگ ڏسندا!" بهرحال پير صاحب جن 1943ع ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏني ۽ 1947ع ۾ انگريزن ٽپڙ ٻَڌا.

پير صاحب جن جي ذاتي زندگيءَ بابت هيٺيون مختصر حقيقتون معلوم ٿي سگهيون اهن:

(1) بسا اوقات پنهنجي ماني پاڻ پچائيندا هئا.

(2) صبح جو وڏي اسُر اٿي ورزش ڪندا هئا ۽ ان بعد نماز ادا ڪندا هئا.

(3) اڪثر موقعن تي پاڻ فقيرن سان گڏجي بيهي ڪم ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪيٽيءَ ۾ لانڍين کي لوڙهو پئي آيو ته پاڻ به اچي پُور ڪٽي لوڙهو ڏيڻ لڳا. هڪ دفعي فقيرن ڪٽڪ جون ٻوٽيون ڪٽي مٿي گودام تي ٿي رکيون ته پاڻ به اچي ڪم ۾ شامل ٿيا ۽ ٻوٽين کي ڪُنڊن ۾ مضبوط هٿ وجهي يڪي اچل سان مٿي سٽيءَ تي پئي چاڙهيائون.

(4) جيڪڏهن سندن کو فقير نقد آني نذر طور ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته، "قبلا، قبول پوي." ته پاڻ چوندا هئا، "قبول!" پر جيڪڏهن ڪو لک صلوات جو اچي پيش ڪندو هو ته چوندا هئا ته، "قبول، آفرين هجيئي!" ائين چئي مٿس دعا گهرندا هئا.

(5) سندن دستور هو ته پئسي جو نذرانو هٿ ۾ نه وٺندا هئا، پر جيڪڏهن کو فقير ورِهَ (ڪپڙ جون پاڙون) جا ڏندڻ آڻي نذراني طور پيش ڪندو هو ته هٿ ڊگهيري ڪانئس وٺندا هئا.

(6) هڪ دفعي سينارجن کان اوپر ميرواهه تعلقي ۾ "تلي" جي دعوت تي هڪ مائي چٽن جي پلي چبيءَ ۾ وجهي تحفي طور کٽي آئي. پير صاحب جن چيس ته، "امان! اها سٽي رڌي به تون سگهنديئنءَ، جوئر جون مانيون ۽ اهو ساڳ رڌي کٽي اچ، جماعت دعوتيءَ جي دعوت کائيندي، مان تنهنجي دعوت کائيندس."

(7) سانگهڙ لڳ گرُنگ واري بنگلي تي هڪ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪانئن

پڇيو ته، ”پلا ڪهڙي سبب کان گورنمينٽ ۽ گورنمينٽ جي ڪامورن جي عزت ننڍا ڪريو؟“ پير صاحب جن جواب ڏنو ته: ”عام هلت چلت ۽ اطوار ڏسڻ بعد جڏهن اوهان جي عزت ڪرڻ جو رڳو خيال اچي ٿو ته، مون کي پنهنجي نسل ۾ شڪ ٿو پوي ته اءٌ ڪو ”حسيني“ آهيان!“

سندن علمي ۽ ذهني رجحانات تي هيٺ ڏنل ضميمي مان روشني پوي ٿي:

## ضميمو:

[نوٽ: رتنا گري جيل ۾ پير صاحب هڪ بياض ۾ سلوڪ جي مختلف نڪتن کي منتخب ڪري قلمبند ڪيو. هن بياض جي پهرين صفحي تي انگريزيءَ ۾ هن طرح نوٽ آهي:

Certified that this Book contains 100 pages
(?) Ellis
Superintendent R-Prison
16-4-31

ان بعد پير صاحب جن جي هٿ اکرين نوٽ: ”هي ڪتاب اسانکي رتناگريءَ جي جيل ۾ مليو. تاريخ 12- ربيع الاول 1350ھ جي، مطابق 28- جولاءِ 1931ع جي.“

هن بياض مان انتخاب ڪيل مواد مان خود حضرت پير صاحب جن جي مطالعي، ذوق توڙي بلند اخلاق تي روشني پوي ٿي. سنڌي نثر ۾ پير صاحب جن جي عبارت به ڪن جاين تي نهايت مؤثر ۽ دلپذير آهي. هيٺ هن بياض مان، جو خود پير صاحب جن جي هٿ جو لکيل آهي، ڪي اقتباسات ڏنا وڃن ٿا:

بسم الله الرحمان الرحيم

”هن ڪتاب ۾ اسان نصيحت جهڙيون ڳالهيون لکنداسي، خاص خلق جي هدايت لاءِ ته. بچڻ ڪمن کان بيزار ٿين، خدا پاڪ کي ياد ڪن ۽ چيل نڪتا معرفت جا ڏنهن اسان

جي ٻڌي، ان تي عمل ڪن ته، ٻنهي جهانن جي تڪليف کان
ڇٽن ۽ فيض باطني هٿ ڪن ۽ ڏنهن حڪم خداي پاڪ ۽
رسول(ﷺ) جي منهن نه موڙن."

**بيت فارسي:**

"گردن از حڪم خدايت بر مه تاب
تا نماني روزِ محشر در عذاب."

**[حڪايت پهرين]:**

"هر جيڪو مريد، ساڻ سچي ارادي جي مرشد ٿو وٺي ۽ امر (حڪم) مرشد پنهنجي جو بجا نٿو آڻي، اُهو مريد ڏنهن فيض حقيقيءَ جي نااُميد رهندو. مريد کي جڳائي ته ڪو نُڪتو معرفت جو ڏنهن پير جي ٻُڌي، ان کي منجهه ورقن دل جي لکي ۽ عمل ڪري، انشاءَ الله تعاليٰ ڏنهن برڪت مرشد جي فيض وارو ٿيندو. اي يار منهنجا! هي جيڪي اسين چئون ٿا، اهو حق آهي ۽ اوهان ۽ حق ڄاڻو."

**بيت فارسي:**

"هر نقط از شگفته باغي، افروخته تر ز شب چراغي،
لفظش چو طراوت جواني، معنيٰ چو آب زندگاني."

**[حڪايت ٻي]:**

"اسان هي ڪتاب ناياب ان لاءِ لکيو آهي ته، طالب خدا جا مطالع ڪن ۽ سير ڪن باغي حقيقت جي جو ۽ سُنگهن گُل معرفت جو، چاڪاڻ جو مغز ماڻهن جو ڏنهن زڪام بي ايرادي جي بيمار آهي، سو ڏنهن بوءِ گل معرفت جي مغز ۽ روح طالب جو سرهو ٿئي ۽ دل خوشحال ٿئي، جيئن جو فارسيءَ واري چيو آهي:

"چنين گفت مردِ سخندان بمن،
ڪ اي باغبانِ رياضِ سخن،
درين روضۀ پاڪ مي نوشان،
درختِ معاني به نوع نشان،

ڪہ هر ڪو خورد ميوه زين درخت،
نشانند را گويد اي نيڪ بخت."

"اي عزيز، علم جو مثال درخت ميوه دار جي آهي، پوءِ هر جيڪو هو درخت پوکيندو، اهو عجيب حڪمت جا ميوا کائيندو. اسان اوهان مريدن لاءِ هي ڪتاب مثال درخت جي پوکيو آهي: اوهان اسان جي حڪم تي عمل ڪري، هن درخت جا ميوا کائو."

[حڪايت ٽين]:

"هزار نڪتہءِ باريڪ تر از موتي اينجا ست،
نہ هر ڪہ سر بتراشد قلندري داند."

"اي دوستو! اهو نڪتو جو اسان چيو آهي، ان کي سچو ڄاڻو، ڇالاءِ جو ڏنهن هر حرف جي، سئو معنائون غيبي آهن ۽ ڏنهن هڪ هڪ ڪلمي جي، هزار هزار لطيفا لاريبي آهن: ڏنهن هر عبارت جي فيض عام ۽ ذوق تمام، ۽ ڏنهن هر معنيٰ جي مفهومات بلانهايات آهي. ۽ ڏنهن هر ادراڪ جي مقامات بسيار ۽ ڏنهن هر حالت جي اهڙو ذوق، جو ان کي تارازي بيان جي نہ توري، يعني ڪوبہ ان جو بيان ڪري نہ سگهي. هتي هي بيان ختم ٿيو."

[حڪايت چوٿين]:

"هاڻي هتي اسان بيت فارسي شروع ٿا ڪريون، هي بيت گهڻن ڪتابن مون چونڊي لکيا آهن، وڏيءَ تڪليف سان خاص ڪري تڪليف واريءَ جاءِ ۾. ان لاءِ، هر پڙهندڙ تي واجب آهي تہ، ڪي نہ ڪي بيت لکيل اسان جا ياد ڪري، ڇالاءِ جو هرهڪ بيت عجيب معنيٰ، ساڻ سهڻي مطلب جي، رکندو آهي: ان لاءِ اوهان بيت ياد ڪريو. جنهن ماڻهوءَ کي هي بيت ياد هوندا، اهو ماڻهو هر هند گفتگو ۾ اهي بيت

ڪم آڻي سگهي ٿو ۽ ڪنهن بہ ڳالھ جي رد ۾ يا مثال لاءِ يا نصيحت لاءِ ڇئي سگهي ٿو. هي بيت هنن نالن وارن ڪتابن مون چونڊي ڪڍيا ويا آهن: هڪ انوار سهيلي، ٻيو حافظ ديوان، ٽيون بوستان، چوٿون گلستان. پهريون اسان انوار سهيلي جا بيت لکون ٿا:

بسم الله الرحمان الرحيم

"بحڪمت حل هر مشڪل توان ڪر،
بحڪمت ڪام دل حاصل توان ڪرد"
الخ

[صفحي 3 تي سڄي پاسي نوٽ لکيل آهي تہ]: "هتان کان اڳتي ڪاٽهين بہ وٽ تي سائي مس سان لکيل هجي، ان کي اسان جو چوڻ سمجهندا. اسان چڱا نڪتا ٿورن جملن ۾ هدايتن وانگر لکيا آهن، اوهان مريدن تي فرض آهي حڪم تي عمل ڪرڻ."

[ان بعد حاشيہ تي مس سان هيٺيان نڪتا لکيل ملن ٿا]:

(1) "سڄي تي ڪاوڙ ڪرڻ اها خراب ڳالھ آهي. اي دوست! جي سچو آهين تہ سڄي کي مانُ ڏي."

(2) "جو شخص غيرحاضر آهي، انجو حصو حاضر آهي."

(3) "اي دوست! حرص نہ ڪيو، جو حرص قاتل آهي، حريص جو حرص نہ ڪر، جي مرد آهين."

(4) "هزار عبادت هڪ گناھ جي مقابلي ۾ نيست آهي، يعني گهٽ آهي."

(5) "اي دوست! جي تون پنهنجي نفس کي پهتين تہ، گوياڪ خدا کي پهتين. اي يار! نفس کي شڪار ڪر، جو عجب شڪار آهي."

(6) "نا جنس جي دوستيءَ کون موت کي ڀلو ڄاڻ ۽ ان جي دوستيءَ ۾ ڀلو نہ ڏسندين."

(7) "علم ۽ حيا ۽ فياضي ۽ رحم- اهي مثال مان ڄاڻ: انهن شين کي هٿ کؤن نہ ڇڏ."

(8) "اي يار! پيٽ تنهنجو دشمن آهي، ان لاءِ روزا گهڻا رکي علاج پيٽ جو ڪر، جو اهو ايذاءُ بهتر آهي."

(9) "ڪوڙي جي حڪومت ڪن لمحن تائين هلي سگهندي، سچي حڪومت تاقيامت آباد هوندي. اي يار، ڪوڙ کان بچ جو (اهو) ڪئنچي ايمان جي آهي ۽ ڪوڙي تي خدا جي لعنت آهي."

(10) "اي دوست! حساب پنهنجو صاف رک، پوءِ چڪ نہ ڪر، اهو چيو ياد ڪر."

[اڳتي هڪ نوٽ]: "حافظ ديوان" جون هن ڪتاب ۾ ڪل رباعيون اسان پاس ڪري (68) اٺهٺ لکيون آهن. اهي سڀ رباعون 28 تاريخ آچر جي ڏينهن لکي ختم ڪيونسين. رتناگيري جيل ۾، مهينو جمادي الاول 1350ھ مطابق 11 آڪٽوبر 1931ع- صحي سيد پير محمد صبغت الله هاشمي جلالي، وقت ساڍا نَو."

"هي سڀ بيت [فارسي] ملفوظات حضرت روضي ڌڻي واريءَ مان اسان چوندي لکيا آهن. اوهان پڙهندڙن کي تاڪيد ٿو ڪجي تہ هنن بيتن مان ٿورا گهڻا بيت ضرور ياد ڪن، ڇالاءِ جو عجيب معنيٰ ۽ شوق ذوق رکندا آهن. لکي ختم ڪياسي، تاريخ 5 جمادي الاخر جي 1350ھ، مطابق 17- آڪٽوبر 1931ع جي، رتناگيري جيل ۾- صحي سيد پير محمد صبغت الله شاهه هاشمي جلالي راشدي حسيني شاهه مردان."

هي 'بوستان' جا بيت تاريخ 12 جمادي الآخر ڇنڇر جي ڏينهن 1350ھ جي رتناگيري جيل ۾ اسان لکي ختم ڪيا، مطابق 24 آڪٽوبر 1931ع جي. صحي سيد پير محمد صبغت الله شاهه هاشمي، جلالي، راشدي، شاهه مردان شاهه."

[صفحي 27 تي]: "هتان کان اڳتي اسان کي ڳالهيون هدايتن جهڙيون لکيون، جي ڳالهيون اوهان مريد منهنجا سچائيءَ سان پڙهندا ۽ چڱيءَ صورت لکيل حڪمن تي عمل ڪندا ۽ مطالع ڪرڻ هن ڪتاب جو، سير ڪرڻ باغ حقيقت ۾، سنگهڻ گل معرفت جي جو آهي هر ڪنهن شائق طالب لاءِ. ڇالاءِ جو ڏنهن زڪام بي ارادي

جي مغز عام خاص جو خالي آهي: جنهن ڪي جا مٿين بيماري نہ هوندي، اهو ڏنهن هنن حڪمن جي ۽ ٻين حڪمن جي بہ غافل نہ رهندو ۽ پنهنجيءَ قوت آهر ڪا ڪوتاهي نہ ڪندو.

اي دوستو! مون کي ڏنهن خزاني فراق جي انعام مليو آهي. ان انعام ۾ اوهان کي بہ حصيدار ڄاڻي سچن ۽ ايمان وارن لاءِ هي نڪتا گڏ ڪيا آهن تہ، من ڪنهن ڪي فيض رسي. اي مريد منهنجا! دل منهنجي منجهہ چنبي فراق جي آهي، مثل بلبل جي ۽ هر وقت مٿي زبان جي هي بيت وردڪندڙ آهي:

"ڪجا شد سرو من يا رب ڪ در بستان نمي بينم،
شدم مشتاق چون بلبل، گل وريحان نمي بينم.

معنيٰ بيت جي: ڪاڏي ويو سرو منهنجو، اي الله پاڪ، جو منجهہ باغ جو نٿو ڏسان مون، مون تيس سڪايل بلبل جيئن گل ۽ پوءِ نٿو ڏسان مون.

"اي يارو! اڄ دل منهنجي نہ مٿي فرش جي آهي، بلڪ مٿي عرش جي آهي. ان ڳالهہ لاءِ آيت شاهد آهي: "قلوب المؤمنين حرم الله".

هتي هي بيان ختم ٿيو، اڳتي اسان هڪ ڪافي ٿا لکون، جا اسان جي تاهيل آهي.

ٿل:

مون کي هٽي ڪو جادو سهڻا يار دک لٿي وئين،
ڪري چشمن سندو ڪو چالو، سر ساهہ ٻئي سٿي وئين.

(1)

ڪري پهريون مٿيون تو ڳالهيون، وڏئي يار دل کي دواليون،
هٽي نيڻن سنديون دوناليون، منهنجا دوست دل کي ڦٿي وئين.

(2)

تنهنجو عشق آهي قهري، مثل، ير! باز بحري،
وتي بلبل جيئن ٿو سحري، تيئن جهٽ منجهہ دل جهٽي وئين.

(3)

"صبغت الله" جي سڻ توُن زاري، ڪر ڪا توُن ستاري،
هيڪر ڏيئي ڏيکاري، تهان پوءِ منهن متي وئين.

[صفحي 28 تي حڪايت13 ]: "اي مريدو! هن وقت جو ماڻهن منجهه بيدينيءَ جي موج هلي رهي آهي، ان خراب حالت کي مدِنظر رکي، اسان ڪي ڳالهيون، ڪي بيت، ڪن ڪتابن مان چونڊي، اوهان جي فائدي لاءِ لکيون آهن. هن وقت جو سن 1350هه ۾ بجاءِ عدل جي ظلم، بجاءِ علم جي جهل ۽ بجاءِ ادب جي بي ادبي ۽ بجاءِ سچ جي ڪوڙ ۽ بجاءِ رحم جي غضب باقي رهيو آهي، اڪثر هر اخلاق موچارا، ساڻ وصفن بچڙن جي مبدل ٿيا آهن.
جيئن حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

"ابن چه شر ريست در دور عمر مي بينم،
همه آفاق پر از فتنه و شر مي بينم."

"اي دوستو! زمانو گهڻو خاصو آهي، پر ڪو خود پاڻ خاصو ٿئي، زماني کي خراب چوڻ، اها خود بيجائي آهي، زماني کي خراب چوندڙ خود پاڻ خراب آهي. زمانو خراب نه آهي، بلڪ ارڪان ماڻهن جا خراب آهن. ان لاءِ اوهان سچن ايمان وارن مريدن کي جڳائي ته جو هر نڪتو ڏنهن زبان وحي ترجمان ڏنهن پير پنهنجي ٻڌي، ان کي منجهه ورقن دل جي، حڪم مرشد پنهنجي جا لکي ۽ عمل ڪري ته فيض وارو ٿئي ۽ منهنجي دل کي خوش ڪري، جو مان چڱيءَ نيت سان هي ڪتاب ۽ ٻيا ڪتاب اوهان جي فائدي لاءِ لکيا آهن. اي يارو! علم جو آهي سو مثل گلاب جي معطر منجهه شيشي ڪتاب جي گڏ ڪري، مٿي دڪان اشتهار جي رکيو، جو مغز هر خاص و عام جو ڏيکاري ٿو، واٽ سچائيءَ جي. هي بيان هتي ختم ٿيو، ٻيو ته اسان هن ڪتاب ۾ بيت سنڌي، فارسي غزل سنڌي فارسي ڪافيون سڀ لکيون آهن، ڇالاءِ جو فارسيءَ واري چيو آهي:

"سخنهاز بدمت و از خرد مند،
نظم و نشر بايد داد پيوند."

ٻيو تہ، اسان بيتن جون معنائون ڪونہ لکيون آهن، ڇا لاءِ جو سڀ ڳالھ جي مطلب تي ظاهر آهن ۽ معنيٰ- ظاهر پئي نظر اچي ۽ جي رکون ها بيتن جي تہ جيڪر توري ڳالھ بہ وڏي تي پوي ها.

"جڳائي ڪرڻ يار تورو بيان،
ٿئي تو منجھ سڀ ڪي عيان."

[حڪايت ١٨]:

"اي مريد منهنجا! غنيمت ڄاڻو عمر پنهنجيءَ کي: ان وقت ٿوريءَ عمر جي ۾ ٻنهي جهانن جو ڪم راس ڪيو. همت پنهنجيءَ جا گهوڙا ڏنهن طرف باغيچن بهشت جي ڊڪايو ۽ پنهنجي منزل ساڻ خير جي پڄايو."

[صفحي 32 تي ۽ ان کان اڳتي "بيت سنڌي اسان جا تاهيل" جي عنوان سان پنهنجا چند بيت قلمبند ڪيا اٿن- مثلاً]

جڳائي مدامي ذڪر سان زبان،
نہ ڪوڙي دنيا جو ڪجي ڪو بيان.

سچائيءَ سندو يار ڪڻ تون قدم،
چيو ا عجيب دوست منهنجي قلم.

پنڻ تي پريو آهي پيرن زور،
پنڻ ڪم انهيءَ جو، جو گاندو لغور.

پنن پير تا پيا هميشہ مُدام،
وجي ڪن تا، ماڻهن جو گهر منجھ سلام.

رکن پِير تا دزد مثل گرگ جي،
مريدن کي پائن مثل مُرغ جي.

نہ پيرن ڪئي خلق جي رهبري،
پڳ ۾ ٻڌن ٿا ڪوڙن جي پري.

رکج يار، تون پنهنجي صاف دل،
ڪري خيال ڏس جو تون آهين امل.

دل کي تون رکج هميشہ صفا،
ڪوڙي دنيا جا ڇڏي سڀ خفا.

زبان دل جنهن جي ٿئي هڪ يار،
تنهن تان سوين سر آهين نثار.“

[صفحي 77 تي حڪايت 397 نقل ڪري، ان بعد لکن ٿا]:

”مند ڪان وٺي هيستائين جو ڪجھ لکيل آهي، سو اسان رتناگري جيل ۾ لکيو اهي. مدناپر سينٽرل جيل بنگال ۾ ڪجھ بہ نہ لکيو اٿسي ۽ اسان جيل ۾ ڪتابن تاهڙ بند ڪيو آهي. اُن جا سبب هي اهن: هڪ تہ سرڪار اوهان کي اسان جا لکيل ڪتاب نٿي ڏئي، ٻيو تہ اسان کي بہ تاهڙ ۾ تڪليف ٿي ٿئي. اُن لاءِ اسان هتي ڪتاب لکڻ بند ڪيا آهن، جي حياتي آهي تہ ٻاهر اچي لکنداسين، هتي فقط ڪتاب پڙهندا وجون ٿا ۽ جيڪي ڳالهيون يا مثال لکنا آهن، انهن تي نشان ڏيندا ٿا وجون. اُميد تہ يا اوهان يا اسان، اهي سڀ ڳالهيون گڏ ڪندؤ. _ آمين

صحي: سيد پير محمد صبغت الله شاهہ جلالي راشدي.“

[وري ڪتاب جي آخري صفحن (122 کان ڪاپي پاسي) تي ”ديوان حافظ“ مان اشعار ۽ چند اردو اشعار نقل ڪيا اٿن.]

[”مهراڻ“ _ سوانح نمبر_ 1957ع، تان ڪنيل]

Sindhica سنڌيڪا

سنڌ جو سابق آءِ جي پوليس سنڌين جي مزاحمتي سگھ جي روشن باب حُر گوريلا تحريڪ متعلق Ph.D ٿيسز جو خلاصو بيان ڪري ٿو.

انگريز C.I.D آفيسر ڪرنل فلپ حُر گوريلا تحريڪ جي متعلق اصل حقيقتن تان پڙدو کڻي ٿو.

ڪرنل وصال محمد حُر گوريلا تحريڪ جي فوجي حڪمت عملين جا تفصيل ٻڌائي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پير صبغت الله شاھ راشدي جي شخصيت متلعق تحقيق بيان ڪري ٿو.

